# محبت به قيامت به

ڪرشن چندر سنڌيڪار: بيدل مسرور بدوي



# محبت به قيامت به

(ناول)

ڪرشن چندر

سنڌيڪار: بيدل مسرور بدوي

نئون نياپو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ ڪراچي

كتاب جو نالو: محبت بہ قيامت بہ
موضوع ناول
ناول نگار: ڪرشن چندر
سنڌيڪار: بيدل مسرور بدوي
ڇاپوپهريون: ڪرزما ڊائجسٽ ( شماروجون-جولاءِ 2005ع)
ڇاپوٻيون : نومبر 2012
ڪمپوزنگ: ڪليم تونيو
ڇپائيندڙ: نئون نياپو اڪيڊمي،
D-1 سچل ڳوٺ گلشن اقبال ٽائون ڪراچي
Cell # 0346-2103811

Rs. 125/=

# ارپنا

ڪرشن چندر جي ناول
”محبت ۽ قيامت ۽“ جو ترجمو ارپيان ٿو:
سنڌي زبان جي سهڻي شخص
”امر جليل“ کي
جنهن نہ رڳو پنهنجين ڪهاڻين، ڊرامن، ناولن ۽ ڪالمن جي وسيلي،
حياتيءَ جي حسين ۽ قبيح رخ کان واقف ڪيو آهي،
پر ان جي لکڻين جي سحراسان کي،
اڙدوءَ جي فڪشن پڙهڻ کان
سنڌيءَ جي طرف
”سئچ اوور“ (Switch over) ڪرايو.

پيدل مسرور بدوي

# پبلشر جو نوٽ

وڏي وقت کانپوءِ جيئن ڪنهن پراڻي ۽ دل گهرئي دوست سان مڪاميل ٿجي. هيءَ وارتا پڻ ائين ئي آهي...

ادب ڏانهن لاڙو تہ وڏي ياءُ جي ڪتابن کي ڏسي ڏسي ٿيو پر جنهن ماڻهوءَ موهي بنهہ ماري ڇڏيو! سو هيو جناب ڪرشن چندر. تڏهن ڪرشن چندر جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ عام جام ترجمو ٿيندا هئا ۽ دڪانن تي پڻ موجود هوندا هئا، برابر ايئن جيئن هين پلن سنڌي اديبن جا ڪتاب... بلڪل ائين لڳندو هو ڄڻ ڪرشن چندر بہ 1947ع ۾ هتان لڏي ويل هندو پائرن سان گڏ لڏي ويو هجي، پر اڄ بہ هجي ڄڻ اسان جو ئي نج پچ....

ڇو جو ڪرشن جي لکڻين جي سادگي، بيان جو صوفياڻو اظهار ۽ گهڻو تڻو عام جو ڪٿائون...

ڪرشن کي پڙهي دل ۾ ويهجي ويو هو تہ هي تہ اسان جهڙو ئي آهي.

هونءَ بہ اهوئي سچ آهي تہ، رت جا رشتا ضروري ناهي تہ توڙ هلن، پر اهو سچ آهي تہ ساچاهہ جا، ڏاهپ جا رشتا بي لوپ هوندا ۽ ماڳ تائين گڏ هلندا آهن... ۽ اوکيءَ سوکيءَ پيا اڳيان پويان ٿلندا آهن.

سو ڪرشن سان سڃا ٽپ تہ پراڻي ۽ پڪي هئي پر وقت جي وهڪرن ڪٿان جو ڪٿي پڄائي يادن کي وکيري ڇڏيو...

اڄ جو ڳهڻن ڏينهن ڇا، سالن پويان ڪرشن جي ڳالهہ ڪلي تہ دل ٽڙي پئي ۽ سنبري پئي تہ هونءَ بہ ڇپايون تہ ڪتاب ٿي ٿا پوءِ يار جا ڪتاب ڇو نہ پڌرا ڪجن. جنهن جي لکٽين ڏس، ڳس ۾ پيو گهٽو ڪجهہ ڏنو هو...

سو ائين ويچاريم تہ ياد پيو: مانوارو دوست ڊاڪٽر خالد نوراني. جنهن ڪرزما ڊائجسٽ پڌرو ڪيو هو ۽ هر وار هڪ پورو ناول ۾ هڪ پوري آتم ڪٿا/ جيون چتر سان گڏوگڏ ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪهاڻيون ميڙي سهيڙي ۽ ترجما ڪرائي پيو ڪرزما کي سينگاريندو رهندو هو...

تنهن صاحب سان جو ڪرشن چندر جي ڳالهہ ڪوليم تہ ان شروعات ئي اتان ڪئي تہ، "ڪرشن تہ منهنجو آئيڊيل آهي." ۽ هن اهو پڻ ٻڌايو تہ، هن وٽ ان جا گهڻا ڪتاب موجود آهن ۽ ڪجهہ ناول هن ڪرزما ۾ ترجمو ڪرائي پڌرا ڪيا آهن ۽ ڪرزما جي هر شماري ۾ هڪ ڪهاڻي ڪرشن جي ضرور هوندي هئي.

مون ڪائنس مدد گهري تہ ڪرزمان جا هڙ شمارا ڏيڻ جو واعدو ڪيائين...
(جيڪي هن ترت ڏنا بہ) پر اڃي جو ياد پيو ڪرشن پوءِ ڪير سنڀاري دلڙي!

جيستائين دوست جو واعدو پورو ٿئي تيسين هٽندي ماربندي اها خبر بہ پئي تہ مانواري سائين بيدل مسرور بہ ڪرشن جو هڪ ناول "محبت بہ قيامت بہ" ترجمو ڪيو آهي سو سائين بيدل مسرور جو اک ڇنڀ ۾ وڃي در ڪڙڪايم ۽ عرض ڪيم تہ پلارا سائين هي خيال آهي، خوش ٿيو ۽ ڪرشن جو ترجمو ڪيل ناول جيڪو بہ ڪرزما ۾ شايع ٿيل هو آڻي ڏنائين ۽ ڀڪندو پنهنجي آفيس موٽيم ۽ رات پيٽ ۾ ناول ڪمپوز ڪرائي بيدل سائينءَ کي سافٽ ڪاپي پيش ڪيم ۽ سائينءَ بہ ترت پروف پڙهي ڏنا ۽ بنا دير هيءَ دل گهرئي سوکڙي ڇپجي پڌري ٿي پئي....

آخر ۾: ڊاڪٽر خالد نورانيءَ جي مهرباني جو ان صاحب هي ناول ترجمو ڪرايو ۽ بيدل مسرور صاحب جا ٿورا جنهن هي ناول شايع ترجمو ڪيو. ڪرڻ جي اجازت ڏني ۽ ترت پروف پڻ پڙهي ڏنا ۽ وڏي مهرباني ڪليم ٽونيي جي جنهن رات پيٽ ۾ ناول ڪمپوز ڪري ڏنو... ۽ توهان جي مهرباني جو اوهان هي ڪتاب پسند ڪيو خريد ڪيو ۽ پڙهيو... باقي پيو ڇا ڪپي اسان جا تہ ٽڪ ئي لهي ويا....

اوهان جو ساٿي

# پنهنجي پاران : محبت به قيامت به

شروع زماني ۾ ته گهڻو ڪري نسيم حجازي، ڪرشن چندر، دت ڀارتي يا ايم اسلم جا اڙدو ناول يا عصمت چغتائي، واجده تبسم، هاجره مسرور ۽ خديجه مستور جي افسانن جا مجموعا شايع ٿيندا هئا. ۽ تڏهن بنيادي جمهوريت ڪاتي وارين يونين ڪاميٽين جي لئبررين ۾ به رڳو اڙدو ڪتاب ئي پيا هوندا هئا. انڪري اسان جي پڙهڻ جي شروعات به اردو ڪتابن سان ٿي. اسان جو وچون مربي ڀاءُ لعل بخش مرحوم جيڪب آباد مان نوڪري ڪري موڪل واري ڏينهن شڪارپور گهر ايندو هو ته شاهين بوڪ اسٽور جيڪب آباد تان ناول به خريد ڪري آڻيندو هو. پڙهڻ ان شوق ۾ جمعا خان جي مڏيءَ واري يونين ڪاميٽيءَ جي لئبرريءَ مان به فڪشن جا ڪتاب وٺي پڙهندا هئاسين.

سنڌي ڪتاب به پڙهندا هئاسين، جن ۾ ناول تمام گهٽ شايع ٿيندا هئا. ڪجهه ته ورهاڱي کان اڳ جا شايع ٿيل هوندا هئا. ڪجهه سنڌي ادبي بورڊ شايع پئي ڪيا، ته ڪجهه مختلف ادارن طرفان پئي شايع ٿيا. جن ۾ به گهڻو ڪري ترجما وڌيڪ هوندا هئا. ۽ جيڪي طبعزاد ناول مون پڙهيا، انهن جي موضوعن جو ڪئنواس ايترو وسيع ڪونه هو جيترو اڙدوءَ جي ناولن جو هو. سنڌي ناول ۾ ڪردارن جي سماجي طور مايوسي ۽ رومانوي طور دل شڪستيءَ جو گهڻو اظهار

هو ان جي پيٽ ۾ اڙدو ناول ۾ طرح طرح جا موضوع پئي آيا:

نسيم حجازيءَ جا تاريخي ناول: محمد بن قاسم، اور تلوار ٽوٽ گئي، شاهين، داستانِ مجاهد، يا ڪرشن چندر جا ناول ايڪ وائلن سمندر ڪناري، غدار ان داتا، الٽا درخت، شڪست، تين غنڊي، چڙي اور گڏا، دل ڪي واديان سوگئين، جب کيت جاڳي، طوفان ڪي ڪليان، آسمان روشن هئي، ڪاغذ ڪي ناوءِ، زندگي ڪي موڙ پر، طلسم خيال، چڙيون ڪي الف ليلا، هم وحشي هين، گرجن ڪي ايڪ شام، ايڪ عورت هزار ديواني، ٽوٽي هوئي تاري، انسان اور گدها. اي حميد: جهان برف گرتي هئي، بادبان ڪول دو سمندر جاڳتا هئي، بارش ۾ جدائي، جنگل روتي هين، جنگل ڪي آگ، صحرا ڪا بادل، جهيل اور ڪنول، ناريل ڪا درخت، خوشبو ڪا خواب.

ان کان علاوه، پريم چند، سعادت حسن منٽو اي حميد، ايم اسلم، دت ڀارتي به معاشري جي رڳن کي جهليو وينا هوندا هئا، جن ۾ مون کي ڪرشن چندر وڏيڪ معياري لڳندو هو. نصابي ڪتابن ۾ ته ڊپٽي نذير جو به وڏو ذڪر ٿيل هو پر اهو مون کي ڪڏهن نه وڻيو. بس انهن سيني ۾ منهنجو فيوريٽ ڪرشن چندر ئي رهيو. سندس افسانن جي مجموعي ”نيلام گهر“ جي حوالي سان ڪيس اردو جو ٽالسٽاءِ به چوندا آهن. ۽ مان به هن جي لکڻين ۾ سماج جي ذري پرذي تي نگاهه رکڻ واري تخليقي ڏانءَ سبب ”اردوءَ جو ٽالسٽاءِ“ ئي چوندس.

ان ۾ ٿورو به شڪ نه آهي ته عصمت چغتائي، واجده تبسم يا هاجره مسرور به انساني رهڻي ڪهڻيءَ جي انهن پهلوئن تي لکيو آهي، جن تي شايد ڪو مرد ليکڪ نه لکي سگهي، انهن جي بيباڪ لکڻين سان سعادت حسن منٽو جي ڪهاڻين کي به ڳڻائي سگهجي ٿو پر مان سمجهان ٿو ته انهن سيني کان مختلف ليکڪ ڪرشن چندر آهي، جنهن زندگيءَ جي تمام گهڻن پهلوئن تي قلم کنيو آهي.

ڪرشن چندر جي تحريرن ۾ رومانيت ۽ حقيقت پسنديءَ جو نهايت عمدو رنگ موجود آهي، هن جي لکڻ جي هڪ وڏي خوبي اها آهي ته هو مختلف موضوعن تي لکڻ کان اڳ ۾ ان جي ڪردارن جي چونڊ ٿو ڪري، پوءِ انهن لاءِ اهڙي صورتحال جو بندوبست ٿو ڪري، جنهن ۾ خود ڪرشن چندر جو مشاهدو ۽ تخليقي عمل گڏجي حقيقت نگاريءَ جو ڪئنواس جوڙي ٿو وٺي. سماجي ساڃاهه سبب هن کي موضوعن، ڪردارن ۽ واقعن جي چونڊ ڪرڻ ۾ ڪا به دقت ڪانه ٿي ٿئي. وڏو ڪمال هن جو اهو آهي جو هو پنهنجي پڙهندڙن جي حلقي

ڪان بہ پوريءَ طرح واقف آهي، ۽ انهن جي ذهني ترواٽ سان گڏوگڏ انهن ۾ سماجي شعور ڪي اپارڻ جو ڏانءُ بہ هو چاٽي ٿو جنهن جو مثال هن ناول ۾ بہ جاءِ جاءِ تي ملي ٿو پر خاص طور آخر ۾ ريل جي سفر دوران ٻن هپي مردن جي "لوطي ذوق" جي حقيقت متعلق لاجواب گفتگو آندي آهي:

هن منهنجي ڳالهہ وچ ۾ ڪاٽيندي چيو: "عورت ۽ مرد جي شاديءَ جي رسم هاڻي پراڻي ٿي چڪي آهي، هاڻي ان ۾ ڪو بہ مزو نہ رهيو آهي، پر ٻن مردن جي شاديءَ جو خيال دل ۾ ڪتڪائي پيدا ڪندڙ آهي. ان جو مزو ئي پنهنجو آهي، لڳي ٿو چڻ اسان زندگيءَ جي نت نون تجربن جي وادين ۾ داخل ٿي رهيا آهيون. اصل ۾ اسان جو نسل نت نوان تجربا ڪرڻ ٿو چاهي."

"پر اخلاق؟"

"اسان جي اخلاق جا ماڻا ۽ ماپا ٻيا آهن. اسان پراڻي يورپ جي سماج جا سمورا ٻنڌڻ ٽوڙي ڇڏيا آهن."

مون چيو: "اسان جي سماج جا ماڻا ۽ ماپا اوهان ٽوڙي سگهو ٿا. پر فطرت جي قانون کي ٽوڙڻ ناممڪن آهي. ان شاديءَ مان ٻار پيدا نہ ٿا ٿي سگهن، گهر نہ ٺهي سگهي، خاندان جو بنياد ن ٿو پئجي سگهي!"

"گهر ڪير ٿو ٺاهڻ چاهي!" اهو نازڪ بدن هپي چوڻ لڳو "ٻار ڪنهن کي گهرجن؟ هن جهان ۾ اڳ ئي انساني آبادي وڌي وئي آهي. دوزخ ۾ پوي خاندان، اسان کي اسان جي جنسي آزادي گهرجي."

هڪ ٻي ڳالهہ جا ڪرشن چندر جي ناولن جي سنائيءَ جو سبب آهي، اها آهي هن جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ تي دسترس:

- مون اسٽيشن جي پٽ تي لڪيل هيڊي رنگ جي حرفن کي ڏسندي چيو! "هيءَ پنسارا جنڪشن آهي"!
- اسٽيشن جو نالو منگل ڪٽا هو. سنگ مرمر جون وڏيون وڏيون سرون ۽ تختا، ڪاٺيءَ جي شهتيرن جيان هڪ ٻئي مٿان اوساريل هئا.
- دور هماچل جي ڪنهن واهڻ ۾ يا ڪنهن جهنگل جي ڪناري، مان زمين خريد ڪري فارم ٺاهيندس.
- پوپال کان ويهن ميلن تي بابا گوري سهاڻي جي سماڌي آهي.
- مان نيپال جي جهنگلن ۾ ڏاڍو رليو آهيان.
- شپرا (شهپارا) جنڪشن، تمام پري کان شهپارا جو قلعو هو. مون شهپارا کان جير آباد تائين واري بيابان کي اٺن تي پار ڪرڻ کان ريل

گاڏيءَ ۾ سفر ڪرڻ بهتر سمجهيو.

- پار پيا ڳوٺ جو رهندڙ آهيان, اتان ڪان توکي ڪواڙيءَ جي قلعي جو رستو ٻڌائي ڇڏيندس. " سرينيءَ جي پهاڙن طرف اسٽيشن کان, ڏوليا کان ۽ اهو ننڍيو ۽ سڌو رستو آهي."
- ڏوليا نديءَ جو تيزيءَ سان وهندڙ پاڻي نظر اچي رهيو هو ۽ئي ڪناري تي ڏوليا بستي هئي.

هن جي لکڻين تي بين الاقوامي سياست جو به وڏو اثر هو ۽ ان ڪري هو انهن ماڳن, ڪردارن ۽ واقعن کي اهڙي انداز سان پيش ڪري ٿو جو اهي هلندڙ زماني جي مسئلي جو حقيقي حل تلاش ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا:

آيا ٿورو اڳيرو ٿيندي پنهنجي هٿ سان منهنجي هٿ کي پڪڙيندي چيو:"اسان هتي چو نه ٿا رهي سگهون؟ ستن سالن تائين, تون "ڪلڪته سن" جو ايڊيٽر رهيو آهين, پنجن سالن تائين مان ان جي ايڊيٽر رهي آهيان, چونه اسان ٻئي گڏجي هڪڙو رسالو ڪيون, گڏ رهون, گڏجي ڪم ڪريون!"

"۽ گڏجي تباهه ٿيون!" مون هن کي چيو.

"تون هر ڳالهه کي منفي رنگ ۾ ڇو وٺندو آهين؟" آيا شڪايت واري لهجي ۾ مون کي چيو.

"اڄڪلهه ڪلڪتي تي منفي رنگ ڇانيل آهي, ان ڪري مان به ان رنگ ۾ ڳالهايان ٿو شخصي پيچ ڏاهه بندوق جون ناليون, ٽئگور کان انڪار انقلاب ته عوام جي مُنڍيءَ ۾ هيري جي ٻُڙي وانگر جڙيل هوندو آهي, اهو عوام کان ڏهه ميل پري پهچڻ سان ته حاصل نه ٿيندو آهي آيا ڊارلنگ"

ڪرشن چندر پنهنجي ناولن ۾ پڙهندڙن لاءِ جستجو جو عنصر تمام گهڻو پيدا ڪندو آهي. خود هن ناول ۾ هن جي ڪهاڻي گهڙڻ, ان ۾ مختلف موڙ پيدا ڪرڻ, منظر نگاري, تشبيهون, واقعن جو سلسلو ڪردار ۽ انهن جي گفتگو پنهنجو هڪ نرالو رنگ رکن ٿا:

ڪرشن چندر وٽ منظر نگاريءَ کي ڀرپور نموني پيش ڪرڻ جو سبب خاص اهو ئي آهي بقول شخصي: "هن جو ننڍپڻ ڪشمير ۾ گهڻو فطرت سان گذريو هو ۽ هو فطرت کي ئي پنهنجو دوست سمجهندو هو.

## منظر نگاري :

ٻن پهرن تائين اسان ٻارنهن ڪوهه سفر طئي ڪيوسين, ٿورو آرام ڪرڻ

لاءِ رستي ۾ هڪڙي ڳوٺ جي پرسان ڪوهه وٺ تهيل بانس جي لڪڙن واري جهوپڙي ۾ ليٽي پياسين. هتي انبن جا ڪجهه وڻ هئا, ڪي ڄمونءَ جا, ڪجهه وڻن مان املتاس جون ڦريون پئي لڙڪيون, انهن جي پرسان ئي نانگ جي ڦڻ جهڙا ٿوهر بيٺا هئا. بانس جي جهنڊ جي وبجهو نار جي ڪنجڙاٽ ۾ جوٽيل وهٽ ڦري رهيو هو جنهن کي هڪڙو هاري ڇوڪرو بانس جي ڇڙيءَ سان هڪلي رهيو هو. ۽ ٻنيءَ کي پاڻي ڏئي رهيو هو. صديون پراڻو منظر, نار جي رون رون جي باوجود گهري سانت.....سمهي پئي....ڪجهه به ناهي بدليو....سمهي پئي ڪجهه به ناهي بدليو....ٿورو پريان وڻن جي جهڳٽن ۾ گهيريل هڪڙي ڳوٺ جون ڇتيون, ڪجهه ڪچا گهر, ڪي پڪا گهر, ڪٿي ڇپر ته ڪٿي ڪپريل...!

ڪرشن جو چوڻ آهي ته:" فطرت ۾ تخليق به آهي ته تخريب به, وحشت آهي ته سڪون به, اندگيءَ جي اها مفاهمت جڳن کان هلندي ٿي اچي, ان حوالي سان سندس ڪردار نگاريءَ ۾ ان جي جهلڪ نمايان آهي:

"ڪيڏي مرد مار عورت آهي. مگر اڳي ائين نه هئي, "رونق سنگهه مون کي ڏيمي انداز ۾ ٻڌائڻ لڳو." جيستائين پوڳلو حلوائي زنده هيو هوءَ ان جي وفادار زال ئي هئي, ڪا به ڳالهه ڪانه ٻڌيسون, پر حلوائيءَ جي مرڻ کانپوءِ جڏهن هن کي پنهنجي ننڍڙي پٽ کي پالڻو پيو ته هن هيءَ دڪان سنڀالي ورتو تڏهن کان ڪيس ٻاهرين دنيا سان به واسطو پيو ته هوءَ به هن شڪاري دنيا سان گڏ شڪارڻ ٿي وئي. اسٽيشن تي سيئي هن کان واقف آهن, سيئي هن کان ڏڄندا آهن, پوليس وارن کي ته هن مٺ ۾ بند ڪري رکيو آهي, ۽ ڪيترن ڏاڙيلن سا به هن جو تعلق آهي, وڏي جهٽڪي واري عورت آهي."

ڪرشن چندر واقعي مان واقعو ناهڻ, هلندڙ صورتحال کي موڙ ڏيڻ جو به ماهر ڪاريگر آهي, ڪهاڻيءَ جي پلاٽ ۾ وٺس هر لمحي پڙهندڙ جي تصور ۽ نفسيات جي حوالي سان موڙ ڏيڻ جو فن آهي, ان ڪري پڙهندڙن ۾ به اهڙين تبديلن سبب جستجو وڌڻ لڳي ٿي:

"مون کي شڪ ٿي پيو هو ته منهنجي ڏير منهنجي محبت ۾ جذباتي ٿي منهنجي مڙس کي قتل ڪيو آهي, پر مون ان ڳالهه جو به رڳو شڪ هو پر اهو پوءِ يقين ۾ بدلجي ويو جڏهن...جڏهن...!"

چوندي هوءَ هڪدم چپ ٿي وئي.

"تڏهن ڇا ٿيو هو؟"

"جڏهن منهنجي ڏير, منهنجي مڙس جي مرڻ کان اٽڪل ڇهن سٽن مهينن

ڪانپوءِ مون تي هٿ ڪنيو هوا!"

"هٿ ڪنيو هو يعني ماريو هو؟"

"نہ مون کي بي آبرو ڪيو هو. هڪ رات هڪ طوفاني رات جو هو منهنجي ڪمري ۾ گهڙي آيو ۽ هن انتها درجي جي بي حيائي ڪري منهنجا گل ڦل لاهي ورتا. پاڇائيءَ جي رشتي جي نافرماني ڪري هن منهنجي عزت...."

ڪرشن چندر وٽ سٺن ڪردارن جي سٺائي ۽ سونهن سان گڏ بد ڪردارن جي خباثت ۽ بڇڙائيءَ کي پيش ڪرڻ جو انداز بہ ايتري قدر نرالو آهي، جو هڪدم ان جو تصور اکين آڏو تري اچي ٿو:

- اها سهڻي عورت، اسان جي سامهون ويٺل سيٽ جي قدمن وٽ ويٺي هئي. بندرو قد، نراڙ تي جهومر، مٿي تي رئي جو پلئُ شرم حياءَ جي تصوير، پر ڪيتري نہ سهڻي، جنهن جي سونهن ڏسڻ سان، ڏسڻ جي بک اجان بہ وڌندي محسوس پئي ٿي.
- هن جي سخت ۽ نفرت ڏياريندڙ چهري تي گهاٽيون ڀرون هيون، جن جي هيٺان ڳاڙهين ڏونرن واريون اکيون. سوڙهي پيشاني، ٿلها چپ ۽ مضبوط ۽ ويڪرو سينو. ڪنن جي هيٺان ڳلن تائين پڪڙيل نوڙيءَ وانگر وٽيل گهاٽيون مڇون. هو پيرن کان نهن جي چوٽيءَ تائين پڪو پڪو ڏاڙيل نظر اچي رهيو هو.

تشبيهون:

- هر شيءِ ۾ وات وجهڻ ۽ کائڻ جو شوق بہ مينهن وارو هوس،
- چمبيليءَ جهڙي، اڇي رنگ واري نازڪ مکڙيءَ جهڙي،
- سوسوڙيءَ جيان، سِي سِي جهڙي آواز جهڙا سندس ٽهڪ.
- سج پڏي ويو ۽ نيري آسمان جو شيشو صاف ٿيندو ويو.
- مٽيءَ ۽ چيٽي جي بوءِ ۾ گل جيان مهڪندڙ ڪنهن جا ٽهڪ.
- هن جي نرم نازڪ هٿ جون ميڻ جهڙيون آڱريون، منهنجي من ۾ شمعن جيان ٻري رهيون هيون.
- هن جي بدن مان پنگ جي بوءِ اچي رهي هئي، شايد اها پنگ جي نہ پر سندس بدن جي خاص بوءِ هئي.

ڪرشن چندر جي هن ناول ۾ منظر نگاريءَ جو هڪ عجب طلسم اهو آهي، جو ان کي پڙهندي ان جا ڪيترا ئي منظر چڻ ڏٺل ڏٺل ٿا ٿي پون. پڙهندي

پڙهندي اصل، سنڌ جي وسين واهڻن، ڍورن، نارن، واريءَ جي دڙن ۽ پهاڙي سلسلن جو تصور ﭘﺮ ڪوئجي ٿو ويجهي، خاص ڪري ﭘﻨﺴﺎﺭﺍ جنڪشن پڙهندي منهنجي اکين اڳيان "حبيب ڪوٽ" واري جنڪشن اسٽيشن اچي وئي، ساڳيءَ ريت ﭘﻴﻦ اسٽيشن متعلق تصور گوسڙجي اسٽيشن کان لهي واه جي ڪڙَ سان باگڙجي ٿو وئي هلي.

- "هماچل" جا واهڻ، جڻ سيوهڻ ۽ ڪاڇي جا واهڻ هجن، ۽ "واهڻ" جڻ "خانواهڻ" هجي، بخشاپور هجي، ۽ ڪنهن "جهنگل" جو تصور ﭘﺮ مان ته الله بچايو مرٽاس مرحوم سان جڻ گهوٽڪي ۽ ميرپور ماٿيلي جي پاسي پيو هلندو وڃان.
- ڀوپال کان ويهن ميلن تي بابا گوري سهاڻي جي سماڌي جو خيال انهيءَ ٽي پل مون کي ادل سومري، اياز عالم سان گڏ اروڙ واري ڪالڪا جي مندر ڏانهن وٺي ويو.
- شهپارا کان جير آباد تائين واري بيابان وري، ننديڻ ﭘﺮ ڪيل ڊيرا جمالي کان ڳڙهي خيري وارو بيابان ياد ڏياري ڇڏيو.
- "پار پيا" جڻ "پريالو" هجي، ۽ ڪوارڙيءَ جي قلعي جو تصور ته سڌو سنئون "ڪوٽ ڏيجي" گهمائڻ ٿو لڳي، ۽ "سرينيءَ جي پهاڙن" ۽ ڏوليا وارو اهو رستو جڻ آڳر جهلي سيوهڻ کان لاهوت وٺي ٿو هلي.

انهن ۽ اهڙين ڪيترين ئي ﭘﻴﻦ خوبين جي ڪري ڪرشن چندر اردوءَ ﭘﺮ منفرد مقام ته رکي ئي ٿو پر هو پنهنجي منظرنگاري، معاشرتي عڪاسي، ڪردارن کي پيش ڪرڻ جي طريقي، وقت ۽ جاين جي مٽا سٽا، ڊرامائي انداز جي مڪالمن، ڪهاڻيءَ جي فني سٽاءُ جي ڪري سنڌي پڙهندڙن ﭘﺮ ﺑﻪ اوترو ئي مقبول آهي، اهو سبب آهي جو هن جا ڪيترا ناول سنڌيءَ ﭘﺮ ﺑﻪ ترجمو ڪيا ويا آهن.

مون ﺑﻪ شروع زماني ﭘﺮ ترجما ته اردوءَ تان ئي ڪيا، ۽ منهنجي انهن ترجمن کي سارا هيندي مرحوم شفيع محمد "اوج" علوي (شڪارپوري) چوندو هو ته ترجما ڪرڻ، طبعزاد لکڻ جي مشق سان گڏ پنهنجي ٻوليءَ جي خدمت ﺑﻪ آهي."
انهيءَ خدمت جي جذبي تحت مون اردوءَ ۽ انگريزيءَ تان ڪافي ترجما ڪيا آهن:

- هيري جي چوري (جاسوسي ڪهاڻي، اردو تان ترجمو) روزاني خادم وطن حيدرآباد 07. مارچ 1967ع.

- ٻار ۾ ڪوڙ (نفسياتي مضمون، اردو تان ترجمو) ماهنامه اديون ڪراچي سيپٽمبر 1970ع.
- سپنن جو سنسار (خوابن جي نفسيات: انگريزيءَ تان ترجمو) ٻه قسطون، ماهوار پروڙ ڪراچي نومبر، ڊسمبر 1989ع ۽ اپريل 1990ع.
- حقيقت ۽ آزادي (فلسفو اردو تان ترجمو) ٻارهن قسطون روزانو جاڳو ڪراچي، 23 آگسٽ کان 2 سيپٽمبر 1995ع.
- عربي شاعري نئين دور ۾ (اردو تان ترجمو) ماهوار مومل ڪراچي، جولاءِ 1997ع.
- محبت به قيامت به (ڪرشن چندر جي ناول جو ترجمو قسطوار) ماهوار پرک ڪراچي، آڪٽوبر، نومبر 2004ع ۽ جنوري، فيبروري 2005ع.
- ڪرسمس جو بهشتي وڻ (دوستو وسڪي جي ڪهاڻي، انگريزيءَ تان ترجمو) ماهوار ڪرزما ڊائجيسٽ ڪراچي، جون، جولاءِ 2005ع.
- نجوميءَ جو ڏينهن (آرڪي نارائڻ جي ڪهاڻي، انگريزيءَ تان ترجمو) ماهوار ڪرزما ڊائجيسٽ ڪراچي، آڪٽوبر 2005ع.
- محبت به قيامت به (ڪرشن چندر جي ناول جو ترجمو) ڪرزما ڊائجيسٽ ڪراچي، جون، جولاءِ 2005ع.
- ڪلوپيٽره (ناول، اردو تان ترجمو) ڪرزما ڊائجيسٽ ڪراچي، آگسٽ 2005ع.
- "سپنن جو سنسار (ايمل اِي گوٿائيل جي Hand Book of Dream Analysis جو ترجمو) سنڌي ادبي بورڊ 2007ع.
- هن زماني جو هڪ ڏينهن، (گارشيا مارڪئيز جي ڪهاڻي، انگريزيءَ تان ترجمو) ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو جولاءِ، ڊسمبر 2007ع.
- مون ته لڳائي سپني ول: نجيب محفوظ جا خواب، (اردو تان ترجمو. ٻه قسطون) ماهوار پرک ڪراچي، اپريل، مئي 2010ع.
- پيبلو نرودا جي آتم ڪهاڻي (اردو تان ترجمو) ماهوار پرک ڪراچي، مئي 2010ع.

انگريزيءَ تان سڌو سنئون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ مون کي سائين امداد حسينيءَ سمجهائيندي چيو هو تہ: " انگريزيءَ تان اردو التو ثيل کي وري سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪبو تہ ان ۾ ڪافي ڪميون رهجي وينديون. بهتر آهي تہ ماٺهو انگريزيءَ تان ترجمو ڪري."

ان ڪري هاڻي مون ڪجهہ انگريزي ڪتابن تان ئي ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو آهي. جيڪي ڪجهہ اڻ پورا ۽ اڻڇپيل بہ آهن. جن تي ڪم ڪري رهيو آهيان:

- سٺو دوست (ليو شائوچي جي ڪتاب How to be a Good Communist جو ترجمو انگريزيءَ تان).
- پيهي جان پاڻ ۾ (پائلو ڪوهلو جي ناول الڪيمسٽ جو ترجمو انگريزيءَ تان).
- تزڪ تيموري (زبيده ڏوسل جي انگريزي ڪتاب جو ترجمو).
- شخصيت جو انتظام (فرائيڊ جي ليڪچر جو ترجمو انگريزيءَ تان).
- منهنجو داغستان (رسول همزاتوف جي ڪتاب جو ترجمو انگريزيءَ تان)
- خوابن جي تشريح: سگمنڊ فرائيڊ جي ڪتاب The Interpretation of Dreams جو ترجمو(جيمس اسٽرئچي جي انگريزي ترجمي تان).

ڪرشن چندر جي هن ناول جي ترجمي ڪرڻ ۾ مون سنڌي زبان جي تقدس کي قائم رکڻ جي ڪوشش تہ وڏي ڪئي آهي، پر ان هوندي بہ ڪٿي ڪا ڪمي ڪوتاهي رهجي وئي هجي تہ معذرت خواه آهيان.

بيدل مسرور بدوي

ڪراچي سنڌ
04. 11. 2012ع

# محبت به قیامت به

## (ناول)

مجبوريءَ ۽ لاچاريءَ کي ڏسي، سندس خدمت ڪرڻ تي آماده ٿيو هوس. ٿورڙي چرپر تي، بلڪ هٿ وڌائي رڳو ٿرماس کڻي سگهڻ جيتري معمولي چرپر تي به هن کي ايساهي ونيو ٿي وئي، جنهن تي تڪليف وري مون کي پئي ٿي، ان ڪري مان سندس خدمت ائين پئي ڪئي، جيئن جانورن جو ڊاڪٽر ڪنهن زخمي جانور جي خدمت ڪندو آهي.

مون اسٽيشن جي پٽ تي لڪيل هيڊي رنگ جي حرفن کي ڏسندي چيو!

”هيءَ پنسارا جنڪشن آهي“!

اهو نالو پڙهي ٿي هن جي اکين ۾ روشني اچي وئي. سندس ڪُوئي جهڙيون ننڍڙيون ننڍڙيون اکيون بجليءَ جي بلبن جيان چمڪڻ لڳيون!

چوڻ لڳو: ”هتان جا ڏهي پلا بيحد مزيدار هوندا آهن، بابو مهرباني ڪري مون لاءِ هڪ رپئي جا ڏهي پلا ته ونجان!“

هن وڏي مشڪل سان کيسي ۾ هٿ وجهي هڪ رپئي جو نوٽ ڪڍيو!

مون چيو: ”پن رپين جا چونه وٺان، جو ٿوري دير ۾ وري گهرندين!“

کائڻ پيئڻ جي معاملي ۾ هيلتائين مون کي هن جي هيچي ۽ پيٽوڙي هجڻ جو اندازو ٿي چڪو هو.

مان هن جي شڪل جي ڪشمڪش پڙهڻ لڳس. منهنجي ڳالهه هن کي وٽي هئي پر کيسي مان ٻيو رپيو ڪڍڻ هن لاءِ ڏکيو هو ۽ انهيءَ ڏکيائيءَ کان بچڻ پئي چاهيو. ٻن رپين جي ڏهي پلن جي شوق ۽ کيسي مان ٻئي رپئي ڪڍڻ جي پريشانيءَ جا ٻئي احساس هن جي شڪل تي اُس ۽ ڇانوَ جيان نظر اچڻ لڳا.

مون هن جي مشڪل آسان ڪندي چيو: ”ٻيو رپيو پوءِ ڏجان، في الحال مان پنهنجي پئسن مان ٿو وٺي اچان.

ٿلهي شخص جي شڪل تي اطمينان ۽ سڪون جا آثار نمودار ٿيڻ لڳا، مگر منهنجي پرسان ويٺل فوجيءَ جي چهري تي ڪاوڙ جي ڪيفيت پيدا ٿيڻ لڳي. هن ٿلهي شخص کي چيو:

”ٻين کان ڪم وٺندي توکي شرم نه ٿو اچي، جيڪڏهن پنهنجو ڪم پاڻ ڪرين ته ايترو ٿلهو به نه هجين.“

”توکي ڇاهي؟“ ٿلهو شخص ڪاوڙ ڪندي چوڻ لڳو: ”توکي ته ڪنهن ڪم لاءِ ڪونه ٿو چوان؟ جنهن کي چوان ٿو اهو جيڪڏهن خوشيءَ سان ڪري ٿو ته تنهنجو ڇا ٿو وڃي؟“

”مون کي ڪو ڪم چئي ته ڏس!“ فوجيءَ به پنهنجو غصو ڏيکاريندي چيو.

جنهن کان پوءِ هن پنهنجي بندوق جي ڪنداخ تي هٿ ڦيريندي چيو: ”تو جهڙن ڪمر چورن ئي هن ديش جي حالتن کي بگاڙي ڇڏيو آهي، ڪم ڪندا ڪونه. بس ويهي کائيندا ۽ ٻين تي حڪم هلائيندا!“

ٿلهي شخص پنهنجي منهن تي اخبار رکي ڇڏي.

فوجي چوڻ لڳو: ”اهڙي ئي خدمت ڪرائڻ جو شوق اٿئي ته ڪنهن نوڪر کي ساڻ ڪٿي نڪرين ها!“

ٿلهي شخص اخبار منهن تان هٽائي چيو: ”منهنجي زال اينڊ ڙاسٽيشن کان سوار ٿيندي!“ ايترو چئي هن وري اخبار پنهنجي منهن تي رکي ڇڏي.

مان ڪُوپي منجهان نڪري آيس. ڪاريڊار مان ٿيندي بوگيءَ مان ٻاهر اچي ڏهي ٻلي واري جي ريڙهي تائين وڏي مشڪل سان پهتس. ريڙهي تي تمام گهڻي رش لڳل هئي پر ٻن ريبين جا ڏهي ٻلا ٻُڌي، ٻين سمورن گراهڪن کي ڇڏي ريڙهي واري مون کي هڪ دوني ۾ ڏهي ٻلا ڏئي ٻه ريبيا وٺي ورتا. جڏهن ڏهي ٻلي واري وٽان هلڻ لڳس ته بيٺل ڪيترائي گراهڪ مون کي ڪاوڙيل نگاهن سان ڏسڻ لڳا. ايتري ۾ ريل جي سيٽي وڄي!

گاڏي هلڻ لڳي ته ڊوڙندي، سهڪندي آخرڪار مان پنهنجي بوگيءَ ۾ سوار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. واپس ڪوپي ۾ پهتس ته فوجي جو نراڙ اجا تائين چڙهيل هو ڪاوڙ کان هن جي نراڙجون لڪيرون به گهريون ٿي ويون هيون. مون دونو دريءَ جي هيٺان واري ٽيبل تي رکيو ٿلهو شخص گهڻو زور ڏئي ۽ ڪنهن حد تائين منهنجي مدد سان اٿي سيٽ تي ٽيڪ لڳائي ويهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. چند منٽن تائين هو سهڪندو رهيو پر جيستائين سهڪندو رهيو تيستائين سندس نظرون ڏهي ٻلن واري دوني ۾ ڪتل رهيون.

جڏهن سندس سهڪو هلڪو ٿيو ته هن نگاهن جي اشاري سان مون کي ٻنهي برتن جي وچ ۾ دريءَ هيٺان لڳل ميز تان دونو ڪٽي ڏيڻ لاءِ چيو.

ڏهي ٻلن وارو دونو ٿلهي شخص جي هٿ ۾ ڏئي مان فوجيءَ جي پرسان ويهي رهيس. اسان ٻئي ٿلهي شخص کي ڏهي ٻلا کائيندي ڏسڻ لڳاسين. هو وڏي شوق سان ڏهي ٻلا کائڻ ۾ مشغول هو هاڻي نه هو منهنجي طرف ڏسي رهيو هيو نه ئي فوجيءَ جي طرف!

فوجيءَ مون کان پڇيو: ”هي تنهنجو ڪو مائٽ آهي؟“

مون انڪار ۾ مٿو لوڏيو.

”ڪو دوست؟“

مون وري بہ انڪار ۾ مٿو لوڏيو.

”چاڻ سڃاڻ وارو؟“

مون مرڪندي فوجيءَ کي چيو:

”هن ترين ۾ ئي هن سان ملاقات ٿي آهي.“

”تہ پوءِ ايڏي محبت سان هن جي خدمت ڇو ٿو ڪرين؟“

”بس انسانيت جي ڪري“

فوجيءَ هڪدم پڙڪو ڪائيندي چيو:”تہ انسانيت جي ڪري منهنجي بوٽن کي پالش بہ ڪري وٺ!“

فوجيءَ پنهنجا پير منهنجي طرف ڪري ڇڏيا.

مون هن جي پيرن کي زور سان ٺڏو ڏئي ڇڏيو.

فوجيءَ جو هٿ هڪدم پنهنجي رائيفل تي پيو ان کان اڳ ۾ جو هو اها رائيفل ڪڍي ها. ٿلهي شخص خالي دوني طرف ڏسندي وڏي حيرت مان چيو:

”هي تہ.....هي تہ تمام گهٽ ٿي پيا.“

مون کي بي اختيار کل اچي وئي, فوجي بہ بي اختيار کلي وينو هن جو هٿ رائيفل تان هٽي, سمجهائڻ واري انداز ۾ ٿلهي شخص ڏانهن ڪڇي ويو:

”ايترو نہ کاءُ. نہ کاءُ ايترو!“

فوجيءَ جي آڱر ٿلهي شخص جي پيٽ طرف اشارو ڪرڻ لڳي, ”پيٽ ڦاٽي پوندءِ... مري ويندين.“

ٿلهو شخص چوڻ لڳو:”منهنجو جسم توهان ٻنهي کي ملائڻ ڪانپوءِ بہ توهان ٻنهي کان ڇئوٽون وڏيڪ ٿيندو, ان ڪري هن پيٽ کي ايتري ئي خوراڪ گهرجي.“

”ءِ ملڪ ۾ ڏڪر پيل آهي.“ مون هن کي سمجهائيندي چيو.

فوجي چوڻ لڳو:”ءِ هن کي ڏسي, لڳي ٿو تہ اهو ڏڪر ڇو پيو آهي!“

فوجيءَ مون کي چيو:”توهان جهڙن نيڪ ماڻهن ئي هنن سيٺين جون عادتون بگاڙي ڇڏيون آهن, هاڻي هن دنبي کي ئي ڏس, آڱرين ۾ قيمتي هيرن جون پوربون ٿي منديون پاتيون اٿائين, ڪا بہ مندي چاليهن هزارن کان گهٽ نہ هوندي, پر هڪڙو نوڪر ساڻ نہ ڪنيو اٿائين!“

سيٺ چوڻ لڳو:”ايندڙ اسٽيشن تي منهنجي زال ايندي“

فوجي چوڻ لڳو:”اها بہ تو کان گهٽ نہ هوندي, ڏهن مڻن جو لاش هوندي!“

غصي کان سيٺ جو چهرو تپڻ لڳو ڪوئي جهڙيون ڇنجهيون چمڪندڙ

اڪيون. ڪنوڻ وانگر پرڻ لڳس ۽ چپ پيڪوڙجي ويس.

فوجي ڪيس تنگ ڪرڻ جي ارادي سان چوڻ لڳو:"مون ڏٺو آهي تہ ٿلهن ماڻهن جون زالون. پنهنجي مڙسن جيان گوپيءَ جو گل تي ويندڙيون آهن."

سيٺ جا چپ ڏڪڻ لڳا. پر ڪجهہ ڪڇي نہ سگهيو جو فوجيءَ پنهنجو هٿ رائفل تي رکي ڇڏيو هو.

مون فوجيءَ کي چيو:"ڪاوڙ ڇڏيو ايندڙ اسٽيشن تي هن جي زال اچڻ واري آهي. اها هن کي سنڀالي ويندي."

"پر تيستائين هي توکي ڪو بہ ڪم چوي، تون نہ ڪر. هن کي پاڻ کي ڪرڻ ڏي."

"ٺيڪ آهي، هاڻي ايئن ئي ٿيندو." مون فوجيءَ کي چيو ۽ پوءِ ٿوري دير بعد لهجو بدلائي، مون هن کان پڇيو:"ڪٿان پيا اچو؟"

"ٻن مهينن جي موڪلن سبب گهر پيو وڃان."

"فوجيءَ جو چهرو گهر جي خوشين جي خيال سبب چمڪڻ لڳو.

پوءِ هن مون کان پڇيو:"تون ڪٿان پيو اچين؟"

مون چيو:"مان ڪلڪتي کان پيو اچان هڪ اخبار ۾ ايڊيٽر هوس، پر اخبار بند ٿي وئي!"

"ها اڄ ڪلهہ ڪلڪتي ۾ وڏي گڙٻڙ آهي." فوجي چوڻ لڳو.

"ابا گڙٻڙ جي ڪهڙي ڳالهہ ٿا ڪريو" ٿلهو شخص اسان جي گفتگو ۾ دلچسپي وٺندي چوڻ لڳو:"مان پاڻ ڪلڪتي مان ڀڄي نڪتو آهيان. نڪسلين نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو هو مون خود ڪلڪتي وارو سارو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي ڀوپال ۾ نئين فيڪٽري هڻندس. ڪلڪتي ۾ تہ جيئڻ جنجال آهي، اسان جا اٺ ڏهہ ڀائيبند بہ ڪلڪتي مان اسان سان گڏ نڪتا. ڪو بمبئيءَ ويو تہ ڪو مدراس، ڪو ترانڪور تہ ڪو ڪانپور. مان ڀوپال پيو وڃان.....ٿورو ٿرماس مان پاڻي تہ ڏجانءِ."

ٿلهي شخص وڏي عاجزيءَ وچان مون ڏي نهاريندي چيو. مان اٿڻ وارو ئي هوس تہ فوجيءَ هٿ جي اشاري سان مون کي روڪي ورتو. ٿلهي شخص، فوجيءَ جو اشارو سمجهندي مون کي ٻيهر ڪجهہ بہ نہ چيو. ٿوري دير هو خاموش ئي رهيو پر پوءِ هن پنهنجي پوري طاقت گڏ ڪري پرسان واري ديوار تي لڙڪيل ٿرماس لاهي ورتو ۽ ان کي کولي ان مان پاڻي پيئڻ لڳو.

ٿرماس اڌ خالي ڪري هن ان کي ٻيهر بند ڪيو ۽ ان خوف کان تہ وري ٻيهر

اچ لڳي ان ڪري هن ٿرماس کي سيٽ تي پنهنجي ئي پرسان رکي ڇڏيو. ان سموري ڪوشش جو نتيجو اهو نڪتو جو هن جو ساهه پرجي آيو. سندس سينو ڌنوڻ جيان ڌنوڻ لڳو ۽ چهرو پگهر ۾ ٻڏي ويس. هن پنهنجي قميص جي ٻانهن سان منهن تي آيل پگهر اگهيو پوءِ اخبار پڙهڻ ۾ لڳي ويو.

ڪيتري دير تائين ڪوپي ۾ خاموشي ڇانيل هئي. گاڏي ڪٽاڪٽ ڪٽاڪٽ ڪندي هلي رهي هئي. ٿلهي شخص کي اخبار پڙهندي پڙهندي گهيرٽ اچڻ لڳا. فوجي کيس ڪاوڙ مان نهاريندو رهيو.

ٿلهو شخص ننڊ سبب بيهوش ٿيندي چوڻ لڳو:"مون کي ننڊ پئي اچي. مونکي برٿ تي ليٽڻ ڏيو."

"ته ليٽي پئو!" فوجيءَ چيو.

"مان پاڻ نه ٿو ليٽي سگهان. هن بابوءَ کي چئه ته منهنجي مدد ڪري."

"نه هي تنهنجي ڪابه مدد نه ڪندو. تون ڪوشش ڪري پاڻ ئي پنهنجي برٿ تي ليٽي پئه."

ٿلهي شخص چو طرف پکڙيل پنهنجي جسم جي گوشت ڏانهن نهاريو. پوءِ ليٽڻ جي ڪوشش کي ناممڪن سمجهي هو ويٺي ويٺي ئي جهوٽا کائڻ لڳو.

مون کي مٿس ترس پئي آيو پر فوجيءَ جو هٿ منهنجي ڪلهي تي مضبوطيءَ سان رکيل هو. مان ٿلهي شخص تان نگاهون هٽائي ڇڏيون ۽ دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳس.

ڪا اسٽيشن ويجهي پئي آئي. آئوٽر سگنل به گذري ويو ته گاڏيءَ جي رفتار به گهٽجي وئي. گاڏي اسٽيشن جي وارڊ ۾ داخل ٿي رهي هئي، جنهن ڪانپوءِ اسٽيشن جو پهريون وارڊ نظرن مان گذري ويو.

ان اسٽيشن جو نالو منگل ڪتا هو. سنگ مرمر جون وڏيون وڏيون سرون ۽ تختا، ڪاٺيءَ جي شهتيرن جيان هڪ ٻئي مٿان اوساريل هئا.

گاڏي بيهي رهي. شور، حرڪت، گهماگهمي ، هڪ ٻئي ۾ وچڙندڙ آواز. ڪجهه منٽن کان پوءِ هڪڙو قولي سامان کنيو اسان جي ڪوپي جي سامهون بيهي رهيو ان سان گڏ ڏهن ٻارهن سالن جو هڪڙو ٻار به هو.

"اچو اچو ڪمل." اسان جي ڪوپي واري سيٽ کيس اشارو ڪندي چيو "مان هتي آهيان هن ڪوپي ۾!"

ڪجهه گهڙين کان پوءِ هن ڪوپي ۾ افراتفري مچي وئي. ڪمل پنهنجي چاچي جا پير ڇهي رهيو هو ته قولي سامان رکي رهيو هو ۽ اسان حيرت وچان

چمبيليءَ جهڙي، اڇي رنگ واري نازڪ مڪڙيءَ جهڙي، وڏين وڏين اکين واري سائي رنگ جي ساڙهيءَ ۾ ملبوس هڪ نوجوان عورت کي ڏسي رهيا هئاسين. جا سيٺ سان پيرين جي پاسي هٿ وڌائي ملي رهي هئي. هن جو نازڪ ڪلهو سيٺ جي ڳوري هٿ جي وزن سان لڏي لڏي ويو.

"ٺيڪ ته آهين نه سڳنڌي؟" سيٺ خوشيءَ وچان ڀڙڪڻ لڳو.

پتو ئي نه پيو ته قولي ڪهڙيءَ مهل ويا. ڪيڏيءَ مهل اهو ڏهن ٻارهن سالن وارو ڇوڪرو رخصت ٿيو ڪهڙي وقت گاڏي هلي، بس ايترو محسوس ٿيو ته گاڏي گهڻي وقت کان اسٽيشن ڇڏي چڪي هئي، ۽ اها سهڻي عورت، اسان جي سامهون ويٺل سيٺ جي قدمن وٽ ويٺي هئي. بندرو قد، نراڙ تي جهومر، مٿي تي رئي جو پلؤ شرم حياءَ جي تصوير، پر ڪيتري نه سهڻي، جنهن جي سونهن ڏسڻ سان، ڏسڻ جي بک اڃان به وڌندي محسوس پئي ٿي.

مان ۽ اهو فوجي، ٻئي ان عورت کي مسلسل ڏسي رهيا هئاسين.

ته اها هئي سيٺ جي زال!

سيٺ پنهنجي پيرن ڏانهن اشارو ڪندي هن کي چيو: "ويهي رهه سڳنڌي!"

سڳنڌيءَ سامان جو جائزو ورتو ٿرماس کي سيلقي سان لڙڪائي ڇڏيو مانيءَ وار ٽفن کي، ميز جي هيٺان هٿيي جي آسري لڙڪائي ڇڏيو. مٿين سيٺ ڏانهن مڙي مٿي رکيل سامان کي به سٺي طريقي سان ٺيڪ ڪرڻ لڳي ته نظر آيون، هن جي هٿن جون گلڙن جيان ٽڙندڙ آڱريون، هن جي چيلهه جو ڪب ۽ ڪلهن جي لچڪ، پوءِ هڪدم مُڙي، هن پنهنجي ساڙهي ٺيڪ ڪئي، ڇڻ هن کي ان ڳالهه جو احساس ٿي ويو هو ته به ڏاريا مرد سندس حسن کان متاثر ٿيندي ڪيس مسلسل گهوري رهيا آهن.

پوءِ هوءَ ويڙهجي سيڙهجي پنهنجي مڙس جي پيرن ۾ ويهي رهي. سندور جو هڪ وڏو تلڪ هن جي نراڙ تي چمڪي رهيو هو.

"سڳنڌي!" سيٺ ٿڪل لهجي ۾ پنهنجي زال کي سڏيو "مون کي هن برٿ تي ليٽاءِ."

ان کان اڳ جو سڳنڌي پنهنجي جاءِ تان اٿي ها، منهنجا ۽ فوجيءَ جا هٿ سيٺ جي بغلن ۾ پئجي چڪا هئا ۽ اسان ڪوشش ڪندي سيٺ کي وڏي احتياط سان سندس برٿ تي سمهاري رهيا هئاسين.

❊

"**ڪنهن** کي سُڌ هُئي تہ هِن بِچڙُيَ سيٽَ ۾ جِي زال ايتري خوبصورت هوندي!"

فوجيءَ چيو. هن جو سڌو سنئون اشارو اسان جي ڪوپي ۾ ليٽيل سيٽ ۽ ان جي نوجوان زال ڏانهن هو مان ۽ فوجي ٻئي، پنهنجي ڪوپي مان ٻاهر اچي ڪاريڊور جي ڪنڊ ۾ سگريٽ ڇڪي رهيا هئاسين ۽ ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين. اسان سيٽ کي سندس برٿ تي ليٽائي ڇڏيو هو ۽ فوجيءَ پنهنجي هيٺين برٿ سينياڻيءَ لاءِ خالي ڪري ڇڏي هئي تہ جيئن رات جو ان سهڻي عورت کي بار بار هيٺ مٿي لهڻو چڙهڻو نہ پوي. ٻاڻيءَ جا ٻہ ٿرماس ٻرائي سيٽ جي پرسان رکرايا ويا هئا ۽ ننهي زال مڙسن لاءِ ڪينٽين مان گرم گرم کير گهرايو ويو هو ۽ ايئر ڪنڊيشن جي ڪلاس اٽينڊنٽ جي خوشامد ڪري سيٽ ۽ سينياڻيءَ لاءِ ٻہ وهاڻا بہ گهرايا ويا هئا!

ٻاهر ڏاڍي وڻندڙ چانڊوڪي هئي، جنهن جي هلڪي روشنيءَ ۾ وڻ، ٻنيون ۽ ڪڏهن ڪنهن گهر مان ڏيئي جي روشني، ڪنهن اٽڪلي اميدن جي ڪرڻي جيان دل ۾ روشني ڪندي گذري ٿي وئي.

اسان ڪيتري دير تائين گفتگو ڪندا رهياسين. فوجيءَ پنهنجو نالو رونق سنگهہ ٻڌايو هو. هو سياڻي نوي وڳي صبح جو شهپارا نالي اسٽيشن تي لهي ويندو. هو شادي ڪرڻ تي ويو. ٻہ مهينا پنهنجي زال سان رهندو. هن ٻڌو آهي تہ سندس ٿيڻ واري زال ساوتري، ڏاڍي سهڻي آهي، هن سينياڻيءَ جهڙي تہ سهڻي شايد نہ هجي، ڇو تہ هن عورت کي تہ ڀڳوان پنهنجي هٿن سان ويهي ٺاهيو هو.

"پر ٺاهي! ڪهڙي تہ ردي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو آهي،" مون چيو "هنجي بدقسمتي تہ ڏسو!"

"پر هن کي پنهنجي بدقسمتيءَ جو ڪو بہ احساس ڪونهي!" فوجيءَ چيو "اسان جون هندستاني عورتون اهڙيون هونديون آهن. شرم حياءَ جو پتليون. اهي مڙسن جو جسم نہ ڏسنديون آهن. پر انهن جي نانءَ سان جيئنديون آهن. تو ڏٺو ڪونہ تہ هوءَ ڪيئن نہ پنهنجي سيٽ تي نڇاور ٿي رهي هئي. ڪيئن نہ هن جي خدمت، سچائيءَ ۽ لڳاءَ سان ڪري رهي هئي، اهڙيون هونديون آهن اسان جي ديش جون عورتون."

مون چيو: "هن وقت اهي ٻئي ڪوپي ۾ ڇا ڪري رهيا هوندا؟"

رونق سنگهہ کلي چوڻ لڳو: "ها اها هڪ وڏي مشڪل ڳالهہ آهي. منهنجو خيال آهي تہ سيٽ سمهي پيو هوندو. هو تہ اسان جي سامهون ئي ڪونگهرا هڻي رهيو هو!"

"۽ هوءَ ڪامڻي عورت؟" مون پڇيو.

رونق سنگهه ڪان بي اختيار هڪ آهه نڪري وئي، هڪ ڍيل ڍيل آهه آهستگيءَ سان چوڻ لڳو

"شايد هوءَ به سمهي پئي هوندي!"

"ڇا تنهنجي دل ڪانه ٿي چوي ته...... ته...ته" مون هن ڏانهن ڏسندي جملي کي اڻپورو ڇڏي ڏنو منهنجي اکين ۾ شرارت هئي.

هو مرڪيو ۽ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چوڻ لڳو: "جيڪڏهن ڪو بيو زمانو هجي ها... جيڪڏهن منهنجي شادي ٿيڻ واري نه هجي ها ته مان تنهنجي سيٺ جي روبروان جي سيٺياڻي کي اغوا ڪري وڃان ها. مگر هاڻي ته مان پاڻ شادي ڪرڻ پيو وڃان. ڪنهن جي گهر ۾ ڍولڪ وڄي رهي هوندي، ڪنهن منهنجي نانءَ جي ميندي لڳائي هوندي، نه ڄاڻ هوءَ ڪيئن لڳندي هوندي؟"

رونق سنگهه ڳالهائيندي خاموش ٿي ويو ۽ مون کي ائين لڳو ڄڻ هو ان وقت ريل ۾ موجود ڪونه هو پر گاڏيءَ مان ٽپو ڏئي، چانڊوڪيءَ ۾ وهنجندڙ ٻنين ۽ ڊڙن تان ٽپندي شايد ڪنهن ٻئي هنڌ، پنهنجي ساوتريءَ جي ڳوٺ ڏانهن نڪري ويو هو رڳو هن جو جسم منهنجي سامهون ويٺل هو پر سندس بيقرار روح ڪٿي دور هليو ويو هو.

۽ مون کي ڪلڪتي جي ميفيئر جي ڪافي بار ۾، پنهنجي ڪتريل وارن کي باربار جهٽڪا ڏيڻ واري آيا مُڪرجي ياد اچي وئي جا مون وانگر اخبار "ڪلڪته سن" ۾ ملازم هئي. فرق صرف ايترو هو جو مان ايڊيٽر هوس ۽ هوءَ منهنجي اسسٽنٽ ايڊيٽر هئي. اها اسان جي آخري ملاقات هئي، ڇاڪاڻ ته ڪلڪته سن اخبار بند ٿي وئي هئي ۽ مان ڪلڪتو ڇڏي وڃي رهيو هوس.

ميفيئر بار جي هلڪي اونداهيءَ ۾، آيا جو چهرو ڏسي رهيو هوس، سانوري رنگ کان ٿورو ڪليل رنگ، ٿورو سوڙهو منهن ۽ چپ ٿورا ٿورا ڪليل، ڄڻ ڪنهن چميءَ لاءِ بيقرار، اکين ۾ حيراني حيراني، پر اوچتو دارونءَ سان ڀريل سوسوڙيءَ جيان، سِي سِي جهڙي آواز جهڙا سندس ٿهڪ جيڪي آسپاس ويٺل ماڻهن کي ڇرڪائي ڇڏيندا هئا، جنهن تي ٻين ميزن تي ويٺل جوڙا به اسان ڏانهن ڏسڻ لڳندا هئا. وري خاموشي... ۽ هڪ اڻڄاتل خاموشي... ۽ هڪ اڻڄاتل گهري اداسي... ڄڻ آيا جي سيني ۾ گهري غم جو دٻاءُ آهستي آهستي وڌندو هجي، ۽ ڪانيءَ جي هڪ ڊُڪ ڪانپوءِ ڪاجوءَ جو هڪ داڻو ڄڻ گهري ڏنڊ ۾ ڪو پهڻ ڦٽو ڪري، آيا به ڪيتري دير کان پهڻ اڇلائي رهي هئي، ۽ مان هن جي ڇپڙن

جي ڪنارن تي بيٺل غم کان متاثر هوس.

”تون ڇو پيو وڃين؟“ آپا پنجون ڀيرو پڇيو.

مون پنجون ڀيرو چيو: ”ڇاڪاڻ ته جنهن تاريخ تي آڪيرو هوا اها ٽٽي پئي! ڪلڪته سن اخبار بند ٿي وئي ته مان ڪلڪتي ۾ رهي ڇا ڪندس.“

”ته ڇا ڪلڪتي ۾ ”سن“ کانسواءِ تنهنجي لاءِ ٻي ڪا به دلچسپي ڪانه آهي؟“ آپا اٿندي پڇيو.

آپا جو آواز سنهو ۽ ڇيندڙ نه پر گهرو ۽ گداز هو لڳندو هو هن جي آواز جون آڱريون منهنجي منهن کي ڇهنديون، مون ۾ ڀٽ جي ڇهاءَ وارو احساس پيدا ڪري رهيون هجن. آهستي آهستي ڪنهن جهرڻي جيان رهندڙ آواز. آپا جو آواز مون کي پسند آهي. لڳندو آهي سوز ۽ ساز جا گهرا ڀرتَ هن جي آواز ۾ ڪلندا هجن.

”نه ائين ته نه آهي.“ مون هن کي چيو: ”ڪلڪتي ۾ هڪ ڇوڪري رهندي آهي. مون کي ان ۾ دلچسپي آهي ۽ شايد هن کي به هجي!“

”پوءِ؟“ آپا جا چپ ٿورا وڏيڪ کليا.

”مشڪل اِها آهي ته اها ڇوڪري مون سان شادي نه ڪندي!“

آپا پنهنجي وارن کي جهٽڪو ڏئي چيو: ”اها ڇوڪري شاديءَ کي هڪ ڍونگ سمجهندي آهي!“

”۽ گڏ رهڻ ۾ اها برائي آهي ته هڪ ڏينهن اها ڇوڪري مون کان بيزار ٿي پڇي ويندي!“

”اهو به ته ٿي سگهي ته“ آپا چوڻ لڳي، ”ته اهو مرد ان ڇوڪريءَ کان بيزار ٿي پڇي وڃي!“

مون چيو: ”هن کي پڇڻو هوندو ته شاديءَ کان اڳ ۾ ئي پڇي ويندو!“

اسان جي آس پاس ميزن تان به جوڙا اٿي هليا ويا. ٻاهريون دروازو ٿورو کليو. ٻنپهرن جي جهرمر ڪندڙ اس، چند گهڙين لاءِ اسان تائين به آئي.... پوءِ اسان وٽان ترندي، هلڪي انڌيري ۽ ان جي ٿڌڙي فضا ۾ وڃائجي وئي.

آپا ٿورو اڳيرو ٿيندي پنهنجي هٿ سان منهنجي هٿ کي پڪڙيندي چيو: ”اسان هتي ڇو نه ٿا رهي سگهون؟ ستن سالن تائين، تون ڪلڪته سن جو ايڊيٽر رهيو آهين. پنجن سالن تائين مان ان جي ايڊيٽر رهي آهيان. ڇو نه اسان ٻئي گڏجي هڪڙو رسالو ڪڍون. گڏ رهون. گڏجي ڪم ڪريون!“

”۽ گڏجي تباهه ٿيون!“ مون هن کي چيو.

”تون هر ڳالهه کي منفي رنگ ۾ ڇو وٺندو آهين؟“ آپا شڪايت واري لهجي

۾ مون کي چيو.
”اڄڪلهه ڪلڪتي تي منفي رنگ ڇانيل آهي، ان ڪري مان به ان رنگ ۾ ڳالهايان ٿو. شخصي پيچ ڏاهه، بندوق جون ناليون، ٽئگور کان انڪار، انقلاب ته عوام جي مُنڊيءَ ۾ هيري جي ٻُڙي وانگر جڙيل هوندو آهي، اهو عوام کان ڏهه ميل پري پهچڻ سان ته حاصل نه ٿيندو آهي آيا ڊارلنگ.“
”پر اهي نوجوان ڪيترا نه سچا ۽ بهادر آهن، اهو ته مڃيندين نه؟“
”مڃان ٿو.“
”هنن جي دلين ۾ تبديليءَ جي آڳ ٻري رهي آهي ته ڇا هو خاموش ٿي ويهي رهن، نا انصافيءَ جي اڳيان ڪنڌ جهڪائي ڇڏين، طاقتور ماڻهن جي ڦرمار کي ڪنهن آري جيان پنهنجي سيني تي هلڻ ڏين؟ ظلم جي تلوار کي مياڻ مان نڪرندي ئي ڪلڪتي مان پڇي وڃن!“
”تون مونکي غلط سمجهيو آهي آيا، ڏيئو ٻاري ان کي پنهنجي ڇت جي ويجهو رکڻ سان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ئي گهر کي باهه به لڳي ويندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن ڪا غلط تدبير به سچ جي سيني ۾ تلوار جي ڌار وانگر ڪپي ويندي آهي. ماڻهن کي گڏ ڪڻ ڪانسواءِ اڄ تائين ڪا به انقلابي ڪوشش ڪامياب ڪانه ٿي آهي.“
”اهو غلط آهي، اسان ڪوشش ڪندا رهندا آهيون، ڪامياب ٿيون يا نه، ان جو فيصلو پنهنجي هٿ ۾ نه آهي پر ڪوشش ڪرڻ فرض آهي، جيڪڏهن 1915 جو انقلاب نه هجي ها ته 1950 جو انقلاب ڪيئن اچي ها؟“
”پر اهو انقلاب به ته هجي!“
”تون ڏڄڻو ۽ پاڇوڪڙ آهين!“
مان خاموش رهيس.
”پوءِ تون ڪيئن پنهنجي گهر ۾ انقلابين کي پناهه ڏني، مهينن جا مهينا تو نڪسلين کي پنهنجي گهر ۾ لڪائي ويهاريو ۽ پوليس توتي ڪڏهن شڪ به نه ڪيو ڇاڪاڻ ته تو سدائين سن اخبار ۾ نڪسلين جي ڪوشش جو مذاق اڏايو. مان سمجهندي هئس ته تون دلي طور اسان سان گڏ آهين.“
”مان دلي طور ئي توسان گڏ آهيان.“ مان هن جي ويجهو جهڪي هن جي وارن سان کيڏڻ لڳس.
هن وقت ميفيئر ۾ ڪوئي به ڪونه هو ميز ۽ ڪرسيون خالي پيون هيون، ٻه ويٽر هڪ ڪنڊ ۾ گهيرت ڪائي رهيا هئا. ڪائونٽر تي ڪلارڪ پينسل جو

هڪڙو سَرو وات ۾ وجهي بلن ۽ رسيد بوڪن تي جهڪيل هو.

”پوءِ تون ڇو پيو وڃين؟“ آيا پنهنجي پرجي آيل نڙيءَ سان پڇيو.

”مون کي هي شهر پسند نہ آهي، مون کي ڪو بہ شهر پسند نہ آهي، مان هتان وڃان پيو مان اخبارن کان پري پڄڻ ٿو چاهيان، ايندڙ ڏهن سالن تائين مان ڪا بہ اخبار نہ پڙهندس، سيئي لفظ بيڪار ۽ سموريون خبرون پراڻيون آهن، مان ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي رهندس ۽ ٻني ٻارو ڪندس يا ڪنهن بن مانس وانگر غار ۾ وڃي رهندس ۽ ڪنهن ماڪيءَ جهڙي مٺڙي ڳوناٽيءَ کي اغوا ڪري ونندس، مون کي ، يفيئر سان، ان ٿڌي ڪافيءَ جي گلاس سان، ايئر ڪنڊيشن جي هٿراڌو ٿڌڪار سان نفرت ٿي چڪي آهي. مان کليل آسمان جي هيٺان گهاٽن وڻن واري زندگيءَ ۾ رهڻ ٿو چاهيان، جتي اک کلي تہ اصلي هوا ملي، پکي جي هوا نہ هجي، زمين تي هلان تہ ٻنين جي ڀُريل مٽي منهنجي پيرن جي ترين کي لڳي، غاليچن جو بخملي ڇهاءُ نہ، ۽ جڏهن رات ٿئي تہ اڱڻ واري چلهہ ۾ ٻرندڙ ٽانڊن جي روشنيءَ ۾، ڪنهن جي جهڪيل ڇهري تي اندر جي سانديل محبت جو پَرتوَ ڏسان، مصنوعي محبت واري فلمي شاعري نہ!“

اوچتو هڪ زوردار چماٽ منهنجي ڳٽي تي پئي.

ديوار سان ٽيڪ ڏئي، ٻيٺي ٻيٺي گهيرٽ ڪائيندڙ ويٽر بہ اوچتو ڇرڪ ڀري جاڳي پيا ۽ ڪائونٽر تي ٻيٺل ڪلارڪ بہ ڇرڪي اسان ڏي ڏسڻ لڳو. پوءِ وري پينسل پنهنجي وات ۾ وجهي ان کي چٻاڙڻ لڳو.

آيا ميز تي مٿو رکي روئڻ لڳي.

هوءَ دير تائين سڏڪا ڀريندي رهي ۽ مان سندس وارن ۾ آڱريون ڦيريندو رهيس، دير تائين سندس ڪافيءَ جو گلاس ٿڌو ٺيندو رهيو دير دير تائين مان سوچيندو رهيس تہ هي ڪهڙي قسم جي محبت آهي، جذبا نہ ٿا ملن، جسم نہ ٿا ملن، فڪر نہ ٿو ملي پوءِ بہ ڪشش جي هڪ ڏور آهي، جا هڪڙي جي روح کان ٻئي جي روح تائين ٻڌل آهي.

آيا اوچتو ميز تان اٿي باٿ روم ۾ هلي وئي، جڏهن واپس آئي تہ سندس اکيون خشڪ هيون ۽ چهرو نئين ميڪ اپ سان تازو توانو ٿيل هوس. مون سوچيو تہ عورتون پنهنجي ڪيترين اٽپورين خواهشن کي نئين ميڪ اپ ۾ لڪائي ونديون آهن. پر مردن کي هزارين ڪوڙ ڳالهائڻا پوندا آهن.

واپس اچي هوءَ ميز جي پرسان ويهي رهي، ۽ وڏي رُڪي لهجي ۾ مون کان پڇيو: ”تہ تون مون سان نہ رهندين؟“

هڪ ڪاغذ جو پرزو ڪڍيو ۽ منهنجي سامهون ميز تي اڇلائي هوءَ هلي وئي!
مون ڪاغذ جو پرزو ڪوليو اهو ڪو خط نہ هو پر هن جو نئون انگريزي نظم هو.
”جيڪو بہ قدم کڻجي ٿو
سمجهي ٿو تہ هوا ۾ آهي
وري ڌرتيءَ تي اچي ٿو
اتي سڪون آهي
مان ڌرتي آهيان
ڪشش دامن
مرڪز مدار
وري موٽي ايندين اڏري وارا
چاڪاڻ تہ مان ڌرتي آهيان.“
ميفيئر جو دروازو کليو ۽ بند ٿي ويو.
مون چرڪ پري فوجيءَ ڏانهن ڏٺو هوا اچا بہ ڪٿي پاهر هو ڪنهن شهنائيءَ جي آواز تي ڊوڙندو ٿي ويو ريل گاڏيءَ کان بہ تيز پر مون پنهنجي سگريٽ ڏانهن نهاريو هو منهنجي آشنائن جيان وسامي چڪو هو.
مون سوچيو فوجي شهنائيءَ جي آواز تي ڊوڙندو ٿو وڃي، ۽ مان ان آواز کان دور پيو وڃان، آباديءَ کان دور ڪنهن جهنگل جي ڳولها ۾ ماڻهو شهر کان تہ بچي سگهي ٿو ليڪن چا عورت کان بہ بچي سگهي ٿو؟
مان بيٺو سوچيندو ئي رهيس. ڪاريڊور جي شيشن تي آيا جو چهرو ايرندو رهيو ۽ گاڏيءَ جي رفتار تيز ٿيندي وئي.

*

اڌ رات جو وقت هوندو. سيٺ ڏاڍي گهري ننڊ ۾ ستل هو. مٿين سيٽ تي فوجيءَ جو ساهہ آهستي آهستي ۽ آرام سان هلي رهيو هو لڳي پيو تہ گهري ننڊ ۾ آهي، پر مون کي ننڊ ڪانہ پئي آئي.
مون ڏٺو تہ اها سهڻي سينياڻي، آهستگيءَ سان پنهنجي سيٽ تان اٿي، دريءَ مان وسندڙ چانڊوڪيءَ ۾ سندس شفاف بدن، رات جي ڪپڙن مان چٽي رهيو هو.
منهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي وئي.
هوءَ هڪ لوٽو کڻي پاهر نڪري وئي.
سيئي ستا پيا هئا.

من جاڳي رهيو هوس.

ڏهه منٽ گذري ويا، پندرهن منٽ گذري ويا، اڌ ڪلاڪ گذري ويو ايتري دير هوءَ ڪٿي رهجي وئي؟ ڇا ڪري رهي آهي؟

جڏهن منو ڪلاڪ گذري ويو ته مان ساهه روڪيندي پنهنجي مٿين برٿ تان هيٺ لهي آيس ۽ پير پير پائي ٻاهر ڪاريڊار ۾ پهتس. ٻنهي طرفن نظر ڊوڙائي، ڪٿي به ڪو به موجود ڪونه هو. ڪاريڊار جي آخر ۾ ٻنهي طرفن کان باٿ روم هئا. هڪدم مون کي باٿ روم مان زور زور سان دروازي ڪڙڪائڻ جو آواز آيو!

مان تيزيءَ سان هلندي باٿ روم تائين پهتس ٽائليٽ مان هڪ گهبرايل عورت جو آواز اچي رهيو هو: ”مون کي ٻاهر ڪڍو، مونکي ٻاهر ڪڍو.“

مون چيو :”اندران واري ڪنڊي کولي ٻاهر اچي.“

”نه ٿي کلي، اڌ ڪلاڪ کان ڪوشش پئي ڪريان.“

”مون آواز سڃاتو هوءَ اها ئي اپسرا هئي.

مون ٽائليٽ جي دروازي کي غور سان ڏٺو بلڪل وچ ۾ اليومينم جو مُنيو هو جيڪو ڪاٻي ساڄي مڙندو هو ڪاٻي طرف ڦيرائڻ سان دروازو کلندو هو ساڄي پاسي ڦيرائڻ سان دروازو بند ٿي ويندو هو.

مون غور سان ڏٺو مُنيو ساڄي پاسي ٿورو ڦري، سُڪ ٿي ويو هو ۽ سندس چڪري زنگجي وئي هئي، ان ڪري ڦُري ئي ڪانه پئي.

مون چيو:”در کي ڪڙڪائڻ ڇڏ. ٿوري دير ۾ مان توکي ٻاهر ڪڍان ٿو!“

هن اندران در ڪڙڪائڻ بند ڪري ڇڏيو.

مون کيسي مان چاقو ڪڍيو انهيءَ چڪريءَ کي صاف ڪيو ان کان پوءِ جو چڪريءَ کي گهمايم ته دروازو کلي پيو.

سينياٽي ٻاهر نڪرندي ئي منهنجي ٻانهن تي ڪري پئي ۽ بيهوشي ٿي وئي.

هن جو سارو بدن پگهر ۾ پنل هو ۽ سنهڙي ساڙهي سندس بدن جي ڪيترن حصن تي چنبڙي پئي هئي. مان هن کي ٻانهن تي کڻي ٻئي ٽائليٽ ۾ ويس. پهرين ٽائليٽ ۾ ان ڊپ کان نه ويس ته وري جي دروازو بند ٿي ويو ته اسان ٻنهي جو حشر ڇا ٿيندو؟

ٻئي ٽائليٽ ۾ اچي هن جي چهري تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي مون هن کي هوش ۾ آندو.

اوچتو هن جون وڏيون وڏيون اکيون اڻ ائين کليون، جيئن پاڻيءَ جي متاچري تي ڪنول ترڙي پون.

هوءَ نبل آواز ۾ چوڻ لڳي:"مون تہ سمجهيو هو اڄ ساري رات مان تائليٽ ۾ ئي بند پئي هونديس“

مون چيو:”مون توکي تائليٽ ڏانهن ويندي ڏٺو هو جڏهن موٽڻ ۾ دير ڪيئہ تہ مان ٻاهر ڪاريڊار ۾ هليو آيس.“

”مان تہ رڙي رڙي مري وڃان ها، ڪيتري دير کان دروازو کڙڪائي رهي هيس.“

اوچتو هوءَ خاموش ٿي وئي، هن وري بہ پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ منهنجي ٻانهن جي گهيري مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

مان هن جي چهري تي جهڪي ويس ۽ منهنجا ٻرندڙ چپ، خشڪ چپ، هن جي آلن چپن سان ملي ويا، اهي چپ بلڪل نرم ملائيءَ جهڙا هئا، لڪنئو جي لڏن جهڙا.

هو دير تائين منهنجي چميءَ ۾ جڪڙيل رهي، هن جو سارو بدن ڏڪندي ڏڪندي، زور سان منهنجي بدن سان چنبڙي پيو جڻ هوءَ صدين جي بکايل هجي.

هن جي وارن جي هڪ چڳ پنل ڳل سان اچي لڳي تہ مان ان سان کيڏندي چيو.

”ڇا توکي خبر نہ هئي تہ تون ڪهڙي جانور سان شادي ڪري رهي آهين!“

”مون کي خبر هئي.“

”تہ پوءِ ڇو؟“

هن هڪ ڏکو ساهہ کنيو پوءِ هن پنهنجو چهرو مٿي ڪٽي منهنجي ڪاڏيءَ کي چمي ورتو.

چوڻ لڳي:”ڇڏ نہ بس مون کي پيار ڪر.“

مون چيو:”مان تہ پڇندس!“

هوءَ چوڻ لڳي:”اسان ست ڀائر ڀينر آهيون، پيءُ نابين آهي، ماءُ پوڙهي آهي، سڀ کان وڏو ڀاءُ انجنيئرنگ ڪري رهيو آهي، ان کان ننڍو ڊاڪٽريءَ جو ڪورس ڪري رهيو آهي، ان کان ننڍو ٽيليويزن جو ڪورس ڪري رهيو آهي، مون کان ننڍي ڀيڻ جي شادي ٿي وئي، ٻن ننڍين ڀينرن جي شادي ٿيڻ واري آهي، سمورو خرچ سيٺ ڏيندو آهي، هڪ هڪ پائي....!“

مون سوچيو هن عورت جي وفا ڪيتري نہ نازڪ آهي، پر مضبوط ڏاڍن سان سيٺ جي ٿلهي بدن سان ڇهٽيل آهي.

"توکي ڪراهت نہ ايندي آهي؟"

"ايندي آهي، پر منهنجو خاندان ڪير سنڀاليندو؟"

"ڪو ٻار بہ اٿي؟"

"نہ سيٺ نا مرد آهي."

"تہ پوءِ ٻار نہ ٿيندو؟"

"نہ ٻار تہ ٿيندو!"

"اهو وري ڪيئن؟"

"اسان پوپال پيا وڃون. نئون ڏنڌو ڪولڻ. پوپال ڪان ويهن ميلن تي بابا گوري سهاڻي جي سماڌي آهي، پڌو آهي تہ اتي جو بابا رنگي رامداس ڏاڍو پهتل شخص رهندو آهي، ان جي دعا سان ٻار ٿي ويندو!"

مون چيو:"ها ڪيترائي ساڌو ٻار پيدا ڪرائڻ جا ماهر ٿيندا آهن!"

"هاڻي جيڪو ٿيڻو هوندو سو ٿيندو" خوبصورت سينياڻي چوڻ لڳي، "هن کي ٻار گهرجي، بس هن کي ٻار ملي ويندو."

"پر اهو سيٺ جو ٻار نہ هوندو!"

"سڏائيندو تہ ان جو ئي." هن ڪوڙي لهجي ۾ چيو.

مون چيو:"هي تنهنجي بدن مان ڪهڙي نہ وڻندڙ خوشبو پئي اچي، ڄڻ ڄُوهيءَ جي....."

چوڻ لڳي:" ها ڄمڻ سان ئي منهنجي بدن مان اها خوشبو آئي هئي، ان ڪري منهنجي پيءُ مون تي سڳنڌي نالو رکيو هو. ڪڏهن ڪڏهن مون کي پڪڙي منهنجي بدن کي سنگهندو بہ آهي ۽ سنگهندي سنگهندي صفا چريو ٿي پوندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن تہ پتين سان بہ ٽڪر هڻندو آهي."

منهنجي دل ۾ سيٺ جي لاءِ ٿورڙي جاءِ پيدا ٿي پئي، پوءِ اوڪارو اچڻ لڳو نہ نہ! هن خوبصورت عورت کي ڇهڻ جو ان ٿلهي کي ڪو بہ حق ناهي!

"سڳنڌي، ڇا تنهنجون ڀيڻون پيڻر بہ تو وانگر سهڻيون آهن؟"

"نہ! اهي بس شڪل صورت ۾ چڱيون آهن. ڀڳوان هڪ مون کي ئي سهڻو سندر ناهي بدقسمت بڻائي ڇڏيو آهي!" هن جي ڳلي ۾ ڪو سڏڪو هو جيڪو سندس ڳلي ۾ ئي ڦاٿل رهيو.

مان هن جي ميڻ جهڙي ڳچيءَ تي چميون ڏيندو رهيس. هن جا سڏڪا وڌندا

ويا. هن پنهنجو چهرو منهنجي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو.
"سڳنڌي، مون سان هلندين؟"
"ڪٿي؟"
"دور هماچل جي ڪنهن واهڻ ۾ يا ڪنهن جهنگل جي ڪناري، مان زمين خريد ڪري فارم ٺاهيندس. ٻني ٻارو ڪندس. تون منهنجي زال هجڄان، پوءِ اسان جا ٻار ٿيندا ۽ اهي ڏاڍا پيارا ٻار هوندا."
ائين ڳالهائيندو ويس ۽ هوءَ ڪلندي رهي، سپني مان سپنو جڙندو ويو اميد مان اميد ٺهندي وئي ۽ زندگيءَ جي شطرنج جڙندي وئي. جيئن صبح جي اس ۾ ماڪ سان پنل پتين جي هينان ساوڪ تي سونهري شطرنجيون وڪريل نظر ايندڀون آهن. مان هن جي حيران اکين مان اهي ساريون تصويرون ڏسي رهيو هوس، جيڪي مون کي ڪلڪتي کان جهنگل جي طرف ڇڪي رهيون هيون. اهي سپنا، جن مون کي آيا کان ڇڏايو هوا!
ڇڻ هوا جي هڪ جهلڪي سان انهن حيران اکين ۾ نظر اينڊڙ سموريون تصويرون، اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويون.
چوڻ لڳي: "پر ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مان ته پرڻيل آهيان!"
"نامرد کان طلاق جلدي ملي ويندي آهي، ايترو قانون ته مان به ڄاڻان ٿو. در اصل اها شادي ئي قانون جي نظرن ۾ ناجائز آهي."
هن جي چهري تي محبت جي اجالن جا ڪيئي رنگ تري آيا، پر هن ڏکويل لهجي ۾ چيو: "نه.....نه ٿو ٿي سگهي."
"ڇو نه ٿو ٿي سگهي؟"
"اهي منهنجا ٻئي ٻائر ڇا چوندا. انهن جي تعليم اڌ ۾ رهجي ويندي. ننڍو ٻاءُ جيڪو اسڪول ۾ پڙهي ٿو ان جو ته خير آهي، پر انهن ٻن پيٽرن جو ڇا ٿيندو جن جي شاديءَ جو سارو ڏاج ڏانوڻ منهنجو مڙس ڏيندو آهي. پر وري منهنجو انڌو پيءُ ۽ پوڙهي ماءُ ۽ مان پاڻ؟"
"ها تون پاڻ؟" مون پڇيو.
سيٺ مون کي هر طرح جو سک ڏنو آهي، هيرن جواهرن سان ڀري ڇڏيو اٿس. مان چاهيان ته روزانو هڪڙو زيور خريد ڪري سگهان ٿي."
"يعني هڪ آرام واري زندگي!"
"ها نوڪر چاڪر، گهر گاڏي، دولت...مون کي ڇا ڇا نه ميسر آهي!"
"سواءِ هڪ جي.." مون ڪيس معنيٰ خيز نظرن سان ڏسندي چيو.

”جيڪو قسمت ۾ نہ آهي، ان جو ڪھڙو ليکو صبر ڪرڻو پوندو.“
”تون ڪو عاشق ڇو نہ ٿي ڳولهي وٺين؟“
”يعني توکي؟“
”مون کي نہ... تنهنجا منهنجا سپنا پاڻ ۾ ڪونہ ٿا ملن، پر تون پنهنجي جسم جي ضرورت لاءِ تہ ڪو عاشق ڳولهي ٿي سگهين.“
هن جو منهن لهي ويو ڏکوبل لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”تون سچ ٿو چوين، پر ڇا ڪريان مون تي وڏيون پابنديون آهن.“
”پيڪن ۾ بہ؟....عام طور تي تو جهڙيون عورتون پنهنجي پيڪن ۾ وينديون آهن تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري سگهنديون آهن، شايد ان ڪري اهي بار بار پيڪي بہ وينديون آهن.“
”اهو حربو بہ آزمائي چڪي آهيان، سيٺ وڏو شڪي ماڻهو آهي، هن هڪڙي نوڪرياڻي بہ منهنجي چوڪسيءَ لاءِ رکي آهي، جيڪا هر وقت مون سان گڏ رهندي آهي، جتي مان ويندي آهيان، حد اها آهي جو غسلخاني جي در تائين بہ مون سان گڏ هلندي آهي، پلي ساهرا هجن يا پيڪا، مون لاءِ سمورا رستا بند آهن.“
هوءَ وري سڏڪڻ لڳي.
مون چيو: ”پر اڄ جي رات تہ توسان گڏ نہ آهي.“
چوڻ لڳي: ”ڇاڪاڻ تہ مان سيٺ سان گڏ آهيان ۽ هوءَ ٽرڊ ڪلاس ۾ ويٺي آهي.“
”هن وقت تون سيٺ وٽ نہ مون وٽ آهين!“
هوءَ خاموش ٿي، پر منهنجي ڪليل ڪُڙتي جي اندران هٿ وجهي، منهنجي سيني جي وارن ۾ پنهنجيون آڱريون ڦيريندي رهي، آهستي آهستي منهنجي بدن مان چٽگون نڪرڻ لڳيون ۽ مان چرين وانگر، هن جي گهگهيءَ جهڙي گردن جي ڏکهي وڪڙ کي بار بار چمي رهيو هوس.
پوءِ ريشم ٿي ريشم، ملائيءَ تي ملائي، پرتن تي پرت،
۽ ساري فضا جُوهيءَ جي خوشبو سان واسجي وئي.

❊

**ٻئي** ڏينهن صبح کان ٿي مون سيٺ کي ڳالهين ۾ لڳائي ڇڏيو ڳالهين ئي ڳالهين ۾ هن بابا گوري سهاڻي جي سماڌيءَ تي وڃڻ جو ذڪر ڪيو تہ مون چيو:

جنهن جي چوڌاري اها زمين آهي، اتڪل ٽيهہ ايڪڙ ٿيندي، ڪوهہ بہ اٿس، آهي تہ جهنگ جو ماحول پر توکي پسند ايندو“

”مان تہ هاڻي ڪان ٿي خواب ڏسڻ لڳو آهيان.“ مون ڪلندي چيو”پر ان رن زال جو نالو ڇا هي؟“

”سروجا، هن جو نالو سروجا آهي، ڏاڍي سونهن ڀري عورت آهي.“

فوجيءَ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو:”رستو توکي مان ٻڌائيندس.“

”تون وري ڪيئن ٻڌائيندين؟ تون ان پاسي ڪڏهن ويو آهين ڇا؟“

”اون هون! ويو تہ نہ آهيان، نہ ئي مون کي ان ڏاڳڻ جي گهر جو علم آهي، پر مان شهپارا اسٽيشن تي لهندس.“

”شهپارا نہ بابا شپرا.“ سيٺ فوجيءَ کي سمجهائيندي چيو.

”شپرا نہ شهپارا آهي، ”فوجي چوڻ لڳو“ چٽ ماٺهو ان کي شپرا چوندا آهن.“

سيٺ جون ناسون ڦنڊي ويون، پر هو خاموش رهيو.

فوجيءَ چيو:”تون مون سان گڏ شهپارا اسٽيشن تي لهي پئجانءِ، اتان اسان گڏجي هلنداسين، ”پار پيا قصبي ڪور“ جي، پار پيا ڳوٺ جو رهندڙ آهيان، اتان کان توکي ڪواڙيءَ جي قلعي جو رستو ٻڌائي ڇڏيندس.“

”ٺيڪ آهي مان توسان ئي گڏجي هلندس پر شپرا اسٽيشن کان پار پيا ڳوٺ تائين.“

”شپرا نہ شهپارا.“ فوجيءَ چيو.

اوچتو سڳنڌيءَ پنهنجو مٿو جهلي ويهي رهي.

سيٺ پڇيو:”ڇا ٿيو؟“

سڳنڌي چوڻ لڳي:”منهنجي مٿي کي چڪر ٿا اچن.“

مون خوش ٿي چيو:”سيٺ جي منائي ڪاراءِ، تنهنجي سيٺياڻي پيٽ سان ٿي وئي آهي،“

سيٺ پهرين تہ حيرت وچان منهنجي طرف نهاريو جڻ پڇندو هجي، ايترو جلد اهو چمتڪار ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

پوءِ هن پنهنجا ٻئي هٿ ڇت طرف کڻي دعاعيہ انداز ۾ چيو:”ڏنيہ هجي ڀڳوان، تون ڏنيہ آن.“

سيٺياڻيءَ وري رئي جي پلئہ سان ٺهيل گهونگهٽ کي ائين ٺاهيو جو ان مان مون ڏانهن بہ نهارڻ لڳي، مان بہ اک ٽيٽ ڪري ڏانهس ڏسڻ لڳس. هن جي مُک

تي هڪ دلربا مرڪ پکڙجي وئي هئي ڄڻ، ڪنهن بنيءَ وانگر سيراب ٿي وئي هجي، ڄڻ تہ مٿس برسات جون بوندو پئجي رهيون هجن ۽ هوءَ انهن مان مزو وٺندي هجي.

*

**فوجي** مون کي آهستي آهستي ٻڌائڻ لڳو: "سرينيءَ جون پهاڙيون، اسان جي ڳوٺ جي پرسان آهن ۽ ڪواڙيءَ جو قلعو تہ صرف ڏهن ڪوهن تي آهي. مان توکي اوستائين پهچائڻ لاءِ ڪنهن ماڻهوءَ کي گڏي موڪليندس، پر هڪڙو شرط آهي، تہ پهرين توکي منهنجي ڳوٺ هلڻو پوندو ۽ مهنجي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻو پوندو."

"الائي ڪڏهن آهي تنهنجي شادي؟" مون پڇيو.

"ابا سڀاڻي ٿيندي منهنجي شادي" رونق سنگهہ خوشيءَ کان ٽڙندي چيو ۽ پوءِ پنهنجي رانن کي کنهڻ لڳو.

"بيو بہ هڪڙو رستو اوڏانهن ويندو آهي، سرينيءَ جي پهاڙن طرف استيشن کان، ڏوليا کان ۽ اهو ننڍو ۽ سڌو رستو آهي." سيٺ چوڻ لڳو هڪڙو ٽپ بيو.."

"اهي پنهنجا ٽَپ پاڻ وٽ رک سيٺ،" رونق سنگهہ هڪدم چيو"مان هن کي پنهنجي شاديءَ ۾ ضرور وٺي ويندس!"

هڪ تہ هو فوجي هو، بيو تہ ساڻ رائفل بہ هئس. ٿين ڳالهہ اها جاءِ مون لاءِ بلڪل نئين هئي، الائي تہ اهي سرينيءَ جون پهاڙيون ڪٿي هيون! اهو ڪواڙيءَ جو قلعو ڪٿي هو؟ اها سروجا ڏاڳڻ ڪٿي رهندي آهي؟ ضرور مون کي ان فوجيءَ سان گڏ وڃڻو پوندو.

"چا نالو آهي تنهنجي قصبي جو؟" سيٺ فوجيءَ کان پڇيو.

"پاربيا...."

سيٺ شڪ واري انداز ۾ مٿو ڏوڻيو، ڄڻ چوندو هجي، ڪڏهن نالو ناهي ٻڌو ان ڳوٺ جو. پر فوجيءَ جو چهرو ڏسي خاموش ٿي ويو.

جڏهن شهپارا جي اسٽيشن آئي تہ ڏٺم تہ سڳنڌي اڃا ستل هئي، گهري ۽ پياري ننڊ. ائين ٿي لڳو ڄڻ سائي ساڙهيءَ جي سنهڙي گهونگهٽ ۾ ماهتاب ستل هجي، مون وڏي حسرت ۽ ارمان وچان هن جي خماريل حسن تي هڪ نظر وڌي، پوءِ سيٺ سان هٿ ملايم ۽ ان چٽن برتن واري ڪوپي مان ٻاهر نڪري آيس، پويان رونق سنگهہ بہ اچڻ لڳو مون پنهنجو سامان استيشن جي لگيج آفيس ۾

”عجيب ڳالهہ آهي!“
”ڪهڙي عجيب ڳالهہ آهي؟“ هو منهنجي ڳالهہ ٻڌي پنهنجي پيانڪ آواز ۾ پڇڻ لڳو.
”عجيب ڳالهہ هيءَ آهي سيٺ جي! تہ ان معاملي ۾ مان تنهنجي وڏي مدد ڪري سگهان ٿو.“
”ڪيئن؟“
”مون وٽ هڪ سُڏي ٻوٽي آهي.“
”ڪهڙي سُڏي ٻوٽي؟“
”هڪڙي ساڌوءَ مهاتما، مون کي ڏني هئي، ان جي هڪڙي چپٽي کارائڻ ۽ هڪڙو منتر پڙهڻ سان، نيڪ پورن نون مهينن کان پوءِ ٻار پيدا ٿيندو آهي.“
”توکي اها سُڏي ڪٿان ملي؟“
”مان نيپال جي جهنگلن ۾ ڏاڍو رليو آهيان، ٻُڌ ساڌوئن ۽ مهاتمائن جي هميشہ خدمت ڪندو آيو آهيان، اتي مون کي هڪ سوامي گورکنات نَرآنڪاريءَ جي درشن ڪرڻ جو موقعو مليو. ٻن سالن جي خدمت ڪانپوءِ ان مون کي اها سُڏي ٻوٽي ڏني، جنهن سان جنهن عورت کي چاهيو ان سان ٻار پيدا ڪري ٿا سگهو.“
”تون ان سُڏيءَ جو چا وٺندو آهين؟“ سيٺ شڪي نگاهن سان ڏسندي پڇيو
”ان جي لاءِ ڪجهہ وٺڻ پاپ آهي.“
”پوءِ بہ ؟“
چيم تہ سهي سيٺ جي! مون کي منهنجي گروءَ ٻڌايو هو تہ جيڪڏهن تو سُڏي لاءِ ڪتي بہ ڪوا گهہ پار ڪيو تہ اها سُڏي تنهنجي هٿن مان هلي ويندي“
”تہ اُن جو مطلب اهو ٿيو تہ تون پئسا نہ ٻڌائيندين؟ پر جيڪڏهن اسان پنهنجي خوشيءَ سان توکي ڏيون تہ اهو تہ وٺندين نہ؟.
”نہ مان ڪجهہ بہ نہ ٿو وٺي سگهان سيٺ جي! هڪڙو پئسو بہ نہ، هڪڙي پائي بہ نہ بلڪل مفت ۾ ٻار پيدا ڪندس.“
”ڪيئن؟“
مان ان لاءِ صبح کان ئي تيار هوس، جنهن لاءِ تيل جي هڪ ننڍي شيشيءَ کي صاف ڪري ان ۾ سگريٽ جي رک ٻري چڏي هئي،
”تو وٽ ڪا مٺي شيءِ هوندي؟“
”ها مائو آهي؟“
”مائو بہ نيڪ آهي.“ مون چيو.

”چپتي مون کي کارائيندين؟

مون چيو:”هي اها سُڌي آهي، جنهن کي جيڪو کائيندو ٻار به ان کي پيدا ٿيندو.“

فوجي کلڻ لڳو ساڳئي وقت سڱنڊيءَ جا به مرڪندڙ چپ چمڪڻ لڳا.

”تون مذاق ٿو ڪرين؟“

”مذاق نه ٿو ڪريان سيٺ جي، مان بلڪل سنجيدگيءَ سان چوان ٿو.“

ائين چئي مان سوٽ ڪيس کولڻ لڳس، ان مان سگريٽ جي رک واري شيشي ڪڍيم ۽ سيٺ کي ڏيکاريندي چيم:”هن مان هڪڙي چپڙي ڪٽي مائي سان ملائي. تنهنجي سامهون تنهنجي سيٺياڻيءَ کي کارائي ٿو ڇڏيان. ڀڳوان چاهيو ته پورن نَوَن مهينن بعد ٻار پيدا ٿيندو ڪنهن به ساڌوءَ جي سماڌيءَ تي وڃڻ جي ڪا به ضرورت نه آهي، هڪڙي پائي به خرچ ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. اڄ تائين ٻارهن بي مراد عورتن جون مرادون پڄائي چڪو آهيان. گرو گورکنات شري شري سوامي، نرانڪاري جڳت اڏاري بال برهمچاريءَ جي ڪرپا سان، تنهنجي سيٺياڻيءَ جي جهولي سائي ٿي ويندي“

سيٺ جو چهرو اميد جي اولڙن سان ٻهڪي پيو. چوڻ لڳو:

”ته اسان جي سيٺياڻيءَ کي چپتي کاراءِ نه!“

سيٺياڻيءَ اسٽين ليس اسٽيل جي دٻلي مان مائي جو ٽڪرو ڪڍي منهنجي هٿ تي رکيو. مون تيل جي شيشيءَ مان سگريٽ جي رک مان چپتي ڀري مائي ۾ ملائي ورتي ۽ هن جي هٿ تي رکي، ائين چوڻ شروع ڪيم:

”اوم شري شري هڪ سوات سوامي گورکنات نرانڪاري جڳت اڏاري، برهمچاري، مها پَر اُپڪاريءَ جي دَيا درشٽيءَ سان هي رک کارايان ٿو ردي تي ردو چاڙهيان ٿو جيڪا ناري هيءَ چٽڪي کائي، سوامي ناٿ جي اپار درشٽيءَ سان گرڀ وتي ٿئي. ڪارو ڪيرو ماتا چيرو ڊبل ڊيرا اوم هڙبونگ گونگ وسل وسل جهونگ!“

مون هڪڙي اک جو هلڪو اشارو ڪري، آهستي آهستي سڱنڊيءَ کي مائو کارائي ڇڏيو.

فوجيءَ جو کل کي روڪڻ سبب ڏاڍو برو حال هو. مان، فوجي ۽ سڱنڊي ٽئي پنهنجي کل روڪي وينا هٿاسين. پر سيٺ بيحد سنجيدگيءَ سان پوري عمل کي ڏسي رهيو هو.

رک جي چپتي کائي سيٺياڻي، وڏو گهونگهٽ ڇڪي سيٺ جي پيرن ۾

ويهي رهي، شايد هن ڪلڻ شروع ڪيو هو ڇاڪاڻ تہ هن جو سارو جسم لڏي رهيو هو.

"تہ ٻار سچ پچ پيدا ٿي پوندو؟"

"ٺيڪ پورن نَوَن مهينن کانپوءِ."

مون سيٺ کي چيو"آزمايل نسخو آهي، يقين نہ اچئي تہ پنجن هزارن جي شرط ٿا لڳايون."

لڳو تہ سيٺ کي يقين اچي ويو چوڻ لڳو: "نہ بابا اسان شرط ہرط نہ ٿا رکون پر هاڻي مون کي پڪ ٿي وئي آهي."

مون کيسي مان هڪڙو ڪارڊ ڪڍي هن کي ڏنو "هن تي منهنجو ڏس ڇپيل آهي، جيڪڏهن ٺيڪ نَوَن مهينن کان پوءِ ٻار پيدا نہ ٿئي تہ مون کي نَوَ هزار گاريون لکي موڪلجانءِ!"

سيٺ ڪارڊ وٺي، رکڻ لاءِ پنهنجي سيڪريٽري کي ڏنو. سڳنڌيءَ پڙهي احتياط سان رکي ڇڏيو.

سيٺ چوڻ لڳو: تو منهنجو ڀلو ڪيو آهي، تہ هڪڙو ڀلو مان بہ ڪرڻ ٿو چاهيان."

مان هن جي منهن ۾ ڏسڻ لڳس.

"جي....!" سيٺ پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو"تو هاڻي هاڻي ڳالهين ڳالهين ۾ ٻڌايو هو تہ تون هماچل پرديش ۾ زمين خريد ڪرڻ پيو وڃين. جتي فارم کولڻ جو ارادو ٿو رکين!"

مون هاڪار ۾ مٿو لوڏايو.

"پر هماچل پرديش ۾ تہ زمين ڏاڍي مهانگي آهي، ٽن چئن هزارن کان گهٽ تہ هڪڙو ايڪڙ بہ نہ ملندءِ، پر مان توکي ٽي سو رپيا في ايڪڙ زمين ڏياري ٿو سگهان."

مون چيو:"تہ اها پوءِ بنجر ٿي هوندي!"

چوڻ لڳو:"بنجر ناهي، زرخيز آهي!"

"پوءِ ايتري سستي ڪيئن ٿي ملي؟"

"اصل ۾ اها هڪ سڄي ويران هنڌ تي آهي، ٽن طرفن کان جهنگ اٿس ۽ ٽڪريون آهن، وچ ۾ ٽيهن ايڪڙن جو ٽڪرو آهي، برسات اتي تمام گهٽ پوندي آهي، هڪڙو کوهہ بہ آهي، جيڪو ٻارهن ئي مهينا پاڻيءَ سان ڀريل هوندو آهي، ۽ ها هڪ ندي بہ آهي."

"تہ ان جو مالڪ اهڙي زمين مون کي سستي ڪيئن ڏيندو؟"

"تون پوري ڳالهہ تہ ٻڌين ڪونہ ٿو!" سيٺ ٿورو ڪاوڙجي ٻ ٻوڻ لڳو"اها زمين اصل ۾ هڪ رن زال جي آهي، ويجهو ڪو ڳوٺ واهڻ ڏڪونہ اٿس. ڪا آبادي ڪانہ اٿس. تيھ ڪوھہ پيادل هلڻ کانپوءِ هڪڙي ريلوي اسٽيشن ٿي اچي. بس! اها عورت اڪيلي سر ان زمين جي سار سنڀالي لهي ڪانہ ٿي سگهي ۽ آبادي نہ هجڻ جي ڪري، ڪو بہ ان زمين کي خريد ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿو ٿئي. ڪير ان جهنگ ۾ وڃي رهڻ پسند ڪندو؟"

"اها بيوهہ عورت ان زمين کي وڪڻي ڇا ڪندي؟"

"هوءَ پنهنجي ڌيءَ جي ساهرن ڏانهن هلي ويندي، ان جي هڪڙي ئي ڌيءَ آهي ۽ ڪنهن دوردراز علائقي ۾ پرڻيل آهي، اها ڏهاڳڻ، اها زمين وڪڻي پنهنجي ڌيءَ ڏي هلي ويندي."

"ان سڄي قصي جي توکي ڪيئن خبر پئي؟" مون چيو.

"ان جي ڇوڪريءَ جا ساهرا اسان جي ڳوٺ جي ويجهو رهندا آهن. مان ان ڇوڪريءَ جي گهر وارن کي ٠ ڄاڻيندو آهيان، اهي ئي ان زمين جي سودي جي ڳالهہ ڪرڻ آيا هئا. معاملو ٽن سون رپين ايڪڙ تي بيٺل آهي، مان وڃي اها زمين ڏسي بہ آيو آهيان، پر پرسان ڪا آبادي نہ ڏسي مون خريد ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيو!"

"پر مون کي تہ اهڙوئي هنڌ پسند آهي."

"پوءِ تہ ائين سمجهہ تہ ڀڳوان اها زمين تنهنجي لاءِ ئي رکي آهي."

"پر هاڻي تہ اها زمين وڪامي بہ وئي هوندي؟."

"ٽي مهينا اڳ تائين تہ ڪانہ وڪامي هئي. هاڻي وري ڪنهن ورتي هوندي؟ ڪو تو جهڙو چريو ئي ان جهنگ ۾ وڃي رهندو."

مان خوشي کان ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيس. مون چيو:"مون کي ان جو ڏس پتو تہ ڏجانءِ!"

سيٺ چيو :"بہ اسٽيشنون ڇڏي شپرا جنڪشن اچڻ واري آهي، اوڏانهن ڇوٽي لائين واري گاڏي بہ ويندي آهي. تون اتي لهي وچ ۾ ڪنهن کان بہ ڏوليا واهڻ جو رستو پڇي وٺ. جڏهن ڏوليا واهڻ پهچي وڃين تہ اتان وري ڪواڙي قلعي جي پڇا ڪجانءِ. هاڻي تہ اهو قلعو کنڊر ٿي ويو آهي، پراڻو آهي، جهنگل ۾ آهي، اتي ڪوئي ويندو بہ ناهي. اهو ڏوليا واهڻ کان ٽيهن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. ان قلعي جي اتر ۾ اڌ ميل کن جي چاڙهيءَ تي ان رن زال جو گهر آهي.

رکرايو ۽ پاڻ سان رڳو هڪڙي هينڊ بئگ کنيم. رونق سنگهہ وٽ بہ ٽرنڪون هيون. هڪ هينڊ بئگ، هڪ رائيفل ۽ هن جو ڳوٺ هتان کان ويهہ ڪوهہ دور هو.

"مان ايترو سامان پاڻ کڻي تہ ڪونہ هلي سگهندس. ڪو مزدور ڪرڻو پوندو."

"مزدور ڪٿان ملندو؟" مون پڇيو.

چوڻ لڳو: "سمري انتظام ڪري ڏيندي."

"اها سمري وري ڪير آهي؟"

چوڻ لڳو: "هڪڙي حلوائڻ آهي. ٻہ سال ٿيا تہ هن جو گهر وارو گذاري ويو آهي. هڪڙو ائن سالن جو ٻار اٿس. ٻئي گڏجي دڪان هلائيندا آهن."

"پر اسان کي هن جي دڪان تان ڇا وٺڻو آهي؟"

"بابو! ويهن ڪوهن جو سفر آهي. ڪا ڀاڄي ڀاجي ڪائي پيٽ ڀري پوءِ هلنداسين! نہ تہ رستي ۾ هڏ بہ جواب ڏئي ڇڏيندءِ."

سمري هڪ ڪاري رنگ واري شيدياڻي هئي. وڏين وڏين اکين ۾ ڳاڙهيون ڳاڙهيون ڏوريون. ڀريل مضبوط جسم. سندس جسم مان بجليءَ جا شعاع پئي نڪتا. جڻ سندس جسم جي چئني پاسن کان چقمقن جي لهر ڊوڙندي هجي. اهڙين تہ گهوريندڙ نگاهن سان گراهڪن کي پئي ڏٺائين. جو لڳو ٿي تہ چنبو هڻي انهن کي دسي ڇڏيندي. مون تي نگاهہ وجهي، اکيون ڦيرائي ڇڏيائين تہ مون دل ۾ چيو شڪر آهي جو مون کي ڇڏي ڏنائين. جڻ چوندي هجي، هي شهري ماڻهو نزاڪتن جو ڪوڏيو جسم منهنجي ڪهڙي ڪم جو؟ پوءِ هن جون نظرون رونق سنگهہ جي وَهُڙي جهڙي جسم تي ڄمي ويون. هوءَ زور سان کلڻ لڳي. بلڪل چرين وانگر. هن جو آواز وينل هو جيڪو گهٽو مردن وانگر ٿي لڳو.

"اچي وئين سنگهہ صاحب. شادي ڪرڻ."

"ها سمري. هاڻي جلدي ڪر گرم گرم پوري ۽ ڀاڄي ڪاراءِ. ۽ ها هڪڙي مزدور جو بندوبست بہ ڪري ڏي. پنهنجي ڳوٺ وڃڻو آهي."

"مزدور جو بندوبست بہ ٿي ويندو. پر ايتري بہ تڪڙ ڇاجي آهي! هن مٽ مان پاڻي ڀري هٿ منهن تہ ڌوئي وٺ. پوءِ ڪجهہ کائي پي هن پپل جي ڇانوَ ۾ گهڙي سوا آرام ڪر. پوءِ ويچجانءِ هليو."

"نہ سمري. هاڻي هٿ منهن وڃي گهر ڌوئبو. ويهن ڪوهن جو سفر آهي. پپل جي هيٺان ڪٽ وجهي ستس تہ گهر ڪيڏيءَ مهل پهچندس."

"جيئن تنهنجي مرضي." سمري ڪجهہ اداس ٿيندي چيو. پوءِ هن پنهنجي

پٽ کي چيو"او پٽ ٻوڙ پائي گهمري کي تہ سڏي آءُ. چئجانس، ويهن ڪوهن تي پارپيا وچڙو آهي، سٺي مزدوري ملنديءَ. صوبيدار رونق سنگهہ شادي ڪرڻ پنهنجي گهر پيو وڃي."

ائين چئي هوءَ وري کلڻ لڳي. هن جي ٿڌي برف جي ٽڪرن جيان ٽڙڪات ڪندڙ وکرندڙ کل، منهنجي بدن ۾ ڪنبڻي پيدا ڪري رهي هئي.

"ڪيڏي مرد مار عورت آهي. مگر اڳي ائين نہ هئي،" رونق سنگهہ مون کي ڌيمي انداز ۾ ٻڌائڻ لڳو." جيستائين پوڳلو حلوائي زنده هيو هوءَ ان جي وفادار زال ٿي هئي، ڪا بہ ڳالهہ ڪانہ ٻڌيسون. پر حلوائيءَ جي مرڻ کانپوءِ جڏهن هن کي پنهنجي ننيڙي پٽ کي پالڻو پيو تہ هن هيءَ دڪان سنڀالي ورتو تڏهن کان کيس ٻاهرين دنيا سان بہ واسطو پيو تہ هوءَ بہ هن شڪاري دنيا سان گڏ شڪارڻ ٿي وئي. اسٽيشن تي سڀئي هن کان واقف آهن، سڀئي هن کان ڊڄندا آهن، پوليس وارن کي تہ هن مٺ ۾ بند ڪري رکيو آهي، ۽ ڪيترن ڌاڙيلن سا بہ هن جو تعلق آهي، وڏي جهٽڪي واري عورت آهي."

"جهٽڪي واريءَ سان تنهنجي ڇا مراد آهي؟"

رونق سنگهہ مون ڏانهن نهاري ٿوري دير جي لاءِ خاموش رهيو پوءِ هڪ شرارت واري مرڪ سندس اکين مان اٿلَ کائي ٻاهر آئي. اها مرڪ هن جي اکين کان هلندي چپن تائين اچي پهتي پر پوءِ بہ هو خاموش رهيو. ڪجهہ چوڻ جي ضرورت هئي بہ ڪانہ، ڇاڪاڻ تہ مان سمجهي ويو هوس.

"شايد ان ڪري توکي ٻن پهرن تائين ترسائڻ پئي چاهي؟" مون بہ ڌيمي آواز سان رونق سنگهہ کان پڇيو.

رونق سنگهہ پنهنجي کل روڪي نہ سگهيو جنهن ڪري وات ۾ جيڪو گراهہ هوس سو نڙيءَ ۾ قاسڻ سبب ٻاهر اچي ويس.

سمريءَ دڙڪو ڏيندي چيس:" ڪنهن جي گلا ڪندين تہ ائين ئي ٿيندءِ!"

۽ جڏهن اسان پئسا ڏئي وڃڻ لڳاسين تہ هن هڪ ڀيرو ٻيهر رونق سنگهہ کي گهوري نهاريو"ڪاڏي ويندي رونق سنگهہ. ٻن مهينن کان پوءِ تہ ضرور ان ئي اسٽيشن تي موٽندين، پوءِ توکي پڪڙي ويهاريندس. "ائين چئي رونق سنگهہ جو هٿ پڪڙي ورتائين، ۽ ايترو تہ قابو ڪري جهليائينس جو هٿ ڇڏائڻ مشڪل ٿي پيس. پوءِ سندس هٿ ڇڏي سمري ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳي. اسان جي وڃڻ کانپوءِ بہ هن جا اهي ٺهڪ اسان جو پيڇو ڪندا رهيا. دير دير تائين رونق سنگهہ جو منهن بہ ڳاڙهو لال لڳو پيو هو ۽ مون سان اکيون بہ ڪونہ پئي ملايائين.

ٻن پهرن تائين اسان ٻارنهن ڪوهه سفر طئي ڪيوسين. ٿورو آرام ڪرڻ لاءِ رستي ۾ هڪڙي ڳوٺ جي پرسان ڪوهه وٺ ٿهيل بانس جي لڪڙن واري جهوپڙي ۾ ليٽي پياسين. هتي انبن جا ڪجهه وڻ هئا. ڪي چمونءَ جا. ڪجهه وڻن مان املتاس جون ڦريون پئي لڙڪيون. انهن جي پرسان ئي نانگ جي ڦڻ جهڙا ٿوهر بيٺا هئا. بانس جي جهنڊ جي ويجهو نار جي ڪنجڙاٽ ۾ جوتيل وهٽ ڦري رهيو هو جنهن کي هڪڙو هاري ڇوڪرو بانس جي ڇڙيءَ سان هڪلي رهيو هو. ۽ ٻنيءَ کي پاڻي ڏئي رهيو هو. صديون پراڻو منظر. نار جي رون رون جي باوجود گهري سانت.....سمهي پئي....ڪجهه بہ ناهي بدليو...سمهي پئي ڪجهه بہ ناهي بدليو....ٿورو پريان وڻن جي جهڳٽن ۾ گهيريل هڪڙي ڳوٺ جون ڇتيون. ڪجهه ڪچا گهر. ڪي پڪا گهر. ڪٿي ڇپر تہ ڪٿي کپريل...!

”او هُو آخري ڇيڙي تي گهر ڏسين پيو؟“ اوچتو رونق سنگهہ مون کان پڇيو.

”او هُو پٿرن وارو؟“

”ها. اهو ساوتريءَ جو گهر آهي!“

مان ڇرڪ ڀري اٿي ويٺس.

”تہ تو ساوتريءَ کي ڏٺو آهي؟“ مون پڇيو.

”ها. شهپارا جي ميلي ۾.“

”ڪيئن آهي؟“

”تنهنجي شهري ايڪٽرياڻيءَ جهڙي، بلڪل فلمي ايڪٽرياڻي. جوان. خوبصورت ڳوناٽا ڪپڙا پائي تہ جيڪر ڪيئن لڳي؟“

مون پنهنجي تصور ۾ هڪ ٻن ايڪٽرياڻين کي اهي ڪپڙا پارائي ڏٺا. ”ها سمجهان ٿو تہ ڪيئن لڳندي!“

”بس ائين ئي آهي منهنجي ساوتري.“

”ڪا ڳالهہ ٻولهہ بہ ٿيءِ ان ميلي ۾ يا؟“ مون پڇيو.

”بس اهي ٻہ ٽي جهلڪيون ياد آهن ميلي جون. هن سرمو پئي ورتو ڪنگڙيون پئي پاتيون. هوءَ پينگهہ تي چڙهي هئي. هوءَ کلي پئي. هن جو لينگو ڀڙو هوا ۾ پئي اڏريو. بس اهي ئي ڪجهه تصويرون آهن مون وٽ ۽ انهن چند تصويرن ئي من کي موهي ڇڏيو آهي.“

”تو ساڻس ڪا تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي هوندي؟“

”ڪيئن ڪريان ها. پيءُ ماءُ ۽ ڀاءُ جو ساڻ هيس.“

”ميلي کان پوءِ ڪٿي ملڻ جي ڪوشش ڪيءِ؟“

"نه ماءُ پيءُ جي مٿس پابندي آهي، وڏي نگراني ڪندا اٿس. بہ ٽي ڀيرا هتي آيس بہ، لڪي لڪي هن کي ڏسڻ جي ڪوشش بہ ڪيم پر هن جي شڪل ڏسڻ جو موقعو نہ مليو. وڏو سخت ماڻهو آهي هن جو پيءُ، بس هن جي گهر جا ڪُنگرا ڏسي ٿي موٽي ويس."

"خير ڪا ڳالهہ ناهي، هاڻي تہ سڄي زندگي ويٺو ڏسجانس."

سُتي سُتي هو دير تائين خاموش رهيو جڻ ايندڙ زندگيءَ جو لطف پئي ورتائين. پوءِ اٿي ويهي رهيو. کيسي ۾ هٿ وجهي هن پنهنجو بٽون ڪڍيو بٽونءَ مان هڪڙي تصوير ڪڍي منهنجي هٿ ۾ ڏنائين. اها هڪ ڳوٺاڻي ڪنواري ڇوڪريءَ جي تصوير هئي، واقعي نهايت سهڻي من موهڻي، تصوير ۾ مرڪي رهي هئي، صورت تي ڪجهہ شرم، ڪجهہ بيباڪي، ڪجهہ گهٻراهٽ ۽ ڪجهہ دلبري رلمل هئس. هن جي چنچل اکين مان نظر ايندڙ مرڪ دل کي ڏاڍو وڻي پئي.

مون پڇيو: "هيءَ ساوتري آهي نہ؟"

هن پنهنجو مٿو لوڏي هائو ڪئي. "هيءَ تصوير توکي ڪٿان ملي؟"

"ان ميلي مان فوٽو گرافر کان، پورا ٽيهہ رپيا ورتائين، ڏاڍي مشڪل سان اها تصوير ڏنائين، چئن سالن کان سيني سان لڳائي پيو هلان."

مون پڇيو: "آخر اها شادي طئي ڪيئن ٿي؟"

"ڪا ڏکيائي ڪانہ ٿي، هڪڙي حجامڻ جي وسيلي رشتو طئي ٿيو اهي بہ پنهنجي ڳوٺ جا امير ماڻهو آهن، اسان بہ پنهنجي قصبي جي ذات برادريءَ وارا آهيون، انڪري ڪا مشڪل ڪانہ ٿي."

مون تصوير هن کي واپس ڏني، هن تصوير وٺندي پڇيو: "ڪيئن؟ لڳي ٿي نہ فلمي ايڪٽرياڻي؟"

"بلڪل."

"ڪنهن سان ٿي ملي؟"

مون ٻن چئن ايڪٽرياڻين جا نالا ورتا.

هن انڪار ۾ مٿو لوڏيو "نہ ساوتري انهن سيني کان وڌيڪ خوبصورت آهي."

رونق سنگهہ گاهہ جو هڪڙو سَلو ڏندن ۾ دٻايو ۽ آسمان جي وسعتن ۾ تصوراتي تصويرون جوڙڻ لڳو. گهر جو اڱڻ، باغيچو ٻار گل، ساوتري، گل ئي گل!

مون چيو:”چڱو هاڻي پلا هلون، تون تہ لڳي ٿو هن زمين ۾ گپجي ويو آهين، هاڻي اٿين بہ ڇا، آخر ڇج تہ هتي ئي وٺي ايندين!“

رونق سنگهہ اٺي ويٺو تہ مون کلي چيو:”اڄ ڀنهي گهرن ۾ ڇا تہ ڏماچوڪڙي هوندي، ڪيئن نہ زور زور سان دهل وڄندا هوندا! هل تہ جلدي هلي پڄون.“

”اڃان تہ اٺ ڪوهہ پري آهي صاحب، رات ٿي ويندي، پهچندي پهچندي...!“

مون چيو:”پر گهمرو تہ سامان کڻي اڳتي نڪري ويو آهي، اهو ڀڏائي ڇڏيندو.“

رستي ۾ مون هن کان پڇيو:”تون ڪڏهن ڪواڙي قلعي تائين ويو آهين؟“

”ها ويو آهيان، پر ان کان اڳتي سريني جي جهنگ ۾ ڪڏهن نہ ويو آهيان، ڏاڍو سنسان علائقو آهي، پر توکي اتي فارم بنائڻ جو خيال ڪيئن ٿيو آهي؟“

مون سندس ڳالهہ جو ڪو بہ جواب نہ ڏنو. بس هلندا رهياسين. پوءِ مون هن کان پڇيو:”ڪواڙيءَ جي قلعي ۾ اڄڪلهہ ڪير ٿو رهي؟“

”ڪوئي بہ نہ!....اڙي اهو تہ کنڊر آهي کنڊر سو سال پراڻو...“

پوءِ سج ڀڏي ويو ۽ نيري آسمان جو شيشو صاف ٿيندو ويو ۽ نم، شيشم ۽ املتاس جي وڻن جون پاڻ ۾ ڳنڍيل سنڌيل شاخون، ان شفاف شيشي جي پس منظر ۾ ڪارين ڪارين ڇارين جيان نظر اچڻ لڳيون. پوءِ رات گهري ٿيندي وئي، ۽ رستي جي دز بہ نظرن کان گم ٿيندي وئي، اونداهيءَ سبب ڪارائڻ مائل وڻن مان ايندڙ خوشبوءِ سان سارو رستو سڳنڌجي ويو هو. پوءِ آهستي آهستي رونق سنگهہ جهونگارڻ شروع ڪيو. اٿين اسان ڪيترو ئي مفاصلو خاموشيءَ سان طئي ڪري ورتو اهڙي خاموشي، جا ڪجهہ ڳالهائيندي نہ آهي پر دلين ۾ جذبات جو سون پگهاريندي هلندي آهي.

پوءِ ٻڙ جو هڪ وڏو گهاٽو وڻ نظر آيو جتان بہ رستا پئي نڪتا، هتي پهچندي ئي رونق سنگهہ بيهي رهيو پنهنجي ٽوپي لاهي مٽي جي خال خال وارن کي کنهڻ لڳو ۽ پوءِ رومال سان منهن صاف ڪري چوڻ لڳو:”هتان ئي اهي ٻہ رستا الڳ ٿين ٿا، هڪڙو تنهنجي ڪواڙي قلعي ڏانهن ٿو وڃي تہ ٻيو منهنجي ڳوٺ ڏانهن.“هن جي آواز ۾ خوشيءَ جي لهر بہ هئي.

مون چيو:”اڄ تنهنجي گهر تي سيئي تنهنجو وڏي بي چينيءَ سان انتظار ڪندا هوندا!“

”ها!“ چوڻ لڳو.”منهنجي ماءُ بابو ۽ ننڍو ڀاءُ، ۽ منهنجي پندرهن سالن جي

پيرڻ ڳنتل!"

هن جي اکين آڏو جڻ سيني گهر پاتين جا چهرا اچي ويا. "آءٌ تہ هلون!" هن خاموشي مان هڪڙو وڏو ساهہ کڻندي چيو ۽ هلندي سندس قدم تيز تيز ٿيندا ويا.

فوجيءَ جي ڳوٺ جي دنگ واري ديوار نظر آئي. ڇپرن جي ٻاهران ٻاهہ جون ڇيپون ۽ ڪتن جي ڀونڪڻ جو آواز ۽ ٻارن جي روئڻ جا آواز ڪو دروازو کلندي تہ ڪو بند ٿيندي، مال وارين جاين مان اٿندڙ دونهون، ڪنهن وڻ سان ٻڌل مينهن جي رنڀڻ جو آواز ۽ ڪو شخص ونداهيءَ ۾ گم ٿيندي نظر آيو. گهٽيون سوڙهيون ۽ مٽيءَ ۽ ڇيڻي جي بوءِ ۾ گل جيان مهڪندڙ ڪنهن جا ٽهڪ. وري خاموشي. رگهو اسان ٻنهي جي پيرن جو آواز. پوءِ ڪنهن دروازي جي اوٽ مان پڇيو:

"ڪير آ؟"

رونق سنگهہ آواز سڃاتو. "مان آهيان اڪبر چاچا."

پر اڪبر چاچي ڪيس ڪيڪر ٽي ڪانہ ڪئي. دروازو آهستگيءَ سان بند ٿي ويو. اسان اڳتي وڌي وياسين. اڳيان هلي اها سوڙهي گهٽي ٿوري ويڪري ٿي وئي. اوچتو سامهون ڏگهي ماڙيءَ جون دريون نظر آيون. جن مان هلڪي وٽندڙ روشنيءَ ٻاهر اچڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

"گهر اچي ويو." رونق سنگهہ سامهون اشارو ڪندي چيو. سندس آواز جذبات سبب ڏڪڻ لڳو. هن آهستي چيو "اڄ ڇوڪرين کي ساري رات ڳائڻو آهي. زور زور سان ڍولڪ وڄندي هوندي. شايد اندر ڪنهن ڪمري ۾ وڄندي هوندي!"

اها ماڙي هر قدم سان اسان جي ويجهو ٿيندي پئي وئي. ٿوري دير ۾ ئي اسان ان جي سامهون هئاسين. دروازو بلڪل بند نہ هو پر ٿورو کليل هو رونق سنگهہ در نہ کڙڪايو. چپ چاپ اندر هليو ويو مان بہ هن جي پويان پويان.

اڱڻ ۾ خاموشي هئي ۽ ونداهي هئي. صرف چرخي جي پر سان هڪڙو ڏيئو ٻري رهيو هو اندر هڪڙي محراب واري ورانڊي ۾ هڪڙي ٽنيي وٽ پندرهن سالن جي هڪ ڇوڪري ويٺي هئي جا. "ادا" چئي اچي رونق سنگهہ کي چنبڙي. سندس آواز ۾ سڏڪو هو. عورتون خوش هجن پوءِ بہ رئنديون آهن. غم هجي تہ بہ.

رونق سنگهہ، ڳنتل جي مٿي تي هٿ ڦيريندي پاڻ کان جدا ڪيو پڇيو:

"امان ڪٿي آ؟"

”بابا وٽ.“

”۽ بابا ڪٿي آ؟“

”اندر بيٺڪ ۾.“

اسان اندر بيٺڪ ۾ وياسين. هڪڙي تختي تي اڌڙوٽ پر پريل جسم وارو شخص جهڪيل هو ڪي ڪاغذ پئي جاچيائين. پر ۾ هڪ عورت مٿي تي ساڙهيءَ جو پلُو رکيو هٿ ۾ گلاس جهليو بيٺي هئي.

”وٽ پي وٽ!“ هن چيو.

اڌڙوٽ عمر واري شخص ڪاغذن تان نظرون هٽائڻ ڪانسواءِ ئي چيو ”مون کي نہ گهرجي!.

رونق سنگهہ اڳتي وڌيو هن جي پيرن جو آواز ٻڌي اڌڙوٽ عمر واري شخص ڪنڌ کنيو تہ رونق سنگهہ چرڪي ويو. هو پنهنجي پيءُ ماءُ سان پيرين پئي مليو ماڻس جلدي جلدي سندس مٿي تي هٿ ڦيري چپ چاپ هلي وئي. بيٺڪ ۾ بلڪل خاموشي هئي. ديوار وٽ بيٺل ڪنتل بہ چپ چاپ اسان ڏانهن نهاري رهي هئي.

”گهر ۾ اهڙي خاموشي ڇو آ؟“

”اهڙي تہ ڪا ڳالهہ نہ آهي“

اڌڙوٽ عمر وارو شخص ڪنگهندي چوڻ لڳو.

”ڍولڪ بہ ڪانہ ٿي وڄي. بتيون بہ ڪونہ ٿيون ٻرن!“

”اهو......اهو.....!“ هن کنگهڻ جي انداز سان نڙي صاف ڪئي، نڙي صاف ڪرڻ جو اهو انداز بلڪل نرالو هو. رونق سنگهہ پيءُ ڏانهن نهارڻ لڳو پر سندس پيءُ خاموش هو.

”گهر ۾ اونداهي ڇو آ؟ ڇا ڳالهہ آهي؟ ڪو مائٽ مري ويو آهي ڇا؟“

”نہ...“ اڌڙوٽ عمر جي شخص مٿو لوڏيندي چيو.

ڪو حادثو ٿيو آهي؟ ڇا ڳالهہ آهي؟ مونکي ٻڌايو ڇو نہ ٿا بابا سائين! اڄ تہ گهر ۾ خوشيون هجڻ گهرجن ها! سڄي رات قصبي جون ڇوڪريون...“ هن پنهنجي پيڻ ڏانهن ڏٺو”نہ ڪُنتل؟“

ڪنتل بہ ڪيس ڪو جواب ڏيڻ بجاءِ منهن موڙي ڪمري مان نڪري وئي.

رونق سنگهہ حيرانيءَ ۽ پريشانيءَ جي عالم ۾ اچي پنهنجي پيءُ جي پير ۾ ويٺو ۽ سندس منهن ۾ نهارڻ لڳو. سندس پيءُ مٿي تان پڳ لاهي تخت تي رکي، پر ۾ رکيل انگوشي سان منهن تي آيل پگهر اگهيائين. هن جا چپ ڏڪي رهيا

هٿا ۾ اکيون آليون هيون. هن پنهنجو مضبوط هٿ پٽ جي ڪلهي تي رکي چيو:”پنهنجي دل تي پٿر رکي ڇڏ رونق!“

رونق سنگهه چپ چپ پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏسندو رهيو.

”ساوتريءَ سان تنهنجي شادي ڪانه ٿي سگهنديءَ!“

رونق هڪو بڪو ٿي پنهنجي پيءُ ڏانهن نهاريندو رهيو.

”ساوتري ڪالهه رات.. پنهنجي يار سان.... گهر کان ڀڄي وئي، شاديءَ جا سمورا زيور به کڻي وئي!“

ٻڌندي ئي رونق سنگهه جون ڄاڙيون ٻاڻ ۾ پچي ويون، گردن آڪڙجي ويس، هن جون آڱريون ڏاڍي مضبوطيءَ سان تخت جي ڪنڊ تي ڄمي ويون، هن جو ساهه تيز تيز هلڻ لڳو پر هن ڪجهه ڳالهايو ڪونه.

ڪافي دير تائين ڏاڍي تڪليف ڏيندڙ خاموشي هئي. پوءِ رونق سنگهه پڇيو:”گهمرو سامان کڻي آيو“

”ان کي ته ڪلاڪ کن ٿي ويو آهي.“ پٽس جواب ڏنو.

بينڪ جي ٻاهران بيئل ڪنتل کي آواز ڏني. سڏي رونق سنگهه انتهائي سختيءَ سان چيو:

”گهمري کي چئه ته منهنجو سامان کڻي هيڏانهن بينڪ ۾ اچي.“

رونق سنگهه جو سامان جڏهن اندر ڇي ويو ته هن کيسي مان چاٻين جو ڇلو ڪڍي ٽرنڪ کولي. ايتري ۾ سندس ماءُ ۽ ڀيڻ بينڪ ۾ گهڙي آيون، ۽ آهستي آهستي هن ڏانهن وڌنديون ٿي آيون. ٽرنڪ کولي، ان مان هڪ هڪ شيءِ الڳ ڪري ڳڻائيندي چوڻ لڳو:

”هي ساڙهيون.....هي غرارا.....هي بيل باٽم......هي ڪنگڻ...هي ڪنگڻيون.....هي جهومڪ، هي ڳلابند، هي جهومر.....!“

صوبيدار رونق سنگهه پنهنجي ٿيڻ واري زال جي لاءِ گهڻو ڪجهه وٺي آيو هو. سموريون شيون تمام سٺي طريقي سان ماءُ کي ڏيکاري، هن ٽرنڪ بند ڪئي ۽ چاٻيون ماءُ جي ترئيءَ تي رکي چيو:

”امان هي سڀئي شيون سنڀالي رک، ڪنتل جي وهانءَ ۾ ڪم اينديون.“

”پر...“ ماڻس ڳالهائڻ چاهيو پر پٽ جو منهن ڏسي چپ ٿي وئي.

رونق سنگهه پٽ جي ٽيڪ ڏئي رکيل رائفل کنئي، جهڪي ماءُ جي پيرن تي هٿ رکيائين ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

ماڻس رڙ ڪري کيس روڪيو:”پٽ ڪاڏي پيو وڃي؟“

رونق سنگهہ ٿورو ترسيو. ٿورو مڙي آهستگيءَ سان چوڻ لڳو:
”موڪل ملتوي ڪرائي، واپس فوج ۾ وڃي رهيو آهيان.“
”پٽ...“ ماڻس چوندي اٽڪي وئي، پرپٽس روڪي ورتس، جنهن تي رونق سنگهہ پويان ڏسڻ کانسواءِ ئي پنهنجي مضبوط قدمن سان ٻاهر نڪري ويو.
پوءِ سندس پيءُ پڳ ڪڍي پنهنجي مٿي تي رکي، اکين مان ڳوڙها اگهيا ۽ وري بہ ڪاغذن ڏسڻ ۾ محو ٿي ويو.

*

اها رات تہ مون جيئن تيئن ڪري رونق سنگهہ جي گهر ۾ ئي گذاري ورتي. مون بہ رونق سنگهہ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي. هن جو غم، غصو ۽ حسرتن جو خون ٿيندي ڏسي، سندس وقلڻ جو اندازو ڪندي مون هن کي روڪڻ مناسب نہ سمجهيو. ٻيو تہ جڏهن سندس گهر وارن ئي کيس وڃڻ کان نہ جهليو تہ مان کيس روڪڻ وارو ڪير ٿيندو هوس، ۽ کيس آٿت بہ آخر ڪيئن ڏيان ها!
پرهہ ڦٽيءَ جو ڪنهن ٻئي جي جاڳڻ کان اڳ ۾ مان پنهنجو هينڊ بئگ کڻي چپ چاپ ۽ ڏکويل دل سان گهر مان نڪري آيس. ڳوٺاڻن کان ڪواڙيءَ جي قلعي جو ڏس پڇي ڳوٺ جي دنگ واري ديوار کان ٻاهر اچي ويس.
ڪواڙي قلعي ڏانهن ويندڙ رستو اصل ۾ ڪو رستو ڪونہ هو بس ڏنارن جي هلڻ وارو گس هو جيڪو ڪڏهن وڻن جي جهڳٽن ۾ گم ٿي پئي ويو تہ ڪڏهن وارياسي ميدان ۾ تبديل ٿي پئي ويو. مان بہ اندازو ڪندي، ٿُلندي پٽڪندي بهرحال هلندو پئي ويس، ڇاڪاڻ تہ پري پري تائين ڪنهن آباديءَ جو نانءُ نشان ئي ڪونہ هو. هڪ ٻن جاين تي ڏنار پنهنجي ڌڻ سان گذريندي گڏيا. جن کان رستو تہ پڇيم پر جيڪو رستو انهن ٻڌايو انهيءَ بہ ميلن جا ميل رلائي ٿڪائي ڇڏيو. رونق سنگهہ تہ ٻڌايو هو تہ پارپيا ڳوٺ کان ڪواڙيءَ جو قلعو ڏهن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي، پر هتي تہ رستو کٽڻ جو نالو ئي نہ پيو وٺي، مون کي پڪ ٿي وئي تہ مان رستو وڃائي ويٺو آهيان.
هاڻي ٿيون پهر بہ ويجهو اچي ويو ۽ بک بہ گهڻو بي حال ڪري ڇڏيو هو. آخرڪار رستي ۾ هڪڙو شوالو نظر اچي ويو. هڪ اونچي ٽل تي ۽ چٽني پاسن کان ساون ساون وڻن جي گهيري ۾ ميلن تائين پکڙيل سڪل سڙيل وڻن کانپوءِ جو اها ساوڪ ڏٺم تہ اکيون ئي ٺري پيون ۽ مان بي اختيار ان شوالي جي طرف وڌڻ لڳس.

ڪٿي بانس جي لڪڙن جو جهنڊ تہ ڪٿي انبن جا وڻ. ڪٿي جمون تہ ڪٿي گهاٽي چانوَ ڪندڙ نم جا وڻ. پوءِ دڙي جي هڪ پاسي کان پهاڙن ۾ هڪڙو جهرڻو نظر آيو ٿڌو ٺڌو اوجل پاڻي. مان هر هر پنهنجي اکين تي ڇنڊا پئي هنيا ۽ هٿ منهن پئي ڌوتو. پاڻي منوءِ مزيدار هو دل کولي پيتم پر اڄ اساٿ. بک جو بدل نہ ٿي سگهي، جا ان پاڻي پيئڻ سان لڳڻ شروع ٿي وئي، غلطي ڪيم. ڳوٺ مان نيرن ڪري نڪران ها. يا چار مانيون ئي سفر لاءِ ٻڌرائي کڻان ها!

”گهڻو پري کان آيو آن؟“

اوچتو هڪڙو آواز منهنجي مٿي وٽان ٻڌڻ ۾ آيو. مان پنهنجي پنل منهن سان اٿي ڏسڻ لڳس. منهنجي مٿان شوالي جو پوڄاري بيٺو هو ڏگهو گوري چٽي رنگ وارو پوڄاري، ڳوڙيل تڪڙ، ويڪري پيشاني، ڏگهيون جهڪيل غلافي اکيون، ويڪرو سينو چيلهہ ۾ هڪڙي اڇي ڌوتي ۽ پيرن ۾ ڪاٺيءَ جي چاکڙي

مون پوڄاريءَ کي ڏسي هٿ جوڙي چيو:

”ها تمام گهڻو پري کان آيو آهيان، ڪلڪتي کان.“

”ڪيڏانهن ويندين؟“

”ڪواڙي قلعي کان اڳتي، سرينگي جي علائقي ۾.“

”پوءِ تہ تون رستو ڀلجي ويو آهين.“

”ڪيئن؟“

”پوڄاريءَ مون کي رستو ٻڌائيندي چيو:“جنهن رستي سان تون آيو آهين، ان ئي رستي سان واپس وڃ. ڏيڍ ٻہ ميلن تي توکي هڪڙو سڪل واهہ ملندو.“

”هاها مليو تہ هو.“

”ان واهہ جي ڪنڌ ونيو اوپر طرف هليو وڃ، شام ٿيندي ٿيندي تون ڪواڙي جي قلعي تائين پهچي ويندين.“

”پر! مون کي تہ سخت بک لڳي آهي.“

”تہ تڙ ڪري ڀڳوان جو درشن ڪري وٺ تہ توکي ڀوڄن بہ ملي ويندو.“

ڀڳوان جي درشن ڪانپوءِ ڪاڻڻ لاءِ دال ۽ ڀت مليو. ڀتري دال ۾ لُبيل پاروٽا چانور پر بک ايتري لڳل هئي جو ڀتل جي ٿالهيءَ کي بہ چٽڻ لڳس. پوڄاري بيٺو ڪلي رهيو هو مان جڏهن سندس شڪريو ادا ڪري هلڻ لڳس تہ هن پڇيو:

”ڇا رستي ۾ توکي مرهٽا گڏيا هئا؟“

”مرهٽا!“ مون حيرت وچان پڇيو ”ڪهڙا مرهٽا؟“

هن منهنجي سوال جو جواب ڪونہ ڏنو. پنهنجي خماريل اکين سان آسمان

طرف ڏسي چيو: مرهٽا اچن پيا.“ وري ٿورو ترسي چوڻ لڳو ”تون سرڻيءَ ٿو وڃين نہ؟ اتي جي ٺڳن کان هوشيار رهجانءِ.“

”پر ٺڳ تہ عرصو ٿيو ختم ٿي ويا آهن!“

”ختم نہ ٿيا آهن.“ ڏک کان مٿو ڌوڻيندي چوڻ لڳو ”هن علائقي ۾ اڃا آهن، بس سرڻيءَ جي جهنگ کان هوشيار رهجانءِ.“

هو عجيب خوابناڪ اکين سان مون ڏانهن نهارڻ لڳو مون کي ڪجهہ چريو ٿي لڳو ان ڪري مان تڙتڪڙ ۾ ڪانئس موڪلائي شوالي کان ٻاهر هليو آيس ۽ پنهنجو رستو وٺي وڃڻ لڳس.

ڏيڍ ميل ڪَن پوڻيان هلڻ ڪانپوءِ مون کي جڏهن اهو سڪل واهہ نظر آيو تہ ان جو ڪناري ڏئي مان اوپر طرف هلڻ لڳس. آهستي آهستي زمين مٿانهين ٿيندي وئي ۽ سڪل ٻوڙن جي جاءِ تي ساوا ساوا ٻوڙا ۽ انهن جي وچ وچ ۾ ڪٿي ڪٿي وڏا شاهي وڻ نظر اچڻ لڳا.

ان سڪل واهہ ۾ ڪٿي ڪٿي پهاڙن تان ڪرندڙ پاڻي، ننڍين ننڍين ڍبن جي شڪل ۾ بيٺو هو. واهہ ويڪرو ٿيندو ويو ۽ گڏوگڏ سندس ڪنارو بہ مٿانهين تي ٿيندو ويو پر سان هڪڙو پهاڙي سلسلو بہ شروع ٿي ويو. مان ڪَڙَ چڙهي واهہ جي وچ مان، پٿرن تان هلندي رستو طئي ڪرڻ لڳس.

وري واهہ جا ڪنارا سوڙها ٿيندا ويا ۽ چاڙهي شروع ٿي وئي، منهنجي سامهون واهہ جو موڙ اچي ويو. ڏاڍو خطرناڪ ۽ پٿريلو هو. ٻنهي پاسن کان ايترا تہ گهاٽا وڻ هئا جو موڙ جو اڳيون حصو بہ نظر ڪونہ پئي آيو.

موڙ طئي ڪري جيئن ئي اڳيان وڌيم تہ هڪ دم ڌڄي بيهي رهيس، ڀرپائين تہ ڪنن تي ڪنهن جهرڻي جو آواز آيو پر جڏهن اڳتي وڌيس تہ پهاڙي ڪنهن ديوار وانگر منهنجي سامهون آئي، جنهن جي وچ واري ڦاٽ مان پاڻي نڪري رهيو هو جيڪو هيٺ وهندي، جهرڻي جي صورت ۾ بدلجي ٿي ويو. پاڻي اوپر کان ڏکڻ طرف وهي رهيو هو شايد انڪري واهہ جو اولهہ کان اوپر وارو پاسو سڪل هو.

ان پهاڙيءَ جي پٽ جي بلڪل مٿان سڀ کان مٿانهين چوٽي تي ڪواڙي قلعي جي ٽٽل ديوار، ٽٽل ڦٽل ڪنگرا ۽ برجيون نظر اچي رهيون هيون.

مون سوچيو ڪو ٻيو رستو بہ هوندو جيڪو ڪواڙي قلعي جي طرف ويندو هوندو. مان شايد ان قلعي جي پوئين پاسي کان آيو هوس. ان پاسي پهاڙي ڪافي سڌي هئي، ساڄي پاسي مون کي هڪڙو چارو نظر آيو چڱو خطرناڪ هو پر وچ

۾ جاءِ تي ننڍا ننڍا ٻوٽا ۽ وليون ڦٽل هيون، جن کي جهلي، مان مٿي وڃي تي سگهيس.

پٿ تي رينگڻ واري ڇڇيءَ جيان مان آهستي آهستي ڪوشش ڪري مٿي چڙهندو ويس، من ۾ طرح طرح جا خيال پئي آيا ويا. عجيب چريو ماڻهو آهيان مان به جو ڪلڪتو ڇڏي، هن سنسان علائقي ۾ هليو آيو آهيان، سو به هڪ بيوقوف سيٺ جي چوڻ تي.

زندگيءَ جي ڏکئي امتحان کان بچڻ لاءِ جهنگ سان هن قسم جي محبت هڪ حساب سان فرار نه آهي؟ پر تون بچي نه سگهندين! جتي ويندين زندگي تنهنجو پيڇو ڪندي رهندي ۽ پنهنجو ڏن وصول ڪندي رهندي مسٽر!

سوچڻ سبب منهنجو پير ٿڙي ويو جنهن ٻوٽي ۾ هٿ پيل هو ان جي تاري ٽٽي پئي ۽ مان به تي فوٽ هيٺ کسڪي ويس، پير ڦٻائڻ جي جاءِ ملي وئي ۽ پپل جي هڪ تاري هٿ لڳي وئي جيڪو پهاڙ جي ديوار کي ڦاڙي نڪتو هو. زندگي ائين پهاڙ کي ڦاڙي پيدا ٿيندي آهي، ان کان ڪيترو ڀڄندين!؟

گوڏا ڇلجي پيا، هٿ زخمجي پيا، پر مٿي کسڪندي، لڙڪندي، ٿڙندي ٿاٻڙجندي بهرحال ڪنهن طريقي سان قلعي جي ان ٽٽل ديوار تائين پهچي ويس، جتي اهو پيچرو ختم ٿي رهيو هو.

آبشار جو آواز گهٽجي ويو هو ۽ منهنجي سامهون ڪو منظر ئي ٻيو هو. نگاهن ۾ هڪ ڪليل واديءَ جو منظر پرجي ويو جنهن جي پرئين پاسي سائي جهنگ سان گڏ پهاڙي سلسلو هو پريان پهاڙي سلسلي مان ڪرندڙ ندي، هن مٿانهين واديءَ جي دامن ۾ ڦهلجندي ٿي وئي ۽ ان واديءَ جي اتر ۾ مٽيءَ جي چوني سان لپيل هڪڙو اڇو گهر نظر اچي رهيو هو جنهن جي هڪ پاسي جهنگ ۽ ٽن طرفن کان ٻني ئي ٻني،

سيٺ صحيح چيو هو!

واقعي بيحد حسين جاءِ آهي!

فطرت جي جهوليءَ ۾ جتي ساري زندگي گذاري سگهجي ٿي!

مان دير دير تائين دل کي وڻندڙان واديءَ کي ڏسي رهيو هوس، آسپاس قلعي جي کنڊرن کان بلڪل بي پرواهه.

اوچتو منهنجي پرسان ڪنهن جي کلڻ جو آواز آيو!

مون ڇرڪي ان طرف نهاريو.

منهنجي کاٻي پاسي قلعي جو هڪ ٽٽل محراب سان ويڙهيل ٻير جي تاري

مٿي ٽيندي نظر اچي رهي هئي، جنهن جي هڪ شاخ ڪي جهلي هڪ ڇوڪري بيٺل نظر آئي. پير ڪائيندي مون ڏانهن ڏسي کلي رهي هئي ۽ چئي رهي هئي:

”پير ڏاڍا مٺا آهن، ڪائيندين؟“

ائين چئي هن ٻه چار پير مون ڏانهن ٻه اڇلايا. هڪڙو ته اچي منهنجي نڪ تي لڳو ٻيو ڳلن تي ته ٻه چار منهنجي نراڙ تي لڳي زمين تي ڪري پيا.

اهائي ڇوڪري هئي! ساوتري، پر تصوير کان ڏهوڻي حسين!

*

**ٿوري** دير ته مان خاموش نگاهن سان هڪ ٽڪ ڪيس ڏسندو رهيس، هوا پير جي پنن سان ٽڪرائجي سر سر ڪندي رهي ۽ ساوتريءَ جي ڪليل وارن کي سندس ڪلهن تي نچائيندي رهي، ۽ هوءَ منهنجي سامهون بيٺي هئي، هٿن ۾ پير جهلي، وڏين وڏين اکين ۾ شوخيءَ جي چمڪ. پر مان ئي ڪو ڳيرو پڙڪو ڏئي اڏريو ته جڻ منهنجي مٿان طاري ٿيل خاموشي ٻه ٽٽي وئي.

مون ڪانئس پڇيو:”تون ساوتري آن نه؟“

”ساوتري!! ڪير ساوتري؟“

”لنواءِ نه.“ مون ٿورو غصي مان چيو ”تون ساوتري آهين. مون تنهنجي تصوير ڏٺي آهي، تنهنجي شادي پاريپا جي رونق سنگهه صوبيدار سان ٿيڻ واري هئي، پر شاديءَ کان ٻه ڏينهن اڳ تون پنهنجي ڇگهه سان پڄي آئي آهين.“

هن جي چهري جو سون جهڙو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو اکين ۾ جتي پهريائين حيرت هئس اتي هڪ وٽندڙ چمڪ اڀري آيس. هن جهڪي هڪڙو پٿر کنيو چوڻ لڳي:

”تون ڪير ٿيندو آهين جو مون تي اهڙا ڪوڙا الزام ٿو ڏرين. نه مان ڪنهن جي گهر مان ڀڄي آهيان ۽ نه ئي مان رونق سنگهه کي سڃاڻان ٿي.“

”ته تون ساوتري ناهين؟“ ڇوڪريءَ جي ڳالهائڻ ۾ ڪافي سختي هئي انڪري مونکي سندس ڳالهه تي يقين اچڻ لڳو.

”مان ته ريکا آهيان. ۽ منهنجي شادي پنج سال پهرين جيرآباد ضلعي ۾ ٿي چڪي آهي ۽ مون کي هڪڙو ٻار به آهي، مان هتي پنهنجي ماءُ وٽ آئي آهيان.“

”هتي ڪنهن وٽ؟“

ڇوڪريءَ جو هلڪو قد ٿورو پاسيرو ٿي ويو. هن آخر سان واديءَ ۾ ٺهيل گهر طرف اشارو ڪندي چيو:

"او هُو گهر ڏسين ٿو اهو اسان جو آهي، اهو ئي منزلن وارو." ائين چئي هوءَ منهنجي طرف ڦري بيٺي، هن جي ان ريت مڙي بيهڻ سان سندس ڇاتيون پاڻيءَ سان ڀريل ڦوڪڻي وانگر ڇلڪي ويون تہ منهنجي دل بہ ڇلڪڻ لڳي.

"تہ تون سرينءَ واديءَ جي مالڪياڻي آهين؟"

"مالڪياڻي تہ منهنجي ماءُ آهي."

"سُرجي امان؟"

هن جا سنهڙا ڳاڙها چپ ٿورا کليا جن ۾ چمبيليءَ جا گل نظر آيا. هوءَ حيرت وچان پڇڻ لڳي: "توکي منهنجي ماءُ جي نالي جي خبر ڪيئن پئي؟ توکي تہ هن علائقي ۾ مون اڄ تائين ڪونہ ڏٺو آهي، ۽ منهنجي ماءُ جو نالو سُرجي نہ سروجا ديوي آهي."

"مان بہ هن کان اڳ هن علائقي ۾ نہ آيو آهيان. هڪڙي سيٺ مون کي تنهنجي ماءُ جو نالو ٻڌايو هو ۽ اهو بہ ٻڌايو هئائين تہ اها هڪ بيوهہ آهي، پنهنجي زمين وڪڻي پنهنجي ڏيءَ جي ساهرن ۾ وڃي رهندي."

اهو تہ سچ آهي." ڇوڪريءَ مٺو ڏوڙي چيو. هن جي نظرن ۾ منهنجي لاءِ جيڪو شڪ شبهو هو اهو هاڻي دور ٿيندي نظر آيو "تہ ڇا تون زمين ڳنهڻ آيو آهين؟"

"زمين ڳنهڻ نہ پر زمين ڏسڻ آيو آهيان. جيڪڏهن پسند آئي ۽ اگهہ ٺيڪ ٿيو تہ ڳنهي بہ وٺندس، پر هاڻي توکي ڏسي دل چوي ٿي تہ مان بہ جيرآباد ۾ وڃي رهان."

"هل هل." هن معمولي ڪاوڙ ڪندي چيو.

سندس چهري تي ڪاوڙ ۽ غصو ٿوري وقت لاءِ هو. هر عورت پنهنجي تعريف ٻڌي خوش ٿيندي آهي، ڀلي اها شادي شدهہ ڇو نہ هجي.

"منهنجو مڙس ڏاڍو ظالم آهي. جيرآباد ۾ تو جي مون سان اهڙي تهڙي ڳالهہ ڪئي تہ تنهنجو ساهہ ڪڍي ڇڏيندو."

"گهڻا ئي ڏٺا آهن ساهہ ڪڍڻ وارا." مان هن جي ويجهو وڃڻ لڳس. هن هٿ ۾ جهليل پٿر مون ڏانهن اولاريو تہ مان بيهي رهيس.

"مونکي تہ هاڻي بہ اعتبار ڪونہ ٿو اچي تہ تون ساوتري ناهين؟ سود پود اهائي صورت، ڇا هڪ جهڙيون بہ ڇوڪريون ٿي سگهن ٿيون؟ ايتري گهري مشابهت! ڪٿي تون مون سان الين تہ نہ ٿي؟"

"تون اسان جي گهر تہ هلين ٿو نہ، هلي امان سان ڳالهائيندين نہ تہ ان کان

پڇي ونجانءِ تہ مان ڪير آهيان."
سج ٻڏڻ لڳو پاڇا ڊگها ٿيڻ لڳا ۽ قلعي جي ڪنگرن ۽ برجين تي لهندڙ سج جي روشني پوڻ لڳي. هوا ۾ خنڪي بہ وڌڻ لڳي تہ سرينهي جي جهنگ مان هڪ عجيب مهڪ بہ اچڻ لڳي.
هوءَ مون سان گڏ هلڻ لڳي.
هوءَ اربيلائيءَ سان مون سان گڏ هلڻ لڳي، گلابي رئي جي هينان چڪي ٻڌل هيڊي رنگ جي انگي، ۽ ان جي هينان ڳاڙهو ڳاڙهو گهاگهرو پڙو جنهن تي انبن جي پنن وارو پرت، جنهن ۾ آرسيءَ جون ٽڪون سبيل، جيڪي لهندڙ سج جي روشنيءَ تي اولڙا ڪري رهيون هيون. چهري تي سون جهڙي چمڪ. هوءَ مناسب بدن ۽ ننڍي قد واري ڇوڪري هئي، پر ڪنهن بہ ريت هڪڙي ٻار جي ماءُ ڪانہ پئي لڳي، ڪٿان بہ پنجن سالن جي پرٽيل ڪانہ پئي لڳي. عمر ۾ بہ هوءَ سورهن سترهن سالن کان وڌي ڪانہ پئي لڳي. هلندي هلندي هن جو گهاگهرو منهنجي پيرن ۾ ٿي آيو يا سندس رئو ڪنهن ڪنڊن واري ٿاريءَ سان اٽڪي ٿي پيو تہ مون آهستي سان الڳ ٿي ڪيو تہ منهنجو شڪريو ادا ڪرڻ ڪانسواءِ ئي رئو سنڀالي هلڻ پئي لڳي.
عجب دلڪش ۽ بي اختيار لوڏ هئي هن جي. مان تہ سارو رستو هن کي ڏسندو پئي هليس. مون کي خبر ئي ڪانہ پئي تہ سج ڪيڏيءَ مهل لهي ويو ڪڏهن شفق جي لالاڻ، نيري نڀ جي شفاف شيشي تي اڀري آئي ۽ ڪڏهن اهو نيرو گهرو آسمان، سرمائي رنگ ۾ بدلجي ويو ڪيڏيءَ مهل اس جو ڦهليل چارن واديءَ مان اڏري افق جي هن پار گم ٿي ويو ڪڏهن شام جي پاڇن اونداهيءَ جو پهراڻ پاتو. بس مون کي رڳو ايترو معلوم ٿيو تہ جڏهن هن جي گهاگهري پڙي جي ڳاڙهاڻ، ڪاراڻ ۾ بدلجي وئي ۽ ان اونداهيءَ ۾ هن جي پڙي ۾ پوئيل آرسيءَ جي ٽڪن مان نہ چاڻ ڪٿان ڪائي روشني جهرمر ڪرڻ لڳي، تڏهن مون ڄاتو تہ رات ٿي وئي.
هلندي هلندي هن، ڪيڏيءَ ڪيڏيءَ مهل گهرو ساهہ بہ پئي کنيو. جنهن مان ڪنهن ڏکويل من جو احساس ظاهر پئي ٿيو. مان هن جي چهري ڏانهن بہ ڏٺو پئي پر اونداهيءَ سبب ڪجهہ معلوم ڪونہ پئي ٿيو.
مون هن کان پڇيو:"تون ايترو پري قلعي جي کنڊرن ۾ ڇو آئي آهين؟"
"پير ڪاٺڻ آئي هئس."
"پير تہ تنهنجي واديءَ ۾ بہ ملندا هوندا؟"

"ملندا آهن پر اهي ايترا مٺا نہ هوندا آهن."

مان خاموش ٿي ويس. ٿوري دير ڪانپوءِ ڪيس چيم:"منهنجو خيال آهي تہ ڪا ٻي ڳالھ آهي!"

ڏکھو ساھ کڻي چوڻ لڳي:"نہ اها ڳالھ نہ آهي، مان قلعي جي ٻاهران ڪنڌر ڏانهن ان ڪري ويندي آهيان جو ويراني ۾ وڏو سڪون ملندو آهي!"

"ڇا تون بہ مون وانگر ويراني کي پسند ڪندي آهين." مان سندس جواب ٻڌي حيران ٿيندي چيو.

هن ڪو بہ جواب نہ ڏنو چپ چاپ هلندي رهي.

ٿوري دير ڪانپوءِ اسان لاهيءَ تي لهڻ لڳاسين، هوءَ اڳيان اڳيان، مان پويان پويان. ٿوري دير ڪانپوءِ پاڻيءَ جو شور ٻڌڻ ۾ آيو. هڪڙي جاءِ تي هوءَ بيهي رهي، اتي اونداهي ڪجھ وڌيڪ هئي.

چوڻ لڳي:"اچي منهنجو هٿ جهل."

"ڇو؟"

"هتان پاڻيءَ جو وهڪرو تيز آهي، اسان وڻ ڪيرائي پل تہ ٺاهي آهي پر لڏندي ڏاڍي آهي، مان تہ اکيون بند ڪري ٽپي ويندي آهيان، پر تنهنجو ٿورو بہ پير ٿاٻڙيو تہ ڌو وڃي پاڻيءَ ۾ ڪرندين، پاسراٽيون ئي ڀڄي پونديءِ."

مون پڇيو:"توکي هن اونداهيءَ ۾ ڀپ ڪونہ ٿو ٿئي؟"

"نہ تہ....!"

هوءَ هلڪي آواز ۾ چوڻ لڳي:"اونداهي تہ مون کي ڏاڍي پسند آهي، اونداهي تہ منهنجي تقدير آهي."

مان چپ ٿي ويس. سوچڻ لڳس. هي ڇوڪري ڏاڍي پيار ڪندڙ ٿي لڳي، ان عمر جون ڇوڪريون گھڻو ڪري رومانٽڪ ٿينديون آهن. ۽ مڙس، ٻارن ۽ گھر گھاٽ هوندي بہ محبت جي تلاش ۾ آهون ڀرينديون رهنديون آهن.

مون پنهنجو هٿ سندس هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو هوءَ منهنجو هٿ جهلي هلڻ لڳي. اسان جا پير هاڻي چلي صاف ڪيل وڻن واري پل تي هيا. هيٺان واھ جي پاڻيءَ جو شور وڌي ويو هو. پاڻيءَ ۾ جيڪا اڇي اڇي گج ٺهي پئي، اونداهيءَ جي باوجود ڪڏهن ڪڏهن اها نظر پئي آئي. ڇوڪري مضبوط قدمن سان هلي رهي هئي، هن جي نرم نازڪ هٿ جون ميٺ جهڙيون آڱريون، منهنجي من ۾ شمعن جيان ٻري رهيون هيون. پوءِ اسان پل پار ڪئي ۽ هڪ چاڙهي چڙهڻ لڳاسين. پاڻيءَ جو گوڙ گھٽ ٿي ويو. وڻن مان ايندڙ آواز بدستور ايندو رهيو. اسان هڪ سڌي

سطح تي اچي وياسين. هتان وادي پکڙجي هڪ ميدان جي صورت اختيار ڪري چڪي هئي. اسان ٻئي وڻن جي جهڳٽن ۾ بيٺا هئاسين تہ سامهون اٽڪل ٻہ سو والن تي اهو ٻہ ماڙ گهر نظر آيو جنهن جي اندر روشني جهلمل ڪري رهي هئي.

ريڪا منهنجو هٿ ڇڏي ڏنو. چوڻ لڳي: "مان وڃان ٿي!"

"ڪيڏانهن؟"

"پنهنجي گهر."

"۽ مان؟"

"تون بعد ۾ اچجانءِ."

"ڇو؟"

"منهنجا گهر وارا مون کي ڪنهن ڌاريي سان گڏ ڏسندا تہ ڇا چوندا! ان ڪري تون اڌ ڪلاڪ کان پوءِ اچجانءِ... نہ نہ ڪلاڪ کان پوءِ اچجانءِ."

"ايندين نہ؟" هن عجب دردمنديءَ وچان پڇيو "پڪ سان ايندين نہ؟"

هن جي دل جو اهو ڏک منهنجي دل کي ڇهي ويو مون آهستي چيو: "ايندس ڇو نہ. هن اونداهين رات ۾ ٻيو ڪيڏانهن ويندس."

هو اونداهيءَ ۾ گم ٿي وئي. چند قدمن تان ئي جڻ اونداهيءَ ۾ جذب ٿي وئي. مان هڪ پٿر تي ويهي رهيس. هينڌ ٻئگ مان هڪڙو ننڍو ٽوال ڪڍي پنهنجو چهرو صاف ڪيم. پنهنجي ريڊيم واچ ۾ وقت ڏٺم. اجان تہ ست پئي ٿيا. ها پر پهاڙن تي رات جلدي اچي ويندي آهي. ويٺي ويٺي مون آيا جي باري ۾ سوچيو. هن کي شايد ٻيو مرد ملي ويو هوندو. ايتري تيز رفتار دنيا آهي. اج ڪلهہ ڪو ٻہ ڪنهن جي انتظار ۾ ڪونہ ويٺو آهي. محبت کي بہ جيٽ جهاز جا پر ملي ويا آهن. اج ڪلهہ محبت بہ ڪنهن ايئر هوسٽيس وانگر ٿي وئي آهي. جيڪا هر ايندڙ ويندڙ مسافر کي مرڪ پيش ڪندي آهي. چند گهڙيون هر مسافر سان گڏ هلندي آهي. جنهن جو سمورو سفر زندگيءَ جيان آهي. اها هڪ زال جيان چانهن بہ ٺاهي پياري ٿي. مانجهاندو بہ ڪرائي ٿي. لٻيل ٽانءَ بہ کڻي ٿي. اوهان جي ڪنڌ جي هيٺان وهاڻو بہ رکي ٿي. جيڪو گهڻو ڪري زالون نہ رکنديون آهن. پوءِ سفر ختم ٿيڻ وقت هوءَ ائين هٿ لوڏائي ٿي جيئن اوهان روزانو گهر کان دفتر ويندا آهيو. حالانڪہ شايد اوهان کي ٻيهر ملڻ جو موقعو نہ ملي تہ بہ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ آهي. ڪا ٻي ايئر هوسٽيس... يا وري اهائي هوسٽيس..... مگر مرد ڪو ٻيو. هوائي جهاز جي سفر ۾ هڪڙي ڪشش اها بہ آهي. هر مسافر کي ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ پنهنجي پسند جي زال ملي ويندي آهي. خوبصورت.

خدمتگار گهڻ ڳالهائڻ ۾ سدائين مرڪندڙ.

فالتو پيار ڪان مون ڪڏهن به نه گهبرايو آهي، پر دل جي اندر دل جي بلڪل اندر پهچي، ڪٿي ٽڪجي پوڻ جو احساس به لڪل ملندو آهي. نه ڄاڻ ڇو؟ حالانڪ اها مرد جي فطرت نه آهي. پر اڄ ڪلهه ته عورت جي فطرت به بدلجندي ٿي وڃي. سوچيان ٿو ته مرد ۾ عورت کي هڪ جيترا موقعا فراهم ڪيا وڃن ته پنهي جي فطرت هڪ جهڙي ٿي ويندي!

ان ۾ آيا جو ڪهڙو ڏوهه؟ شايد هوءَ مون کان وڌيڪ سچي ۾ حقيقت پسند آهي، پوءِ سچ ۾ ويراني جي ڳولها جي لاءِ جهنگل ۾ وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. اڄ ڪلهه جي شهري زندگيءَ ۾ ماڻهوءَ جي وچ واري تارڪتي ٽتي پئي آهي، شايد ان کي ڳولهڻ لاءِ وڻن جي ويجهو وڃڻ ضروري آهي.

سوچيندي سوچيندي، پورو ڪلاڪ ائين گذري ويو جو خبر ئي ڪانه پئي. خيال جي رواني ۾ اهائي ته سونهن آهي جو ماڻهو ٿڪبو ئي نه آهي، مگر مان صبح کان سفر ڪندي ڏاڍو ٿڪجي پيو هوس ۾ سامهون گهر جون روشنيون مون کي سڏي رهيون هيون.

❊

**حاويليءَ** جو دروازو کليو ۾ ڪنهن لالٽين مٿي ڪري منهنجي چهري تي روشني وڌي.

"ڪير آن تون؟" ڪنهن پوڙهي عورت جو آواز هو.

"مسافر آهيان، راهه وڃائي ويٺو آهيان، رات گذارڻ لاءِ پناهه گهرجي."

"ڪاٿون پيو اچين؟"

"پارپيا ڳوٺ ڪان."

"هتي ڪهڙو ڪم اٿئي؟" پوڙهي عورت لالٽين هيٺ ڪري ڇڏيو جنهن ڪري مان ان عورت جو ميٽوڙي رنگ وارو چهرو ڏسي پئي سگهيس. سندس منهن جي کل ۾ ڪٿي ڪٿي سائي رنگ جون جُهريون پيل هيون، ائين پئي لڳي، ڄڻ تازو ڪنهن ڪفن مان ڪڍيو هجيس.

"او هو. ويچارو ٻاهر سرديءَ ۾ ڏڪي پيو." نوجوان ڇوڪريءَ اندران ئي آواز ڏنو." ويچاري کي اندر ته اچڻ ڏي ڏاهلي بوئا."

مون آواز سڃاتو ريڪا هئي.

پوءِ ريڪا جي پويان ڪنهن ٻي عورت جو آواز آيو "ريڪا ڏيءَ ڪير آهي؟"

”امان ڪو مسافر آهي، رات رهڻ ٿو چاهي!“

”ان کي اندر وٺي آ.“ ان عورت فيصلو ڪندي چيو. ۽ منهنجي سامهون بيٺل پوڙهي عورت مون کي اندر اچڻ لاءِ رستو ڏنو پر هن جي پاسيري ٿي بيهڻ مان اندازو لڳايو تہ هوءَ راضي نہ هئي. منهن ئي منهن ۾ پڻ پڻ پئي ڪيائين ۽ مون کي شڪي نظرن سان پئي نهاريائين.

اڳيان اڳيان ريڪا، ان جي پويان لالٽين کڻي هلڻ واري پوڙهي، جنهن جي پويان مان. هي مختصر قافلو هڪ ڪليل اڱڻ مان گذريو. اڱڻ پار ڪري هڪ سوڙهي ۽ اونداهي هال ۾ پهتو چند والن جي مفاصلي تي روشني نظر آئي. هال جو وڏو دروازو ٽپي اندر آياسين.

هيءَ هڪ وڏي ۽ وسيع بيٺڪ هئي، پراڻي فرنيچر سان پريل، جيڪو اٽڪل سو سال پراڻو ٿي لڳو. جاءِ جاءِ تي تخت ۽ طول وهاڻا ۽ هڪڙي پراڻي ڇپر ڪٽ ۽ زريءَ جي پرت وارا پردا، ديوارن تي پراڻيون بندوقون، ڍالون ۽ سانبرن جون منڍيون، بزرگن جون تصويرون ۽ ڇت ۾ ٽنگيل بلور جا بہ وڏا شمعدان، اندر هال ۾ خوشبوءِ بہ پراڻي زماني جي هئي. راجپوتي زره ۽ تلوارن جي جهنڪار ۽ گونج. ان وسيع هال ۾ رکيل سامان کي ڏسندي، لڳو ٿي تہ هن گهر ڏاڍا سٺا ڏينهن بہ ڏٺا آهن ۽ ڪڏهن اهڙا خوفناڪ بہ جيڪي ظلم ۽ تشدد جي خون سان پريل هوندا.

مان نهايت حساس ماڻهو آهيان ۽ ان وسيع بيٺڪ ۾ رکيل پراڻي سامان کي ڏسندي، منهنجي نظرن اڳيان ماضيءَ جا پاڇا چٽا چٽا ڦرڻ لڳا هئا. پر مون پنهنجو ٻاڻ کي سنڀالي ورتو ڇاڪاڻ تہ منهنجي سامهون ڪاري ڪناري واري سفيد ساڙهي پاتل ڪروڙوڌ عورت تخت تي ويٺي، ڪليل پادان مان سوپاريون ڪيڏي ڪتري رهي هئي ۽ مون ڏانهن نهاري رهي هئي. هن جي مهانڊي ۽ سونهري رنگ ۽ بدن جي مشابهت مان، مون اندازو لڳايو تہ هوءَ ريڪا جي ماءُ هوندي، اڄ بہ خوبصورت هئي ڪڏهن تہ بيحد خوبصورت هوندي.

چوڻ لڳي:”هتي تہ ڪوئي ايندو ويندو ناهي، تون ڪيئن ڀُلجي پيو آهين.“

هن جون گهورينڊڙ نگاهون منهنجي جسم ۾ چڀڻ لڳيون.

مون چيو:”سچ تہ اهو آهي تہ مان دڳ ڀُلجي نہ پر هن پاسي اچڻ جي ارادي سان آيو هوس. هڪڙي سيٺ مون کي اوهان جي گهر جو ڏس ڏنو هو. زمين خريدڻ جو خيال آهي، جيڪڏهن اگهہ ۾ پڇاءُ پيو تہ....“

ريڪا جي ماءُ غور سان مونکي ڏسندي رهي، اوسيئڙو ڪرائيندڙ هڪ وڏي وقفي کان پوءِ سهڻن مهانڊن واري ان عورت جي واتان نڪتو:”ماڻهو شريف ٿو

لڳين، توسان سودو ٿي ويندو.“ ائين چئي مڙي هن، ان پوڙهي عورت کي چيو”هن کي مهمان خانو کولي ڏي، وهنجڻ لاءِ پاڻي بہ رکي ڏيس ۽ ريکا تون مون سان اچ، لڳي ٿو تہ مهمان پاڻ سان بسترو بہ کونہ آندو آهي، مان اندران رلهيون وهاڻا آڻي ٿي ڏيانءِ.“

ريکا پنهنجي وڏين وڏين اکين سان مون ڏانهن نهاريو هن جي ان پراسرار نهار ۾ ڪا خاص ڪشش هئي، پوءِ هوءَ مڙي پنهنجي ماءُ سان هلي وئي.

وسيع بينڪ مان ٿي ڪائيءَ مان نهيل ڏاڪڻ مٿي وڃي رهي هئي. داهلي بوئا لالٽين کڻي اڳيان اڳيان هلڻ لڳي. اسان ٻنهي جي قدمن جو کڙڪو ان وسيع هال ۾ گونجڻ لڳو لڳو پئي تہ ڪائيءَ جي ان ڏاڪڻ تي ڪنهن زماني ۾ قالين يا غاليچو وڇايل ڳهوندو جنهن سان هلڻ واري جي قدمن جو آواز بہ پيدا ڪونہ ٿيندو هوندو پر هاڻي تہ ان ڪائيءَ جي ڏاڪڻ جي سموري سونهن ۽ چمڪ دمڪ غائب ٿي چڪي هئي. هلندي هلندي هاڻي تہ ڏاڪڻ بہ چيڪاٽ ڪري رهي هئي.

ڏاڪڻ چڙهي اسان ساڄي پاسي مڙياسين، وري کاٻي پاسي، پوءِ هڪ ڊگهي بينڪ، جنهن جي ڪنڌ تي پهچي داهلي بوئا پنهنجي گهاگهري ۾ لڙڪندڙ چاٻين جي هڪ وڏي ڇلي مان هڪڙي چاٻيءَ سان دروازو کوليو ۽ لالٽين کڻي اندر وئي. لالٽين جي روشنيءَ ۾ مون کي ائين لڳو ڄڻ مان ڪنهن باغيچي ۾ اچي ويو آهيان. پٽين تي ساون ساون گهاٽن وڻن، ولين سان جهنجهيل نقش نگار ٺهيل هئا. ڇت بہ اهڙن ئي گلن ٻوٽن سان نقش ٿيل هئي. هڪڙو دروازو. گڏ ئي پراڻي وضع جو هڪڙو غسل خانو. ڪمري ۾ هڪڙي جاءِ تي ڇپر کٽ پئي هئي. ٻئي طرف بہ تخت ۽ ٻہ ميزون رکيل هيون. هڪ ڪُنڊ ۾ نيري رنگ وارو چينيءَ جو قيمتي، گهگهي جهڙو گلدان رکيو هو.

مان اجان ڪمري جو معائنو ئي ڪري رهيو هوس تہ سروجا ديوي، ڇپر کٽ تي وڇائڻ لاءِ چادرون ۽ وهاڻا آڻي داهلي بوئا کي ڏئي وئي. داهلي بوئا جا چپ اجان تائين ڪاوڙ سبب پيڪوڙيل هئا ۽ پرون چڙهيل، هن پنهنجي ڪاوڙ بستري وڇائڻ ۽ چادرن کي ٺيڪ ڪرڻ مان پئي ڪڍي.

پوءِ ڏوتي ٻڌل هڪڙو ڊگهي چوٽيءَ وارو نوڪر، هٿن ۾ پاڻيءَ جون ٻہ بالٽيون کڻي اندر آيو هڪڙيءَ مان ٻاڦ پئي نڪتي، ٻي بالٽيءَ ۾ شايد ٿڌو پاڻي هو. مون کيس چيو:”مون کي ٿڌي پاڻيءَ جي هڪڙي ٻي بالٽي بہ گهرجي.“

داهلي بوئا جون ناسون ڦنڊي ويون، چپن ئي چپن ۾ پڙ پڙ ڪرڻ لڳي. نوڪر

جواب ۾ چيو:"جي حاضر صاحب." هو هليو ويو ۽ ٿوريءَ دير ۾ پاڻيءَ جي هڪڙي ٻي بالٽي بہ کڻي غسل خاني ۾ رکي ويو. داهلي بوٽا ٽپائيءَ تي رکيل شمعدان ٻاريو. پوءِ مون ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳي:"جڏهن ماني تيار ٿي وئي تہ اچي سڏي وينديسانءِ."

مون ڪجهہ نہ ڪڇيو هينڊ بئگ مان هڪڙو جوڙو ڪڍي غسل خاني ۾ گهڙي ويس ۽ پوءِ چڱي ريت تڙ ڪيم.

ٿڪل هوس، تڙ ڪرڻ ڪانپوءِ ننڊ اچڻ لڳي، ٿوري دير آرام ڪرڻ جي خيال کان ليٽي پيس پر خبر ئي ڪانہ پئي جو ننڊ اچي وئي، بس اوچتو ڪنهن اچي ٻہ ٽي ڏوڏا ڏنا تہ اک کلي وئي. ڏٺم تہ رات گهڻي گذري چڪي هئي ۽ ريڪا منهنجي مٿان بيهي مون کي جاڳائي رهي هئي.

"ڪڏهن کان ستو آهين. اٺ ماني بہ ٿڌي ٿي وئي آهي، سيئي ڪائي سمهي پيا آهن."

"مون کي بہ جاڳايو ها!" مون چيو.

"امان جهليو. چوي پئي تہ ٿڪل هوندو پلي بہ گهڙيون سمهي آرام ڪري وٺي."

مان اٿي هن جي پويان پويان هلڻ لڳس. ٻن ٽن دروازن مان گذري اسان هڪڙي ننڍڙي ڪمري ۾ داخل ٿياسين. اهو هڪ ننڍڙو رنڌڻو هو ماني پچائڻ لاءِ نہ پر ماني گرم ڪرڻ لاءِ هو. ڪاٺ جو سمورو سامان ڍڪيل ٿانون ۾ رکيل هو. چلهہ ۾ هلڪي باهہ تي هڪڙو ننڍڙو ديڳڙو بہ رکيل هو جنهن جي ويجهو بادامي رنگ جي ساڙهيءَ ۾ ملبوس ريڪا جي ماءُ ڦلڪا پچائي رهي هئي.

"اوهان ڏاڍي تڪليف ڪئي مون کي اڳ ۾ ئي جاڳائي ڇڏيو ها!"

ريڪا جي ماءُ هڪ ٿالهيءَ ۾ رکيل ڪٽورين مان ڀوڄ ڪڍيو ۽ گہ ۾ گرم ڦلڪو لاهي ٿالهي منهنجي ويجهو ڪري ڇڏي. ٻي ٿالهي هن ريڪا کي ڏني، جيڪا منهنجي پويان ساڄي پاسي اٿين ويٺي هئي جو مان وارن جي گهيري ۾ آيل سندس منهن ڏسي پئي سگهيس.

ڪاڏو نهايت خاموشيءَ سان کاڌوسين. گهڻي بک سبب مان تہ ماني کائڻ ۾ جنبجي ويس پر رکي رکي ريڪا کي بہ ماني کائيندي ڏسي رهيو هوس. هن جي اکين ۾ گهرا سپنا هئا. مون کي تہ اهو سمورو منظر ئي ڪنهن سپني جهڙو پئي لڳو. ڪاڌو کائيندي ڪڏهن ننڊ کان اکيون ٻوٽجي ٿي ويون ۽ ڪن پل جي لاءِ اونداهي ڇانئجي پئي وئي. وري اکيون کلن پيون تہ ريڪا جي ماءُ جي مک تي

چلهہ واري باھہ جا پاچا پئي نظر آيا، ۽ هڪڙو روشني جو ڪرٽو ڪڏهن ڪڏهن ريڪا جي وارن ۾ منهن تي بہ پئي پيو. ريڪا جون ميڻ جهڙيون آڱريون پئي ڏٺم، جن سان هن ڏاڍي سليقي سان، چپ ڪولي گراهہ ڪٽي وات ۾ پئي وڌو. هڪ دفعي تہ هن جي ٿالهي منهنجي ٿالهيءَ سان ٽڪرائجي وئي، مون کي ائين لڳو ڄڻ هن پنهنجو گراهہ پيچي منهنجي ٿالهيءَ ۾ وڌو هجي ۽ مون اهو ڪٽي پيٽ ۾ نہ پر پنهنجي دل جي اٿاهہ گهرائين ۾ ڪٿي لڪائي ڇڏيو. ان غنودگيءَ جي حالت ۾ مون کي ڪجهہ ياد نہ آهي تہ وڏيڪ ڇا ٿيو. وڏي قرب واري خاموشيءَ ۾ هن جون ڦڙڪندڙ پلڪون ۽ انهن جي پاڇي ۾ سندس اکيون ۽ گراهہ ڪٽي ڇپن وٽ ترسي پوڻ واريون آڱريون ۽ سندس ساهہ اهڙو مڌم ۽ گداز ڄڻ اڌ رات جو رات جي راڻيءَ جا گل پيا ٽڙن. ڪڏهن تہ ڏهن ڏهن سالن ۾ ڪجهہ ڪونہ ٿيندو آهي، ڪڏهن تہ هڪڙي لمحي جي اڌار ۾ سموري زندگي روشن ٿي ويندي آهي.

ماني کائڻ کانپوءِ ريڪا منهنجا هٿ ڌئاريا. پوءِ سروجا ديويءَ هڪڙو شمعدان کنيو اڳيان اڳيان ماءُ هلي، پويان پويان ڏيءَ، جنهن جي پويان مان. ان بندري قد واري ڇوڪريءَ جي چال ۾ ڪافي لوڏ هئي، ننڊ واري خماريل چال. وڏا ٿڏا ٿڏا گهاوَ ڏاڍا خطرناڪ جسماني زخم، ڪيترائي پيرا منهنجي دل چاهيو تہ هن کي پنهنجي ٻانهن جي پيڪڙ ۾ ڀري وٺان. مون کي ڪجهہ ائين محسوس ٿيو ڄڻ هوءَ ڪنهن گڏيءَ وانگر منهنجي ٻانهن ۾ سمائجي ويندي، پر مون پاڻ کي سنڀالي ورتو. حالانڪ ننڊ هئي، ننڊ جا خمار هئا ۽ گهري قرب واري خاموشي هئي. ڪنهن بہ ڪجهہ بہ نہ پئي ڳالهايو پر لڳو ائين پئي ڄڻ بدن بدن کي سڏي رهيو هجي.

ڪمري جي ويجهو اچي پئي ماءُ ڌيءُ بيهي رهيون. ماءُ چيو:

"آرام سان سمهي پءُ، صبح جو پہ گهوڙا تيار هوندا ۽ ريڪا توکي زمين ڏيکاري وٺندي"

ريڪا جون نظرون مون ڏانهن کڃيون، هڪ لمحي لاءِ ڄڻ ڪنوڻ جو چمڪو ٿيو پوءِ هن جون اکيون جهڪي ويون ۽ ڪجهہ چوڻ کان سواءِ ئي ماءُ سان گڏجي هلي وئي. جيستائين اکين کان اوجهل نہ ٿي، مان اُتي ئي بيٺو ڪيس ڏسندو رهيس.

پوءِ مان پنهنجي ڪمري ۾ آيس. دروازو اندران بند ڪيم، شمعدان کي وسايم ۽ پئي دريون کولي ڇڏيم. پري کان ايندڙ جهنگل جي هوائن جو شوڪاٽ ڪندڙ آواز ٻڌندي مان سمهي پيس.

الائي تہ ڪيتري دير تائين ستو پيو هوس تہ اوچتو مون محسوس ڪيو تہ منهنجو ساھہ گھٽجي رهيو آهي ۽ ڪو شخص گهوگهو ڏئي منهنجو ساھہ ٻوساٽي مارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، ان ئي وقت منهنجو هٿ گردن ڏانهن هليو ويو ان ئي وقت ان جو هٿ بہ نوڙ جي ان ڦاهي ۾ ڦاسڻ لڳو هو. مون پنهنجي ويجهو ڪنهن جي ساهن جو آواز بہ ٻڌو پئي ۽ ڪوئي هيو جيڪو ان ڦاهي کي زور سان منهنجي ڳچيءَ ۾ جڪڙي رهيو هو.

منهنجي خوشقسمتي هئي جو ستل حالت ۾ ئي منهنجو هٿ منهنجي گردن تائين پهچي ويو هو پوءِ مان ان هٿ کي جهلڻ چاهيو جيڪو ڦاهي ۾ ڦاٿل هو. حالانڪ ڦاهو ڏيڻ واري پڪڙيو بہ ڏاڍي مضبوطيءَ سان هو پر مان پنهنجي طاقت سان هن جو هٿ گردن کان ٿورو مٿي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس، پوءِ مان هڪڙو جهٽڪو ڏنو جنهن سان جڪڙيل ڦاهي مان آزاد ٿي ويس.

ڪمري ۾ مڪمل طور تي اونداهي هئي، ڪجهہ بہ نظر ڪونہ ٿي آيو پئي لمحي ڦاهو ڏيندڙ شخص مون سان چنبڙي پيو ۽ مون کي قابو جهلي مارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. اسان ٻئي وڙهندي، چپر کٽ کان هيٺ ڪمري جي فرش تي ڪري پياسين ۽ هڪٻئي سان وڙهندي فرش تي ئي چڪر ڪاٽيندا رهياسين.

هن شخص جو سارو بدن اگهاڙو هو ۽ سندس بدن مان پنگ جي بوءِ اچي رهي هئي. وڙهڻ دوران مون محسوس ڪيو تہ هو ڪو هٽو ڪٽو شخص هو ۽ قد ۾ ڊينبو هو پر ڏاڍو طاقتور هو. هن کي ملهہ واري ڏانءَ سان ڪيرائڻ مون لاءِ ڏاڍو ڏکيو هو پر مون ڪلڪتي ۾ جوڊو ڪراٽي جو فن سکيو هو. سو بہ چار پيرا ڏک ڪائڻ ڪانپوءِ اونداهيءَ ۾ اندازو ڪري مون سندس پاسراٽين ۾ ڪراٽي جو هڪڙو ئي هٿ هنيو تہ هو ڦيراٽي ڪائي ڪري پيو. ڪرندي هن جي وات مان ايذاءَ ڪان دٻيل رڙ بہ نڪري وئي. پر هو بيحد مضبوط هڏ ڪاٺ وارو شخص پئي معلوم ٿيو جو ڪرندي ئي هڪدم اٿي مون سان ٻڪجي ويو ۽ مون کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو پر مان ڪرندي ڪرندي بہ هن جي ٻک مان پاڻ ڇڏائي ويس. بس ان مهل جوڊو وارو داءُ هنيو مانس ۽ ساڻ ساڻ سندس گردن تي هڪڙو اهڙو وار ڪيم جو هو منهنجو وار نہ بچائي ها تہ هن جي گردن ٽٽل هجي ها. پر پوءِ بہ سندس ڪلهي تي منهنجو پيو وار بہ ايترو تہ سخت پيو جو هو ٿاٻڙندو پري وڃي ڪريو پر ساڳئي وقت هو نوريٽڙي وانگر ڊوڙ پائي دريءَ مان ٽپو ڏئي، ڪنهن جن وانگر غائب ٿي ويو.

ٿوري دير تائين تہ مان بہ ٿڪل هجڻ سبب سهڪي رهيو هوس. پر پوءِ

جڏهن ساهہ پنهنجي جاءِ تي آيو تہ مان تيلي ٻاري. شيشي جو شمعدان روشن ڪيو ۽ دروازو کولي ٻاهر بيٺڪ ۾ هليو آيس. پر اتي ڪوئي بہ ڪونہ هو. جيڪڏهن ڪوئي هيو بہ تہ اهو هليو ئي ويو هو.

مان واپس پنهنجي ڪمري ۾ آيس. دروازو چڱيءَ طرح بند ڪيم. ٻئي ڪليل دريون بند ڪيم ۽ سگريٽ دکائي بستري تي اچي ويٺس. سگريٽ جا سوٽا هڻندي مان سوچڻ لڳس تہ اهو اوچتو حملو ڪنهن ڪيو هوندو؟ ڀلا ڇو ڪيو هوندو؟

جڏهن ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ چادر تاڻي سمهي پيس. پر ننڊ گهڻي دير تائين ڪانہ آئي. پوءِ بہ سوچيندي سوچيندي الائي تہ ڪيڏيءَ مهل ننڊ اچي وئي. اٽيس تہ سج جا ڪرڻا ڪمري ۾ گهڙي آيا هئا ۽ ڪوئي زور زور سان دروازو کڙڪائي رهيو هو.

اتي دروازو کوليم تہ ڏٺم تہ داهلي ٻوئا چانهن جو ڪوپ جهليو بيٺي هئي.

❋

**ڪائڻ** واري ڪمري ۾ نيرن جو سامان رکيل هو. اڙوهيءَ ڪاٺل پراڻي ميز جنهن تي شايد مهمان جي اعزاز ۾ اچي چادر وڇائي ويئي هئي، ميز نيرن جي شين سان سجيل هئي. نيرن سبزيءَ مان ٺهيل هئي، تريل مٽر، پٽاٽن جي ڀاڄي، مرچن وارو ڪدوءَ جو ڀوڙ، تازو مکڻ، گرم گرم اڦراٽا.

ريڪا جي ماءُ چوڻ لڳي:"ناشتو چڱيءَ طرح ڪجانءِ، اڄ توکي زمين ڏسڻ لاءِ وڃڻو آهي، شام جو موٽنڍين."

"تہ ڇا سارو ڏينهن ماني نہ ملندي؟" مون مرڪندي پڇيو ۽ غور سان سروجا ديويءَ ڏانهن ڏٺو. سروجا ديوي وهنجي آئي هئي ۽ بنارسي سلڪ جي سفيد ساڙهي پائي ويٺي هئي. سندس ڳاڙهسري چهري جو پڪو پختو حسن عجب دلڪش پئي لڳو. مون سوچيو هن عمر ۾ ئي هيءَ عورت ايتري خطرناڪ حد تائين حسين آهي تہ جوانيءَ ۾ سندس ادائون ڪيترين نہ دل ڪسيندڙ هونديون.

سروجا ديوي چوڻ لڳي:"نہ! مان ڪرپا رام جي هٿان ٻن پهرن جو کاڌو موڪلي ڏينديس."

ريڪا پڇيو:"پر هو اسان کي ڳڏبو ڪٿي؟"

سروجا ديوي چيو:"هو ماني ڪٺي توهان کي شڪار گهر تي اچي ملندو."

"اهو شڪار گهر ڪٿي آهي؟" مون ريڪا کان پڇيو.

”جتي اسان جي زمين ختم ٿئي ٿي ۽ جهنگل شروع ٿئي ٿو اتي هلي، مان توکي ڏيکاري ڇڏينديس.“ ريکا چيو.

منجهنجي سامهون پٽ تي به تصويرون ٽنگيل هيون، ويڪري ڇهري وڏين مڇن، ۽ ڪاڏيءَ تي پنهي طرفن کان ڇڪيل راجپوت وضع جي ڏاڙهي، گهريون چمڪيليون ۽ پروقار اکيون، مٿي تي ڪلف لڳل ڪپڙي واري پڳ. هڪڙي جي عمر وڏيڪ پئي لڳي، ٻئي جي گهٽ. پر ٻنهي جي شڪلن ۾ تمام گهڻي مشابهت هئي، جيئن مون ساتري ۽ ريکا جي چهرين ۾ ڏٺي هئي.

مون ٻنهي تصويرن جي باري ۾ ريکا جي ماءُ کان پڇيو.

سروجا ديويءَ جو چهرو مرجهائجي ويو هن هڪ لمحي لاءِ ٻنهي تصويرن ڏانهن نهاري، نظرون ڦيرائي ڇڏيون. آهستي چوڻ لڳي:”وڏي عمر وارو منهنجو مڙس آهي، ٻيو جيڪو ننڍي عمر جو ٿو لڳي، اها تصوير منهنجي ڏير جي آهي!“

”ٻئي ڪٿي آهن؟“

سروجا ديوي ڪجهه به نه ڳالهايو اکين ۾ ڳوڙها ترڻ لڳا.

ريکا چوڻ لڳي:” ٻئي گذاري ويا آهن.“

سروجا ديوي چوڻ لڳي:”جيستائين ٻئي ڀائر جيئرا هئا، هيءَ وادي سرسبز هئي ۽ زندگيءَ جيان جيئري جاڳندي هئي، پورن ٽن سون ايڪڙن ۾ پوک ٿيندي هئي، پنجاهه کان ته مٿي اسان جا هاري هوندا هئا. هن حاويليءَ جو شان ئي نرالو هوندو هو. انهن جي گذاري وڃڻ کانپوءِ سڀ ڪجهه اجڙي ويو....مان عورت ذات، ڪيستائين هيءَ زمين سنڀالي سگهنديس، ڇوڪريءَ جي شادي ٿي وئي آهي، صرف ست هاري بچيا آهن. اهي به سدائين پڇڻ جون ڳالهيون ڪندا آهن. ان ڪري مون سوچيو آهي ته زمين وڪڻي مان به وڃي ڌيءَ وٽ رهان....پر جيڪڏهن اتي دل نه لڳي ته هردوار هلي وينديس. هاڻي هن ويراني ۾ منهنجي دل ڪانه ٿي لڳي.“

”پر منهنجي دل شايد لڳي وڃي.“

چوڻ لڳي:”ڏسي وٺ جڳهه پسند اچئي ته سودي ۾ به ٺهي پونداسين.“

مون پڇيو:”ڇا مون کي سڀ ڪجهه خريدڻو پوندو.“

”نه.“ هوءَ چوڻ لڳي، ”هي گهرمان نه ڏينديس، هيءَ حاويلي اسان جي وڏن جي آخري نشاني آهي، هن سان گڏ پنهنجي ۽ ريکا جي لاءِ پنجاهه ايڪڙ زمين به پاڻ وٽ رکنديس، توکي ڪو اعتراض ته ناهي؟“

”نه نه،“ مون چيو”مون کي ته ڏاڍي خوشي ٿيندي جيڪڏهن اوهان هتي

رهندا، هڪ ڪان پ وڏيڪ پلا ٿيندا آهن. پيو تہ مان بہ ايتري ساري زمين وٺي ڇا ڪندس، شايد مون وٽ ايترا پئسا بہ ڪونہ آهن!“

سروجا ديوي ڪاٺي جي ميز تان اٿندي چيو:”نيرن ڪري سوير ئي نڪري وڃو تہ سٺو حاويليءَ جي ٻاهران گهوڙا تيار هوندا.“

ريڪا جي ماءُ جي وڃڻ ڪانپوءِ مان سوچي رهيو هوس تہ رات واري حملي جي ڳالهہ ريڪا کي ٻڌائي ڇڏيان، تہ ايتري ۾ ريڪا پڇيو:”هن پڙپانگ علائقي ۾ ڇو تون رهڻ چاهين؟ ڇا ڪنهن جي محبت ۾ هارَ ڪائي آيو آهين؟“

مان ٿوري وقفي کان پوءِ چوڻ لڳس:” نہ تہ، مان ان کي هارَ نہ چوندس ڇاڪاڻ تہ مون اهڙي محبت ئي ڪانہ ڪئي آهي جو... پر مان ڪنهن کان هارڻ ضرور ٿو چاهيان!“

”ڇو؟“

”انڪري تہ زندگيءَ ۾ صرف گل نہ آهن. زخمن سان بہ زندگي گذاري ٿي سگهجي، شايد زخم ۽ حسرتون گهڻي دير تائين ياد رهنديون آهن. انهن جو درد، ڪنهن جهرڻي وانگر پيو وهندو آهي.“

”پر هتي توکي محبت ڪرڻ لاءِ ڪهڙي عورت ملندي؟ مان بہ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ساهري گهر موٽي ويندس. منهنجي ماءُ بہ جيڪڏهن تو زمين خريد ڪري ورتي تہ اها بہ هتان لڏي هلي مون سان رهندي. تون هن ويراني ۾ ڪنهن سان محبت ڪندين؟“

”مان شايد ڪنهن هرڻيءَ سان محبت ڪندس. دل ۾ پيار هجي تہ پٿر بہ نرم گداز ٿي ويندو آهي. هن حاويليءَ جي وسيع بيٺڪ مان، مون کي ڪنهن جي ڇيرين جي ڇڻ ڇڻ ٻڌڻ ۾ ايندي، محبت لاءِ ڪنهن جو تصور بہ ڪافي آهي.“

”عجيب ڇريو ماڻهو آهين!“

”ڇريو هجان ها تہ انسانن جي آبادي ڇڏي هن سنسان علائقي ۾ ڇو اچان ها.“

ريڪا ڊگهو ساهہ کنيو ۽ ڪاٺي جي ميز تان اٿي کڙي ٿي. چوڻ لڳي:”تون ٻاهر هل، مان ڪپڙا بدلائي اچان ٿي.“

ريڪا جڏهن ڪپڙا بدلائي حاويليءَ کان ٻاهر آئي تہ هن کي هلڪي ڳاڙهسري ۽ سرمائي رنگ وارو چولو پاتل هو جنهن تي سونا ٻٽڻ ٽاڪيل هئا ۽ هلڪي ڳاڙهسري ۽ سرمائي رنگ وارو چوڙيدار پاجامو جنهن مان هن جي پريل پريل ٽنگن جي دل ۾ پيهي ويندڙ سونهن، عجب بهار جو احساس پيدا ڪري رهي

هئي. وار هڪ ڊگهي ۽ لهرائيندڙ چوٽيءَ ۾ ٻڌل هئس پر هڪڙي ڇڳ نڪري آئي هئس يا پاڻ ڇڏي ڏني هئائين. جيڪا سندس ڳچي تي لهرائي رهي هئي. حسن قدرت به آهي ته ڪاريگري به، مون سوچيو. ريڪا پنهنجو رئو پنهنجي ڳچيءَ جي چوگرد ڦيرائي ڇڏيو هو ۽ ڪنهن هوشيار گهوڙيسوار جيان گهڙي جي پٺيءَ تي چڙهيل هئي، مان ٿوري اٽڪل سان چڙهيم ڇاڪاڻ ته مون ته رڳو دارجلنگ ۾ گرمين واري موسم ۾ گهوڙن تي سير ڪيو هو.

اسان جي گهوڙن جي پرسان ٽي چار ڪڙمي ادب سان بيٺا هئا. انهن مان هڪڙي ڏانهن منهنجو ڌيان ڇڪجي ويو. وڏي ڪاڏي، گهاٽيون مڇون ۽ گهاٽا پرون، چنجهيون اکيون. ڇڪي ٻڌل پڳڙيءَ سبب سندس سوڙهي پيشاني اجان به ننڍڙي پئي لڳي. هو پڻ مون کي چيندڙ نگاهن سان گهوري رهيو هو.

ٿورو اڳتي وڃڻ ڪانپوءِ مون جڏهن ان شخص جي باري ۾ ريڪا کان پڇيو ته هن ٻڌايو ته :

”اهو راوت آهي، ڪڙمين جي مٿان مئنيجر آهي، پر طبيعت جو ڏاڍو ظالم ماڻهو آهي.“

”ته پوءِ اهڙي ماڻهوءَ کي ڇو رکيو اٿوَ“

”سچو ڪم اهو ڪندو آهي، اسان جي بابا جي وقت کان اهو ئي شخص زمينون سنڀاليندو آيو آهي، سخت ماڻهو ضرور آهي پر ڪڙمي اهڙن ماڻهن سان ئي ٺيڪ هلندا آهن. شهر وڃي ڏلَ ٻلَ به اهو ئي پري ايندو آهي، ڪورٽ ڪچهريءَ جا ڪاغذ به اهوئي ڏسندو ڪندو آهي، اهو نه هجي ته منهنجي ماءُ وِچاري ڇا ڪري سگهندي، تون پاڻ سوچ. ان جي آسري ته هن جهنگل ۾ رهي پئي آهي، هاڻي تون اچي ويندين ته جيئن وڻئي تيئن ڪجانءِ“

زمين هيٺ مٿانهين هئي، ڪٿي پيچرا اچي پئي ويا، ڪٿي ميداني علائقو ته ڪٿي ڪيڙيل زمين هئي، پر گهڻي زمين ڪيڙيل ڪانه هئي، جنهن ۾ گاهه، ٻوٽا، وليون ۽ ٻوڙا ڦٽي آيا هئا. ٻني، زمين جي سطح کان ٿورو مٿيري هئي، ٽن سون ايڪڙن جي ايراضي ۾ ٽنهي پاسن کان ننڍي دائري واري صورت ۾ سرينيءَ جو پهاڙي سلسلو هو وچ ۾ هڪ ندي هئي جا ٻنيءَ جي هيٺان گذري ڪوواڙي قلعي جي طرف پئي هلي وئي. زمين ڪاري رنگ جي پر زرخيز هئي. مون سوچيو....! نديءَ ۾ پاڻي به موجود هو انڪري هڪ سٺو فارم ٺهي پئي سگهيو.

اسان جا گهوڙا هڪ پهاڙي پيچري تان جهنگل جي طرف هلي رهيا هئا. آسمان تي ڪير جهڙا اڇا اڇا ڪڪر هئا ۽ مان ريڪا جي لهرائيندڙ چوٽيءَ کي

ڏسي رهيو هوس. هن جو رئو بہ ڪڏهن چوٽي سان اٽڪي ٽي پيو تہ ڪڏهن هوا ۾ ڦيريون پائيندو ٿي رهيو.

"اونهہ" ڪري ريڪا آخرڪار پنهنجو رئو گهوڙي جي هَني سان ٻڌي ڇڏيو ۽ مان هن جي سنهڙي ڏگهي ڳچيءَ جي وڪڙ ڏانهن ڏسي رهيو هوس, هوءَ وڏي ڪاريگريءَ سان گهوڙو ڊوڙائي رهي هئي, مون کي ساٿس ساٿ ڏيڻ ۾ ڪافي تڪليف پئي محسوس ٿي, انڪري بہ جو مان رستي تي ڏسڻ بجاءِ هن کي هن جي گهوڙي جي ٽوهہ تي پئي هليس. عورتون پنهنجي چهري تي پوندڙ نظرون هڪدم محسوس ڪري وٺنديون آهن, پوءِ انهن جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويندو آهي, اکيون جهڪي وينديون آهن ۽ سموري جسم ۾ سرسراهٽ ڦهلجڻ لڳندي آهي. ڳالهيون ڪندي ڪندي ريڪا ڪيتري دير تائين چپ هئي, يعني جڏهن مان سندس چهري جي حسن ۾ ڪوئجي ويو هوس, تڏهن کان چپ هئي!

آخر هوءَ اُن ڊگهي خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چوڻ لڳي:

"ڪجهہ تہ ڳالهاءِ!"

"ڇا ڳالهايان؟"

منهنجي سوال ٻڌڻ ڪانپوءِ هو وري خاموش ٿي وئي.

شڪار گهر تائين اسان سڄو مفاصلو اسان چپ چاپ طئي ڪيوسين.

❊

**پٽو** جو ٺهيل شڪار گهر ڏاڍي ڦٽل حالت ۾ موجود هو. ڪڏهن نهايت عمدي حالت ۾ ضرور هوندو. وڏا وڏا مضبوط دروازا, ڊگهن محرابن واريون دريون, جيڪي جهنگل جي طرف پئي کليون. پرسان ئي ندي پئي وهي, شيشي جيان شفاف صاف ستروءِ مٺو پاڻي, شڪارگهر جي چئني پاسن کان بانس جي لڪڙن سان ٺهيل لوڙهو هو ۽ هڪڙو باغيچو جيڪو وڻن ۽ جهنگلي ولين سان ڀريل هو, ولين مٿان جاءِ جاءِ تي ڪرني جا گل پئي لڙڪيا!

گل چني جهومڪن جيان ريڪا پنهنجي ڪنن ۾ پاتا.

مون پڇيو:"هن زمين ۾ ڪهڙي پيداوار ٿيندي آهي؟

چوڻ لڳي:"جيستائين بابا زندهہ هو تہ گهڻو ڪجهہ پوکبو هو. نديءَ جي ڪناري چانور ٿيندا هئا, پهاڙواري پاسي جوئر ۽ مڪئي ٿيندي هئي. ميداني حصي ۾ ڪڻڪ, ريتيلي زمين ۾ ٻاجهر, جوار, داليون وغيره, حاويلي جي ويجهن باغن ۾ هر قسم جون سبزيون هيون, هاڻي تہ جهنگ ئي جهنگ آهي. پوءِ بہ گهر

جي لاءِ گهٽو ڪجهہ اچي ٿو.“

مون چيو:”جيڪڏهن ڪو محنت ڪندو تہ هي تہ هڪ ننڍڙي جنت آهي.“

چوڻ لڳي:”جنت نہ دوزخ آهي، دوزخ.“

”دوزخ ڇو؟“

ريڪا ٿوري دير خاموش ٿي وئي، پوءِ چوڻ لڳي: ”اڄ کان پنج سال پهرين هن ئي شڪار گهر ۾ ڪنهن منهنجي بابا کي گولي هڻي ماري ڇڏيو هو.“

”هن شڪار گهر ۾!؟“ مون کان ڇرڪ نڪري ويو.

”ها هن ئي ڪمري ۾ جتي اسان ويٺا آهيون، ان ئي ڪمري مان هن جو لاش مليو هو.“

”قاتل جو ڪو پتو پيو؟“

”نہ. مان ٻئي ڪمري ۾ هئس، گولي ڇٽڻ جو آواز ٻڌي مان...ڊوڙندي آيس تہ بابا کي فرش تي خون ۾ رتورت ڏٺم. مون هن کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڏٺم تہ هو اڃان جيئرو هو پر اهي هن جا آخري پساهہ هئا. هن جي اکين ۾ هڪڙو سوال هو ڄڻ ڪجهہ چوڻ چاهيندو هجي، تمام گهڻي ڪوشش ڪري هن چيو: ”مون کي..“

بس ان کان وڌيڪ ڪجهہ چئي نہ سگهيو ۽ هن جي گردن لڙڪي پئي آخري ساهہ بہ نڪري ويس.

ڏک کان ريڪا جو آواز ڀرجي آيو ۽ اکين ۾ ڳوڙها اچي ويس.

ٿوري دير تہ مان بہ خاموش ٿي ويس، بعد ۾ پڇيو مانس:”قاتل جو ڪو پتو پيو؟“

”اون هون، هارين، ڪڙمين سارو جهنگل ڳولهيو ڪيترائي مهينا پوليس بہ جانچ ڪندي رهي پر قاتل پڪڙجي نہ سگهيو پر بابا جي قتل کان ٽيڪ سال پوءِ اسان جي چاچي. جنهن جي تصوير تو حاويليءَ ۾ ڏٺي هئي، ان کي بہ هن شڪار گاهہ جي ڏاڪڻين تي گولي هڻي قتل ڪيو ويو هو.“

”اڙي!“ حيرت وچان منهنجي واتان نڪري ويو.

”اسان جو چاچو جهنگل مان شڪار ڪري موٽيو پئي ۽ شڪار گهر جي ڏاڪڻ تي چڙهيو پئي تہ پويان ڪنهن گولي هنيس، بس ويچارو اتي ئي ڪري پيو.“

مون تي سڪتو طاري ٿي ويو.

ريڪا پنهنجا ڳوڙها اگهي چوڻ لڳي:”پوليس تہ مهينن جا مهينا جانچ ڪندي

رهي، ڪيترائي ڪڙمي بہ ڦاسايائون، پر آخر ۾ سيئي ڇٽي ويا. قاتل ڪڏهن پڪڙجي ئي نہ سگهيو آهي!"

"پوليس جو ڪهڙو خيال آهي؟"

"پوليس بس ايترو ئي ثابت ڪري سگهي آهي تہ ٻنهي ڀائرن کي هڪڙي ئي بندوق جي گوليءَ سان ماريو ويو آهي. انهن جو خيال آهي تہ ٻنهي ڀائرن کي مارڻ وارو بہ هڪڙو ئي آهي، پر اهو ڪير هو؟ ان جي بہ خبر ڪانہ پئجي سگهي آهي! جنهن بندوق سان يا جنهن قسم جي گوليءَ سان انهن کي قتل ڪيو ويو آهي، اهي بہ چون ٿا تہ حويليءَ جي اصلحي خاني ۾ موجود هيون. انهن ٻنهي حادثن کانپوءِ هن سموري واديءَ جي سموري رونق ختم ٿي وئي آهي. هيءَ وادي صفا اجڙي وئي آهي. ڪڙمي بہ هڪ هڪ ڪري ڀڄي ويا آهن. ڪو چوي ٿو تہ هن واديءَ تي غيبائت جو پاڇو آهي، ڪو چوي ٿو تہ هن واديءَ ۾ جن ڀوت ٿا رهن ۽ ڪنهن بہ انسان کي هت رهڻ ڪونہ ٿا ڏين. ڪنهن جاءِ جي متعلق جيڪڏهن اهڙي ڪا ڳالهہ مشهور ٿي وڃي تہ پوءِ اتي ڪير رهندو؟ انهن ڇٽن سالن دوران هوريان هوريان ڪري سيئي هليا ويا آهن. بس هڪڙو راوت اسان وٽ آهي ۽ ڪجهہ ڪڙمي، اهي بہ راوت جا ماڻهو آهن ۽ ان ئي اڄ تائين انهن کي روڪي رکيو آهي!"

"انڪري تنهنجي ماءُ هيءَ زمين وڪڻڻ چاهي ٿي؟"

"جي ها! ۽ تون واقعي وٺندين ڇا؟"

"ها، مان خريد ڪندس، مان جنن ڀوتن کي نہ مڃيندو آهيان. هجي نہ هجي انهن ٻنهي حادثن ۾ تنهنجي ئي خانداني دشمن جو هٿ آهي."

"انهن ٻنهي ڀائرن کانسواءِ اسان جي خاندان جو ڪو بہ ياتي جيئرو نہ آهي!"

"اڇا! تنهنجي پيءُ ۽ چاچي جي مرڻ کانپوءِ ڇا هيءَ زمين ٺوڪي ملڻي آهي؟ منهنجو مطلب آهي تنهنجي مڙس کي؟"

"منهنجو مڙس وڏو امير ماڻهو آهي، پنهنجي علائقي جو سيني کان وڏو رئيس آهي ۽ ٻني بہ سيني کان وڌيڪ اٿس. راجپوت ذات ۾ بہ اسان کان مٿي آهي!"

"لالچ بري بلا آهي!" مون چيو.

"جن ڏينهن ۾ منهنجي بابا جو قتل ٿيو هو ان وقت تائين تہ منهنجي شادي بہ ڪانہ ٿي هئي! پوءِ هن جي ڇا جي لالچ هئي؟" ريڪا مون کان پڇيو.

'هي عمارت بہ ڊهندي!'، دل ۾ عجيب خيالن ۽ وسوسن ۾ ڦاٿل هئي، ڪجهہ سمجهہ ۾ ڪونہ ٿي آيو.

”عجيب پر اسرار معاملو آهي!“
ريکا ڳالهہ جو رخ بدلائيندي چيو:”هاڻي ڇڏ انهن درد ڀرين ڳالهين کي، ڇا رکيو آهي انهن ۾، اڄ تہ مان توکي پنهنجي انبن جو باغ ڏيکاريان.“
اسان پهاڙي سلسلي کان منهن ڦيري، اولهہ جي طرف هلڻ لڳاسين. جنهن پاسي زمين جو مٿاڇرو ڪافي هموار هو هيٺ مٿانهين گهٽ هئي. اسان گهوڙن کي تيز ڊوڙائيندي اولهہ جي پاسي هليا وياسين ۽ هڪ پڪي ديوار جي ڀرسان پهچي اسان رڪجي وياسين.
ديوار جي وچ ۾ بانس جو هڪڙو دروازو هو جيڪو کولي اسان اندر وياسين. باغ جي حالت نهايت خراب هئي، انب ڄمون ۽ ليمي جي وڻن کان علاوه رڳو ٻوٽن جو جهنگل هو. جيڪو باغ جي چوديواريءَ ۾ بہ ڦٽي پيو هو بلڪ ڪيترين جاين تي تہ زمين جي دنگ واري ديوار بہ انهن ٻوٽن ۽ ان جي لامن سان ڀريل هئي.
مون چيو:”هن باغ ۾ ڏسڻ لاءِ ڇا رکيو آهي!“
ريکا هڪ ٿڌو ساهہ کنيو چوڻ لڳي:”ڪڏهن تہ هي باغ بہ ڏسڻ وٽان هو جڏهن منهنجو بابا جيئرو هو مان هن باغ ۾ پينگهہ وجهي لوڏا ڪائيندي هئس، باغ جي پر ۾ هڪڙي کوهہ ۾ ڏاڪڻيون لڳل هونديون هيون. ان کوهہ جو پاڻي ڏاڍو ٿڌو ۽ مٺو هوندو هو.“
باغ کان پوءِ اسان ان کوهہ کي ڏسڻ وياسين جيڪو باغ جي ٻاهران، ٻن ڏگهين ٽڪرين جي وچ ۾ هو پر سڄو سڪل هو پاڻيءَ جو هڪڙو بہ ڦڙو ڪونہ هئس.
ريکا افسوس واري لهجي ۾ چيو:”هن کوهہ مان سموري باغ کي پاڻي ملندو هو!“
مون چيو:”هاڻي بہ نديءَ جي پاڻيءَ سان هي باغ سرسبز ڪري سگهجي ٿو پر تو هن باغ جي ڇا تہ بري حالت بنائي ڇڏي آهي،“
”ڪير ڏسي؟ مان سال ۾ هڪڙو ڀيرو ڀيڪن ۾ ايندي آهيان، امان اڪيلي سر ڇاڇا ڪري، ڇا تي ڪري سگهي؟ ڪنهن ڪنهن تي حڪم هلائي!“
مون پڇيو:”تون مون کي هي ڪٿل ڦتل باغ ڇو ڏيکارڻ آئي آهين؟“
”چوڻ لڳي: ”مان اصل ۾ توکي باغ ڏيکارڻ نہ آئي هيس، اڄ تہ پهاڙ تي چڙهي ڏسون! مٿان کان منظر ڏاڍو سهڻو لڳندو آهي.“ ريکا چيو.
اسان ٻئي ان اونچي پهاڙ تي چڙهڻ لڳاسين، هڪ ٻئي کي سهارو ڏيندي، هڪ ٻئي جو هٿ وٺي. هڪ ڀيري تہ مون ٻنهي هٿن سان هن جي چيلهہ کي

پڪڙي ڪيس ڪرڻ کان بچائي ورتو.

پهاڙ تي چڙهي اسان ٻئي ويهي رهياسين ۽ اولهه طرف ڏسڻ لڳاسين. پهاڙ جو هي حصو هڪدم هيٺاهينءَ ڏانهن ٿي ويو. ان هيٺاهينءَ کانپوءِ دور دور تائين رڳو ميداني علائقو هو ميلن تائين وارياسو يا جهنگ ئي جهنگ. ڪٿي ڪٿي ڇپر ۽ جهوپا هئا. تمام پري کان شهپارا جو قلعو هو جنهن جي ننڍين ٽڪرين مان ندي لهي ميدانن ۾ هلي ٿي وئي. مان واقعي غلط رستي سان آيو هوس. جيڪڏهن ڪواڙي قلعي جي پاسي ڏکڻ بجاءِ اولهه کان اچان ها. جيڪڏهن شهپارا کان هن پهاڙي طرف سڌو رستو نظر اچي ها ته جلدي پهچي وڃان ها.

سج بادلن ۾ لڪي پيو هو ڪڪر به گڏ ٿيندا ٿي ويا ۽ هوا ۾ به تڏڪار ٿي وئي هئي.

ريڪا هوا کي سنگهندي چيو: "جلدي واپس هل. برسات ٿيڻ واري آهي."

اسان گهوڙا ته ڏاڍا تيز ڊوڙايا. پر شڪار گاهه تائين پهچندي پهچندي برسات اچي مٿان ڪڙڪي. هڪدم طوفان ۽ برسات سان سڄو نظارو ئي بدلجي ويو. هوا جي طوفان آوازن سان ڄڻ سڄو جهنگل لڏڻ لڳو هو. ڪنوڻ ۽ گجگوڙ ائين وڌي ويا ڄڻ جهنگل ۾ هاٿي رڙي رهيا هئا. شڪار گهر تائين پهچندي پهچندي اسان ٻئي پچي آلا ٿي ويا هئاسين. گهوڙن جو صحتمند جسم ائين پئي چمڪيو ڄڻ ڪنهن انهن جي جسم تي تيل سان مالش ڪئي هجي. ريڪا جا سمورا ڪپڙا سندس جسم سان چهٽي پيا هئا. هن جي پتلي بدن جي سونهن، سندس جسم جو انگ انگ منهنجي اکين ۾ اندلٺ جي رنگن جيان روشني ڪري رهيو هو. وڏي مشڪل سان مون پنهنجون نگاهون هن جي جسم تان ڦيرائي ڇڏيون.

"حسين ڇوڪرين کي برسات ۾ گهوڙي تي سفر ڪرڻ نه گهرجي صاحب ورنه اسان ذميدار نه آهيون." ڪنهن چيو؟ مون کي ڪو ماڻهو ته نظر ڪونه آيو شايد منهنجي پنهنجي اندر جو آواز هو.

ڪمري ۾ اچي مون ۽ ريڪا وڏي مشڪل سان آتشدان ٻاريو جنهن جي باهه جي تپش سان، واري واري سان اسان پنهنجا آلا ڪپڙا پئي سڪايا ڇاڪاڻ ته ان کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه هو. جڏهن ريڪا پنهنجا ڪپڙا پئي سڪايا ته مان شڪار گاهه جي ورانڊي ۾ ويهي هن جي جسم جو تصور ڪري ٻري رهيو هوس. پري کان ڪو مور ٽهوڪي رهيو هو وڻن جي پنن تان پاڻيءَ جي ڪِرڻ جو آواز اچي رهيو هو ۽ اڃايل زمين مان مٽيءَ جي مهڪار اٿي رهي هئي. ڄڻ زمين جا

جذبا جاڳي رهيا هجن. مان پيرن ڪان نهن جي چوٽيءَ تائين ڏڪي ويس، مرد هجڻ به ڪيڏو نه خطرناڪ آهي، خاص ڪري جڏهن اڪيلائيءَ ۾ عورت قريب هجي، مرد هٿ وڏائي تهذيب جو سهارو وٺڻ چاهيندو آهي، پر تهذيب ڪنهن نازڪ تاريءَ وانگر هڪدم ٽٽي پوندي آهي. مون ڏند پيڪوڙيا اکيون بند ڪري پاڻ کي لعنت ملامت ڪرڻ لڳس، پر ٻئي لمحي جڏهن اکيون کوليم ته ريڪا پنهنجي سامهون وراندي ۾ ڏٺم.

چوڻ لڳي:"وڃ وڃي پنهنجا ڪپڙا سڪاءِ. مان هتي بيهان ٿي، الائي ڇو ڪرپارام اڃا تائين ماني کڻي ڪونه آيو آهي."

مون چيو:"هن تيز برسات ۽ طوفان ۾ ويچارو ڪيئن اچي سگهندو."

پوءِ مان هن جي پر مان گذريس ته ريڪا پاڻ بچائڻ لاءِ ٿورو پاسيرو ٿي وئي. مان اندر ڪمري ۾ هليو ويس ۽ دروازو اندران بند ڪري ڇڏيم.

اٽڪل هڪ ڪلاڪ کانپوءِ مون دروازو کوليو.

ريڪا اندر آئي.

هن جي پويان ڪرپا رام به ڪڏ ڪڏ اندر آيو پنهنجي پڳل ڪپڙن مان پاڻي ڳاڙيندي اندر اچي هن ڪاڏي جو سامان ميز تي رکيو.

مان ٽفن کي هٿ لائي هڪدم ڇرڪ ڀري هٽائي ڇڏيو ۽ حيرت وچان چيم:"ڪمال آ ياڃيءَ وارو ڪٽورو اڃا تائين گرم آهي."

ريڪا کلي چوڻ لڳي:"ڪرپا رام رسوئي گهر ۾ وڃي، باهه ٻاري ٻيهر گرم ڪري آيو آهي."

مون چيو:"شڪار گهر ۾ مون ته رسوئي ڪانه ڏٺي!"

"او هوڏانهن. شڪار گهر جي ٻاهران وڻن جي وچ ۾ رسوئي گهر آهي ۽ اتي ٻيا ڪمرا به آهن. نوڪرن لاءِ. برسات بند ٿئي ته ڏيکاريندي سانءِ."

"ڏسي ڇا ڪندس."

"ڇو جڏهن تون هيءَ زمين خريد ڪرڻ وارو آهين ته بهتر آهي ته سڀ ڪجهه ڏسي وٺ نه!"

"في الحال ته بک لڳي آهي، ماني ته کائون پوءِ ڏٺو ويندو."

ريڪا، ڪرپارام کي ڇيو جيڪو سرديءَ سبب ڏڪي رهيو هو:"وڃ تون رسوئي گهر ۾ وڃي ڪپڙا سڪاءِ."

جڏهن ڪرپارام وڃڻ لڳو ته ريڪا پڇيس:"چانهن جو سامان آندو اٿئي؟"

"جي بيبي جي! آندو آهي."

”ٿوري جهٽ رکي پوءِ چانهن آڻجانءِ.“
ڪرپارام جي وڃڻ ڪانپوءِ مون گرم گرم اڦراٽو کنيو ۽ انبن جو آچار پڳل ڪڪڙ پٽاٽا مٽر ۽ مٺا مٺا پيهون.
مون مذاق ڪندي ريکا کان پڇيو:”هي پيهون ڪير کائيندو آهي؟“
چوڻ لڳي:”مان کائيندي آهيان. مونکي ڏاڍا پسند آهن.“
مون ڪڪڙ جي ٽنگ کٽي مانيءَ تي رکي ريکا کي چيو:”يلي يلي کاءُ پٽاٽا مٽر ۽ پينهون.“

❊

**هاٽي** اسان ماني مان واندا ٿي. آتشدان جي ويجهو آرام ڪرسيون رکي باهه سيڪڻ لڳاسين. سڄي بدن ۾ هلڪي هلڪي غنودگي پيدا ٿي رهي هئي، برسات وري تيز ٿي وئي هئي، اونداهي وري وڌي وئي هئي، کليل دريءَ مان جهنگل جي ڦهليل اونداهي بہ اندر هلي آئي هئي ۽ آتشدان جي روشنيءَ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي هئي.
مون ريکا ڏانهن معنيٰ خيز نظرن سان نهاري چيو:”هاٽي اسان ڇا ڪنداسين؟“
ريکا انتهائي معصوميت سان چوڻ لڳي:”مونکي تہ ننڊ پئي اچي، مان تہ وڃي ٻئي ڪمري ۾ ٿي سمهان. تون بہ ٿوري دير آرام ڪر، ٿن پهرن جو چانهن پي، پوءِ..“ چوندي هڪدم چپ ٿي وئي، هڪ زوردار ڪڙڪو ٿيو تہ آتشدان تي رکيل چينيءَ جو گلدان، دريءَ کان ايندڙ گوليءَ جي لڳڻ سبب چڪنا چور ٿي ويو.
مون جلد ئي ريکا کي ڇڪي پاڻ سان گڏ فرش تي ليٽائي ڇڏيو ان دوران هڪ ٻي گولي منهنجي ڪلهي وٽان زوزاٽ ڪندي گذري وئي. پوءِ وري سناٽو ڇانئجي ويو.
برسات جي باوجود هڪ عجيب قسم جو خوف ڏياريندڙ خاموشي ۽ اونداهي. اسان ٻئي فرش تي اونڌا ليٽيل هئاسين ۽ وڏا وڏا ساهہ کڻي رهيا هئاسين.

❊

**پوءِ** ريکا جي بدن ۾ ٿوري چرپر پيدا ٿي. هن اٿڻ پئي چاهيو پر منهنجو هٿ هن جي پٺيءَ تي رکيل هو مون ان ئي هٿ سان ڪيس دٻائيندي ائين ئي چپ چاپ

ڪنهن وڏي مصيبت ۾ ماڻهوءَ جو دماغ بہ بجليءَ جيان تيز ڊوڙڻ شروع ڪندو آهي. مون سوچيو جنهن بہ گولي هلائي آهي، اهو هن ڪمري ۾ اهو معلوم ڪرڻ ضروري ايندو تہ اسان مئاسين يا اڃا جيئرا آهيون. اهو ڪير بہ آهي! پر هن کي اها بہ خبر آهي تہ اسان ٻئي هٿين خالي آهيون. ساڳي وقت هن وٽ بندوق بہ آهي! انڪري هن کي هٿ اچڻ ۾ ڪو بہ خطرو نہ آهي.

اسان ٻئي گڏ گڏ ستل هئاسين. مان آهستي آهستي ريڪا جي قريب سُري ويس ۽ بلڪل سسپس واري انداز ۾ ڪيس چيم: "اٿين ٿي ليٽي پئي هج. پنهنجو پاڻ کي مئل ظاهر ڪر. هو جيڪو بہ آهي ٿوريءَ دير ۾ اندر بہ ايندو. چُرجاڻ پرجاڻ بلڪل بہ نہ.... اسان ٻنهي جي جان خطري ۾ آهي."

ريڪا منهنجي ڳالهہ سمجهي وئي ۽ پنهنجون اکيون کولي مون ڏانهن نهاري وري بند ڪري ڇڏيائين.

مان آهستي آهستي هن کان پري کسڪندي اڳتي وڃڻ لڳس. اک ٽيٽ ڪري مون ڏٺو تہ ٻئي دريون ڪليل هيون ۽ دروازو بيڪڙيل هو. مون ڏٺو تہ دروازي جي ڪابي پاسي کان هڪڙو ڪباٽ رکيو آهي، جنهن جي اوٽ ۾ لڪي بيهي سگهجي ٿو. مون اندازو لڳائي ڏٺو تہ اهو ڪباٽ مونکان اٽڪل ٽن والن جي مفاصلي تي رکيل هو مان بلڪل آهستي ۽ آواز ڪرڻ کانسواءِ ٿي ان ڪباٽ جي طرف کسڪڻ لڳس. هڪڙو پيرو ڪنڊ ڪٽي مون کي ريڪا ڏٺو تہ مون کيس چرپر ڪرڻ کان روڪيو. آهستي آهستي ۽ انتهائي احتياط ڪندي مان ان ڪباٽ جي پاسي کسڪندو ويس. ليٽيل حالت ۾ کسڪندي مون انهن ٽن والن جو مفصلو شايد ٽن صدين ۾ طئي ڪيو هوندو. حالانڪ مان اهو سڀ ڪجهہ ڏاڍي تيزيءَ سان ڪرڻ ٿي چاهيو. ان ڪباٽ جي اوٽ ۾ پهچي وڃڻ جو وڏو مقصد اهو هو تہ اسان ٻنهي جي جان بچي وڃي.

آخرڪار آهستگيءَ سان ۽ بنا آواز ڪرڻ جي مان، ڪباٽ تائين پهچي ويس. ڪجهہ لمحا تہ مان دم بند ڪري ليٽيل ئي رهيس، پوءِ ڪنهن چيتي وانگر گهات وجهي اٿي ويٺس. منهنجي هڪ پاسي ڪباٽ هو ٻئي پاسي آرام ڪرڻ وارو تخت. وچ ۾ تمام ٿوري جاءِ هئي، جنهن ۾ مان پلنگ جي ڪنهن اسپرنگ وانگر ڦاٿل هوس. ساهہ البت روڪيل هو.

برسات گهٽجي چڪي هئي. طوفان بہ هلڪو ٿي چڪو هو. برسات جي مسلسل وسڻ ۽ هوا جي شور کانسواءِ ٻيو ڪو بہ آواز ڪونہ هو. ريڪا بدستور

آتشدان جي ويجهو ساهه منجهايو اونڌي ليٽيل هئي، بلڪل بي جان مڙدي جيان.

اوچتو منهنجي ڪنن تي ٻاهران، ڪاٺين جي وراندي ۾ ڪاٺي جي ڪنهن تختي جي هلڪي چيڪاٽ جو آواز آيو آواز بلڪل هلڪو هو ڄڻ ڪو پير پير ۾ پائي اچي رهيو هو مان بہ هوشيار ٿي ويس.

پوءِ دروازي جي کلڻ جو آواز ٿيو.

۽ ڪوئي شخص پير پير ۾ پائي نهايت آهستگيءَ سان اندر آيو!

هن جي اندر اچڻ کان اڳ ۾ بندوق جي نالي اندر آئي. پوءِ ان بندوق جي جهلڻ وارا ٻہ هٿ نظر آيا. پوءِ ان شخص جو جسم اندر آيو هو جُهڪي هلي رهيو هو غور سان ريکا جي جسم ڏانهن نهاريندي ٿي ويو. پوءِ هن جي پٺ منهنجي پاسي ٿي وئي.

مون پنهنجي بدن جي پوري طاقت گڏ ڪري هن جي مٿان ڇلانگ ڏني. شايد اچڻ واري کي بہ خطري جو احساس ٿي ويو هو پر هو منهنجي پاسي مڙڻ وارو ئي هو تہ منهنجي بدن جو سمورو بار هن جي مٿان اچي پيو ۽ منهنجي هٿ جي هڪڙي ئي جهٽڪي سان هن جي هٿن مان بندوق ڪري پئي ۽ هو بہ منهنجي هيٺان اچي ويو. بندوق ريکا جي بلڪل ويجهو وڃي ڪري هئي، مون رڙ ڪري ريکا کي چيو: ”ريکا! بندوق کڻي وٺ.“

پر خوف کان ريکا جا عضوا بلڪل ڍرا ٿي ويا هئا. هوءَ اٿي ويهي رهي، پوءِ ديوار کي ٽيڪ ڏئي، ڊنل نگاهن سان اسان ٻنهي ڏانهن ڏسڻ لڳي!

ڪريل شخص اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، هو واقعي انتهائي تيزيءَ ڦڙت ماڻهو هو. وٽيل سٽيل بدن وارو منهنجي هزار ڪوششن جي باوجود هو مون کان ڇڏائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ مون سان ٻکجي ويو. اسان ٻئي هڪ ٻئي سان ويڙهجي وياسين، ان ئي لمحي مون ڏٺو تہ اهو راوت هو.

هن جي بدن مان پنگ جي بوءِ اچي رهي هئي، شايد اها پنگ جي نہ پر سندس بدن جي خاص بوءِ هئي. ان ئي وقت مون کي رات جو حملو ڪندڙ ياد اچي ويو جنهن جي بدن مان اها خاص بوءِ اچي رهي هئي. هاڻي مون کي پورو يقين اچي ويو تہ رات بہ مون تي حملي ڪرڻ وارو راوت ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ نہ ٿو ٿي سگهي.

وڙهندي هن جو هٿ وري بندوق ڏانهن وڌڻ لڳو تہ ريکا هڪدم وڌي بندوق کڻي دريءَ کان ٻاهر اڇلائي ڇڏي. عين ان وقت مون ڪراٽي جو هڪ اهڙو تہ زوردار هٿ هن جي ڪنڌ تي وهائي ڪڍيو جو سور کان هن جي رڙ نڪري وئي.

مون تي بہ ڪو جن سوار تي ويو لڳو ٿي تہ جڻ مون ۾ سو ماڻهن جي طاقت اچي وئي هئي. اصل لتن ۾ مڪن سان ڪيس بي حال ڪري ڇڏيم. مٿان جوڊو جون ڦڙڪيون الڳ. ايستائين جو ڪراٽي جي ڪجهہ زوردار هٿن سان سندن ٻانهن جي هڏي بہ ڀڃي ڇڏيم.

هو بلڪل بيهوش ٿي ويو ۾ سندس ٻئي هٿ پڪڙجي ويا. هو بلڪل بي سڌ ٿي ويو. مون سهڪندي ريڪا کي چيو:

"هوش ۾ اچڻ کان اڳ ۾ هن کي ٻڌڻ گهرجي. ڪٿان ڪا رسي ملي ويندي؟"

ريڪا ڄڻ وري هوش ۾ اچي وئي. هوءَ ڊوڙندي ٻئي ڪمري ۾ وئي ۽ بستري جون چادرون ڪڍي آئي. مون چادرون ڦاڙي، انهن سان راوت کي تمام گهڻي مضبوطيءَ سان ٻڌي، فرش تي ئي ڦٽو ڪيو. پوءِ ڪيس چڱيءَ طرح هڪ وڏي ڳوري تخت جي پائي سان ٻڌي ڇڏيو. تڏهن وڃي جان ۾ ساهہ پيو.

مان تخت جي ويجهو ٻڌل راوت کي ڏسي رهيو هوس تہ ريڪا هڪدم مون ڏانهن ڊوڙندي اچي مون کي چنبڙي پئي ۽ منهنجي سيني ۾ منهن لڪائي روئڻ لڳي.

مان هن کي دلداري ڏيڻ لڳس: "رو نہ ريڪا. بس سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويو آهي. هاڻي ڪو خوف نہ ڪر."

پوءِ پنهنجي رومال سان پنهنجي چپن مان وهندڙ رت اگهڻ لڳس. مان ڪنهن بہ صورت ۾ ويڙهاڪ يا بهادر ماڻهو نہ آهيان ۽ هاڻي جڏهن سڀ ڪجهہ ختم ٿي چڪو هو. خطرو ٽري ويو هو تہ منهنجو جسم ڏڪي رهيو هو. سوچيم پئي تہ مون ۾ ايتري طاقت ڪٿان اچي وئي هئي. مان تہ هڪ امن پسند ۽ ڊڄڻو ماڻهو آهيان ۽ لڙائي جهڳڙي کان سوين ميل دور رهندو آهيان. ان ڪري ئي مان تہ ڪلڪتي کان بہ ڀڄي هت آيو هوس، ۽ هن بدبخت راوت مون کي مڪون هڻي منهنجو هڏ گڏ ڀڃي ڇڏيو هو. اها تہ منهنجي خوشقسمتي هئي جو مون کي جوڊو ڪراٽي جو فن آيو پئي، نہ تہ منهنجو ڪهڙو حال هجي ها ۽ ويچاري ريڪا جي حالت ڇا هجي ها!

ريڪا منهنجي سيني تي مٿو رکي سڏڪا ڀري رهي هئي. مون کي اهو لمحو وصال وارو لمحو لڳي رهيو هو ميلاپ جي وقت بہ عورت ائين آهستي آهستي سڏڪا ڀريندي آهي. پر جلد ئي اهو ماڪيءَ کان بہ مٺو لمحو وقت جي ڌارا تي وهندي، ڦوٽي وانگر ڦسي پيو. ٻاهر وراندي مان ڪنهن جي ڳورن قدمن جو ڪڙڪو

پڌري ۾ آيو تہ مون ريکا کي مضبوطيءَ سان ٻانهن ۾ جهلي ورتو. مون هن کي پنهنجي ٻانهن ۾ جکڙي ورتو. ٿوري لمحي مون هن کي پاڻ کان جدا ڪري پنهنجي پويان لڪائي ورتو.

هي ڪير پيو اچي؟

مان مقابلي جي لاءِ تيار ٿي ويس!

چانئٺ تي چانهن جي ڪوپن جو کڙڪو ٿيو منهنجي جسم تي تاڻ ٿوري گهٽ ٿي وئي. اهو ڪرپارام هو جيڪو چانهن کڻي اندر پئي آيو.

مون ريکا ڏانهن نهاريو هوءَ زور زور سان کلڻ لڳي، پوءِ مان بہ کلڻ لڳس، ائين سڄو ماحول بدلجي ويو.

پر ڪرپارام جي سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ آيو. هو راوت کي ائين بيهوش ۾ ڀڌل ڏسي، چڪرائجي ويو. پهرين تہ هن کي همٿ ئي ڪانہ ٿي جو مون کان ڪجهہ پڇي سگهي. پر پوءِ جڏهن هن چانهن ميز تي رکي ۽ اسان کي اطمينان سان چانهن پيئندي ڏٺو تہ اجا بہ وڌيڪ حيران ٿي ويو. گردن لوڏائي، راوت جي طرف اشارو ڪري چوڻ لڳو:

”هي.....هي...راوت آهي نہ؟“

”ها آهي تہ اهو ئي!“ ريکا کيس چيو.

ڪرپارام ڏڪندي پڇيو:”هن کي ڪنهن ٻڌو آهي؟“

”اسان.“

ڪرپارام سبب معلوم ڪرڻ ٿي چاهيو مگر سوال هن جي چپن تي ئي رهجي ويو. ريکا جو سنجيدو ۽ باوقار چهرو ڏسي هو ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيو. پوءِ هن جي چهري تي خوشيءَ جي لهر ڊوڙجي وئي. چوڻ لڳو:

”چڱو ڪيو...؟ سالو اسان سيني تي رعب ڄمائيندو هو.“

اسان ٻئي کلڻ لڳاسين.

جڏهن چانهہ پي ورتيسين تہ ڪرپارام سامان کڻي وڃڻ لڳو تہ مون کيس هٿ جي اشاري سان روڪيندي چيو:

”في الحال تون هتي ئي ترس، مان ٻن منٽن ۾ واپس ٿو اچان.“

ريکان مون کي سواليہ نگاهن سان نهارڻ لڳي.

مون هن ڏانهن وڌيڪ ڌيان نہ ڏنو پر ڪرپارام کي چيو:”ڏس جيڪڏهن راوت ٿورو بہ چُري پُري تہ هيءَ ڪرسي وهائي ڪڍجانس، ٿورو بہ خيال نہ ڪجانس، سمجهيءِ.“

”ها صاحب سمجهيم.“ هن ڪجهہ نہ سمجهندي چيو.
مون ريڪا کي چيو:”مان ٻن منٽن ۾ واپس ٿو اچان.“
مينهن لڳيڳ هلڪو ٿي ويو هو. مان ڪمري جي دريءَ مان ٽپو ڏئي ٻاهر آيس. ٿوري دير تائين ان بندوق کي ڳولهيندو رهيس جيڪا ڊپ کان ريڪا ٻاهر اڇلائي ڇڏي هئي. اچانڪ اها بندوق هڪ ٻوڙي جي پاسي ۾ پيل ملي وئي. مان اها بندوق ڪمري ۾ کڻي آيس ۽ اندر اچي ڪرپارام کي چيم:
”هاڻي تون وڃي سگهين ٿو.“
ڪرپارام وڃڻ لڳو تہ ريڪا چيس:
”ڪرپارام! سامان ٻڌي وٺ. ٿوريءَ دير ۾ اسان بہ واپس هلنداسين. لڳي ٿو تہ ڪلاڪ ٻن ۾ برسات صفا بند ٿي ويندي. بس برسات جيئن ئي بند ٿيندي اسان هتان هلنداسين.“
ڪرپارام باسڻ کڻي ڪنڌ جهڪائي ٻاهر هليو ويو.
جڏهن ڪرپارام هليو ويو تہ ريڪا راوت ڏانهن اشارو ڪندي چيو:”هن جو ڇا ڪريون؟“
”ٻڌايانءِ ٿو ٿورو هوش ۾ آڻيونس.“
ائين چئي مون بندوق سان هن جي ڪلهي کي ٿيلهو ڏنو. هڪ بہ پيرا ٿيلها کائڻ کانپوءِ هن جي جسم ۾ ٿوري ڇرپُر ٿي، آهستي آهستي هوش ۾ اچڻ لڳو پوءِ جڏهن مڪمل طور تي هوش ۾ اچي ويو تہ مون کي ڪچو چباڙي ڇڏڻ وارين نظرن سان نهارڻ لڳو. ہ چار پيرا هن ڪوشش ڪري هڪ ٻہ پٽيون ڇنائي بہ ورتون پر پاڻ ڇڏائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو.
مون هن کي چيو:”مضبوطيءَ سان ٻڌل آن ٻچا!“ هو خاموش رهيو بس ڏاڍي ڪاوڙمان مون ڏانهن نهاريندو رهيو. مان هن جي پاسرائيءَ تي لت هڻندي چيو:
”ڪلهہ رات بہ تو مون تي حملو ڪيو هو! .....نہ؟“
هو تمام گهڻي نفرت سان چوڻ لڳو:”مان نہ ٿو چاهيان تہ اسان جي زمين ڪنهن ڌاريي وٽ وڃي.“
”هي تنهنجي زمين ڪڏهن کان ٿي وئي. زمين تہ مالڪياڻيءَ جي آهي.“
هو خاموش رهيو مون کيس ٻہ چار ٻيون لتون وهائي ڪڍيون ۽ پڇيو:
”ٻڌاءِ ٺاڪر صاحب جو قتل بہ تو ڪيو هو؟“
هن زور سان ڪنڌ ڌوڻي انڪار ڪيو پر مون کي هن جي اکين ۾ لڪل وحشت مان معلوم پئي ٿيو تہ هو ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي. مون بندوق تاڻي

سندس سيني تي رکي ۾ ڏاڍي خار مان چيم:

”سچ سچ ٻڌاءِ نہ تہ هيءَ گولي تنهنجو سينو چلي چڏيندي.“

هو منهنجي طرف گهوري ڏسندو رهيو پوءِ جڏهن هن کي اها پڪ ٿي وئي تہ مان جيڪا بہ ڳالهہ ڪندو آهيان، ان تي عمل ڪرڻ جو ارادو بہ رکندو آهيان، تڏهن هن جي نگاهن جي گهور گهٽجي وئي، هن جون اکيون جهڪي ويون، ۽ وڏو گهرو ساهہ کڻي چوڻ لڳو:

”ها!“

”چو؟“

هن ڪجهہ نہ ڳالهايو.

ٿوري وقفي کانپوءِ مون هن کي چيو:”مان تہ چوان ٿو تہ نہ رڳو تو وڏي ناڪر کي قتل ڪيو آهي پر ان جي ننڍي ڀاءُ کي بہ توئي ماريو آهي.“

”نہ نہ“ هو زور سان چوڻ لڳو.

”ها ها توئي انهن ٻنهي ڀائرن کي قتل ڪيو آهي.“

”نہ.....نہ....“ هن جي اکين جون ماڻڪيون تيزيءَ سان هلڻ لڳيون. مون بندوق کولي ڏٺي تہ ان ۾ مون کي گولي پريل نظر ڪانہ آئي تڏهن مون هن جي ڪلهن تي ڪنداخ جا بہ ڌڪ وهائي ڪڍيا تہ هو زور زور سان چوڻ لڳو:

”ٻڌايان ٿو ٻڌايان ٿو مون کي ماريو نہ. مان سڀ ڪجهہ ٿو ٻڌايان.“

مان هٿ کي روڪي ورتو ۽ غصي وچان چوڻ لڳس:”جيڪڏهن نہ ٻڌائيندين تہ ڏسين ٿو بندوق جا رڳا بہ ڪنداخ ڏيندو سانءِ مٿي ۾.“

راوت جون نظرون ريکا جي طرف مڙي ويون، جنهن جي اکين ۾ ان وقت رت ابري رهيو هو پوءِ هن مون ڏانهن نهاريو تہ منهنجي اکين ۾ ڪاوڙ ڏسي هو مايوس ٿي ويو.

گهبرائيندي گهبرائيندي آخرڪار چئي ويٺو:”ها صاحب ننڍي ناڪر جو خون بہ مون ئي ڪيو هو.“

ائين چئي هن پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون. چاڪاڻ تہ هن کي پورو يقين هو تہ هاڻي پڪ ئي پڪ سندس کوپڙي ٽٽڻ واري آهي. لڳو پئي تہ ڄڻ هن جي تن بدن مان ساهہ نڪري ويو هجي.

”پر چو؟“ مون کانئس پڇيو”تو انهن ٻنهي کي چو قتل ڪيو؟“

هن ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو بس چپ چاپ ليٽيو ئي پيو هو. جنهن تي مون هن کي مارڻ شروع ڪيو. پر هن هڪڙو لفظ نہ ٻاڪيو. بس رڳو ايترو چيائين تہ:

”ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيندين تہ بہ ڪونہ ٻڌائيندس.“
پر مان ڪيس ماريندو رهيس، نيٺ ريڪا منهنجي هٿ کي جهليو:
”تون ڇڏينس، شهپارا چوڪيءَ وارا سپاهي هن کان سڀ چورائي وٺندا.“
مون پڇيو:”نہ هن کي هتي ڇڏي هلون؟ ٻڌل ئي! پوءِ ڪڙمين کي سڏائي هن کي ڪٺائي هلون.“
چوڻ لڳي:”نہ ائين ڪرڻ درست نہ ٿيندو ڇاڪاڻ تہ سيئي ڪڙمي هن جا ماڻهو آهن.“
”تہ پوءِ؟“
”هتي رکڻ بہ ٺيڪ ناهي!....ممڪن آهي هن جو ڪو ساٿي جهنگل ۾ موجود هجي ۽ اسان جي وڃڻ ڪانپوءِ هن کي کولي وٺي وڃي!“
مون چيو:”شايد ائين نہ هجي، جيڪڏهن هن جو ڪو ساٿي هجي ها تہ هن مهل تائين اسان تي حملو ٿي چڪو هجي ها!...پر تون بہ ٺيڪ ٿي چوين، منهنجو خيال آهي تہ هن کي گهوڙي جي پٺيءَ سان ٻڌي ٿا هلون.“

❊

**هاڻي** اسان جو قافلو واپس موٽي رهيو هو.
ريڪا پنهنجي گهوڙي تي سوار هئي، ٻئي گهوڙي تي راوت ٻڌل هو. جنهن جون واڳون مان جهلي هلي رهيو هوس. ٻنهي گهوڙن جي پويان ڪرپارام ڪاڏي جا ٿانوَ کنيو پٺي هليو.
ريڪا ڪنهن گهري سوچ ۾ مبتلا هئي.
”ڇا پئي سوچين؟“ مون هن کان پڇيو.
”تو مون کي رات واري حملي جي باري ۾ ڪجھ بہ نہ ٻڌايو!“
”وقت ئي ڪٿي مليو هاڻي ٻڌايانءِ ٿو.“ ائين چئي مون رات وارو سڄو قصو کيس ٻڌائي ڇڏيو.
”پر تون ڪيئن ٿو سمجهين تہ اهو راوت ئي هو؟“
”هن پاڻ بہ مڃيو آهي.“
”ممڪن آهي هن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ائين چيو هجي.“
”نہ هڪڙو بيو ثبوت بہ آهي.“
”اهو وري ڪهڙو؟“
”ان رات جنهن مون تي حملو ڪيو هو ۽ جڏهن مان ساڻس وڙهي رهيو هوس

تہ مونکي هن جي بدن مان پنگ جي بوءِ پئي آئي.“

ريکا هڪدم پنهنجو گهوڙو بيهاري چيو:”ترس تہ مون کي لهڻ تہ ڏي!“

هوءَ گهوڙي تان لٿي. ٻئي گهوڙي جي پرسان وڃي، هن ٻہ ٽي ڀيرا راوت جو بدن سنگهيو پوءِ سوچيندي... پر يقين سان چوڻ لڳي:

”هاڻي مونکي پڪ ٿي وئي آهي تہ هن ئي منهنجي پيءُ جو قتل ڪيو آهي.“

”اهو وري ڪيئن؟“

گولي لڳڻ کانپوءِ مان جڏهن ڊوڙندي شڪار گهر جي ورانڊي ۾ پهتي هئس تہ ان وقت مون کي بہ پنگ جي تيز تيز بوءِ آئي هئي، پر ان وقت مون ان ڳالهہ جو خيال نہ ڪيو هو.“

*

**رات** جي جهرمر ڪندڙ روشنين ۾ اسان ٽئي ڄڻا، حاويليءَ جي وڏي ۽ وسيع بيٺڪ ۾ موجود هئاسين. مان،ريڪا ۽ ريکا جي ماءُ سروجا ديوي. سڄو قصو ٻڌي بہ هن ڪجهہ نہ ڳالهايو بہ ٽي دفعا زور زور سان ساهہ ڇڪي ڪنيائين. پوءِ اهائي خاموشي. مون کي ائين محسوس ٿيو تہ هن جي پراسرار نيڻن ۾ سمايل درد ويتر وڌي ويو آهي. رات جي اوندهہ وڌيڪ گهري ٿي وئي آهي، هن جي صورت جو پنو چمڪڻ لڳو هو ڪاري ساڙهيءَ جي پلوَ مان هن جو چنڊ جهڙو چهرو...ريکا سندس پير ۾ ويٺل هئي. هوءَ ريکا جي ماءُ نہ پر پيڻ ياسي رهي هئي.

پوءِ هن خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو:”ريکا! تون وڃ، وڃي پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪر، مان هن سان تنهائيءَ ۾ ڳالهائڻ چاهيان ٿي!“

ريکا ڪجهہ چوڻ کانسواءِ ئي ٻاهر هلي وئي.

ريکا جي وڃڻ کانپوءِ بہ ڪافي دير تائين هن ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو رڳو پنهنجي ڪاري ساڙهيءَ جي پلوَ کي آڱرين ۾ موڙيندي رهي.

آخر مون ڳالهايو:”مونکي ائين ٿو لڳي تہ ان راز جي ڪنجي توهان وٽ آهي؟“

”ڪهڙي راز جي؟“ هن آهستگيءَ سان پڇيو.

”گذريل ڇهن سالن کان، هن مهل تائين جيڪو ڪجهہ بہ ٿيو آهي، وڏي ٺاڪر جو قتل، ننڍي ٺاڪر جو خون، راوت جو مون تي فائر ڪرڻ، ريکا تي گولي هلائڻ!، مون کي تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن هڪ ئي سلسلي جون ڪڙيون ٿيون معلوم ٿين، جنهن جي ڪنجي اوهان وٽ آهي!“

پوءِ ڇڻ هن دل ۾ ڪو فيصلو ڪري ورتو. ساڙهيءَ جو پلوَ مان هٿ ڪيدي

هوءَ ٿهي وينئي ۽ نهايت اعتماد سان چوڻ لڳي:

”تو منهنجي ڌيءَ جي جان بچائي آهي, ان لاءِ توکي سڀ ڪجهه معلوم ڪرڻ جو حق آهي, پڇ.....ڇا تو پڇڻ چاهين؟ مان سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏينديس....جيڪو به مون کي معلوم آهي اهو ٻڌائي ڇڏينديس. اڄ رات....ممڪن آهي, اڄ ڪانپوءِ وري اهڙي رات نه اچي!“

مون هن جو آخري جملو نه سمجهيو اصل ۾ مون ان تي پورو ڌيان به ڪونه ڏنو. ٻيا ئي ڪيترا اهڙا مونجهارا هئا, جن کي سلجهائڻ مون لاءِ ضروري هو انڪري مون ڳالهائڻ شروع ڪيو:

”ڇا اوهان کي معلوم هو ته وڏي ٺاڪر جو قتل ڪنهن ڪيو؟“

هو وڏي شدت سان چوڻ لڳي: ”جيڪڏهن مونکي معلوم هجي ها ته مان راوت جي پٽ کي جيئرو ڇڏي ڏيان ها؟“

”ته اوهان کي راوت تي ڪڏهن شڪ ٿيو؟“

”اڄ کان پهرين ڪڏهن به نه! بس اڄهو توکان ئي خبر پئي اٿم.“

مون غور سان سندس اکين ۾ نهاري چيو:”سچ ٿا چئو؟“

”ها!“

هن, ها ته ڪئي پر مونکي ائين لڳو جڻ ان هاڪار جي پويان ڪا ڳالهه ضرور آهي, جيڪا هوءَ ٻڌائڻ نه ٿي چاهي.

”۽ جڏهن ننڍي ٺاڪرجو قتل ٿيو ۽ ان ئي شڪار گاهه ۾, ته به اوهان کي ڪنهن تي شڪ نه ٿيو؟“

”ان وقت شڪ نه پر پڪ ٿي وئي هئي“

”ڪنهن جي متعلق؟“

”مون کي راوت تي ئي شڪ ٿيو هو..“

”اوهان کي معلوم هيو ته ننڍي ٺاڪر جو خون راوت ڪيو آهي؟“

”ها!“

”۽ اهو معلوم هوندي به اوهان پوليس کي ڪونه ٻڌايو؟“

”نه..!“

”ڇو؟“

ڇاڪاڻ ته راوت کي مون ئي مجبور ڪيو هو ته ننڍي ٺاڪر کي گولي هڻي ماري ڇڏي!“

مان هن جي ڳالهه ٻڌي ڇڪرائجي ويس. ڪيتري دير ته مان سڪتي ۾ اچي

ويس.

رات جي وڳڙي جو ساهه گهٽجندي محسوس ٿي رهيو هو ۽ شمعدان جا شعلا مدّم ٿيڻ لڳا هئا. مان هن جي چهري ڏانهن نهاري رهيو هوس. اهو چهرو جيڪو هر قسم جي جذبات کان خالي هو خاموش ۽ پرسڪون چهرو!

"ائين ڇو ڪيو اوهان؟"

"ڇاڪاڻ ته ان وقت مون سمجهيو پئي ته ننڍي ٺاڪر يعني منهنجي ڏير ئي منهنجي ڪانڌ جو قتل ڪيو آهي."

"جيڪڏهن اوهان کي ننڍي ٺاڪر يعني پنهنجي ڏير تي به شڪ هو ته به پوليس کي ڇٺي ٿي سگهيا؟"

"ڪيئن ڇوان ها! مون وٽ ڪو ثبوت به ته ڪونه هو."

"ان وقت اوهان پنهنجي مڙس جو قاتل پنهنجي ڏير کي ئي ڇو سمجهيو! ڇا ڪو جائداد متعلق معاملو هو؟"

"نه جائداد ۾ هو پئي هڪ جيترا حصيدار هئا. ظاهر آهي ته وڏي ٺاڪر جي مرڻ کانپوءِ ان جي جائداد منهنجي ۽ ريکا جي حصي ۾ اچڻي هئي، مون کي ننڍي ٺاڪر تي ان ڪري شڪ نه ٿيو هو!"

"ته پوءِ ڪهڙو سبب هو؟"

هو چپ ٿي وئي، وري به ساڙهيءَ جي پلوَ کي مروڙيندي رهي، آخرڪار ٿڌو ساهه کڻي هلڪي آواز ۾ چوڻ لڳي:

"ننڍو ٺاڪر مون سان پيار ڪندو هو."

مان ڇرڪي ويس، ٿوري دير خاموشيءَ کانپوءِ پڇيم: "اوهان به ان سان پيار ڪندا هئا؟"

"نه مان نه. رڳو هو..... وڏي ٺاڪر جي جيئري ئي، مان هن کي سمجهائيندي هئس، پر هو نه سمجهندو هو مڃيندو ئي ڪونه هو پوءِ به مان هن کي سمجهائيندي هئس. ٺاڪر صاحب کي ڪجهه به نه ٻڌايم، جيڪڏهن مان وڏي ٺاڪر کي ٻڌايان ها ته هو ان کي ماري ڇڏي ها، ان ڊپ کان چپ رهيس، اهو سوچي به ته نادان آهي، آهستي آهستي سمجهي ويندو."

مون پڇيو: "جيڪڏهن ننڍو ٺاڪر اوهان سان پيار ڪندو هو ته اوهان هن کان پري پري رهو ها هن کي مارائي ڇو ڇڏيوَ؟"

"ڇٺي ته ويٺي آهيان ته مون کي شڪ ٿي پيو هو ته منهنجي ڏير منهنجي محبت ۾ جذباتي ٿي منهنجي مڙس کي قتل ڪيو آهي، پر مون ان ڳالهه جو به رڳو

شڪ هو پر اهو پوءِ يقين ۾ بدلجي ويو جڏهن...جڏهن...!"

چوندي هوءَ هڪدم چپ ٿي وئي.

"تڏهن ڇا ٿيو هو؟"

"جڏهن منهنجي ڏير، منهنجي مڙس جي مرڻ کانپوءِ اٽڪل ڇهن سٺن مهينن کانپوءِ مون تي هٿ کنيو هو!"

"هٿ کنيو هو يعني ماريو هو؟"

"نه مون کي بي آبرو ڪيو هو هڪ رات هڪ طوفاني رات جو هو منهنجي ڪمري ۾ گهڙي آيو ۽ هن انتها درجي جي بي حيائي ڪري منهنجا گل ڦل لاهي ورتا. ياچائيءَ جي رشتي جي نافرماني ڪري هن منهنجي عزت....مان رڙيون ڪندي رهيس پر ان طوفان جي شور ۾ گاج جي آوازن سبب ڪنهن کي به پتو ڪونه پيو ڪو به منهنجي مدد ڪرڻ لاءِ نه پهتو....۽ مان پنهنجي نظرن ۾ بي آبرو ٿي ويس....."

ضبط ڪرڻ جي باوجود به ڳوڙها هن جي اکين مان ڳڙي ڳلن تي اچي بيهي رهيا. هڪ گهرو ساهه کڻي چوڻ لڳي: "ان رات مون فيصلو ڪيو ته مان آپگهات ڪري پنهنجي جان ڏئي ڇڏينديس پر منهنجي سامهون منهنجي ننڍڙي ڌيءَ ريکا هئي، مون هن لاءِ زنده رهڻ ٿي چاهيو. تڏهن مون فيصلو ڪيو ته ننڍي ٺاڪر کي قتل ڪرڻ گهرجي، يا هو زندهه رهندو يا مان...." ائين چئي هوءَ وري چپ ٿي وئي.

"ته ائين ننڍو ٺاڪر جان وڃائي ويٺو!" مون آهستي چيو پوءِ هن کان پڇيو: "ته ڇا اوهان ان قتل تي اڃان به پشيمان آهيو؟"

"نه....بلڪل به نه..." هن وڏي رعب سان چيو "مان پوءِ به ائين ئي ڪريان ها، جيئن مون ڪيو اڄ به جيڪڏهن مون سان ائين ٿئي ها، جيئن ان ڏينهن ٿيو ته اڄ به مان ائين ئي ڪريان ها!"

مان پنهنجي جاءِ تان اٿي، بينڪ جي خالي حصي ۾ هلڻ لڳس. ڳجهارت پجي پئي هئي. ان معاملي ۾ وڌيڪ ڦورا ڦولڻ جي ضرورت ڪانه هئي پر پوءِ به مون سوال ڪيو:

"ننڍي ٺاڪر جي موت کان پوءِ ڇا ٿيو؟"

"آهستي آهستي راهڪ ۽ ڪڙمي به کسڪڻ لڳا. جڏهن پوليس به قتل جو سرو هٿ ڪري نه سگهي ۽ پٺي قتل هڪ پر اسرار معمو بڻجي ويا ته هارين نارين مشهوري ڪري ڇڏيو ته واديءَ تي جنن ڀوتن جو پاڇو آهي ۽ ڪنهن جن ٻنهي

ٺاڪرن کي ماريو اهي. بس ائين ڪم وارا سيئي هاري، ڪم ڇڏي هليا ويا. هاڻي اهي ست اٺ نوڪر ۽ ڪڙمي بچيا آهن، جيڪي راوت جي تحويل ۾ آهن. زمين جا ٽي حصا تہ غير آباد ٿي ويا آهن. تون پاڻ پنهنجي اکين سان ڏسي آيو آهين. اهي ست اٺ ماڻهو بہ انهيءَ راوت جي ڪري بيٺا آهن. راوت شروع کان اڄ تائين وڏي دل سان نوڪري ڪئي آهي، اهو ئي اسان جو پراڻو ملازم آهي.“

”سو اوهان کي ان تي پورو پروسو آهي؟“

”هيوا، مان ئي نہ وڏو ٺاڪر بہ هن تي پورو اعتماد ڪندو هو اڄ ڪان پهرين ڪو بہ هن تي شڪ ڪري ڪونہ پيو سگهي.“

”اوهان سان هن جو وهنوار ڪيئن آهي؟“ ائين چئي مان سروجا ديويءَ جي ويجهو ٿي، سندس اکين ۾ نهارڻ لڳس.

پوڻ هوءَ وري پنهنجي ساڙهيءَ جي پلوَ کي نوڙيءَ وانگر وٽڻ لڳي.

مون چيو:”سچ چئجو اڄ اوهان جي امتحان جو ڏينهن آهي، سامهون ديوارن تي لڳل تصويرون اوهان کان زندگيءَ ۽ موت جو حساب وٺڻ ٿيون چاهين!“

هوءَ چوڻ لڳي:”ڏير جي موت کانپوءِ اٽڪل ڏهہ مهينا تہ ڏاڍي سکون سان گذريا، پوءِ جڏهن ڪڙمي کاسبي پڇڻ لڳا تہ آهستي آهستي راوت بہ چالاڪيون ڏيکارڻ شروع ڪري ڏنيون، ۽ ائين ڪندي، هن زمين جا اختيار پنهنجي هٿ ۾ ڪري ڇڏيا. مان اڪيلي هئس ۽ ٻيا سمورا ڪڙمي وغيره سڀ هن جا پنهنجا هئا، منهنجي ڏيءَ جي بہ شادي ٿي چڪي هئي. ظاهر ۾ تہ هو منهنجي عزت ڪندو هو پر ڪندو اهو ئي هو جيڪو هو چاهيندو هو. ائين تہ منهنجو حڪم بہ ٽاري ڇڏيندو هو ۽ پنهنجي مرضي هلائڻ لڳندو هو آهستي آهستي هو اهو ظاهر ڪرڻ لڳو ڇڻ زمينن متعلق فيصلا ڪرڻ وارو اصل مالڪ هو ئي هجي، مان تہ نالي ۾ مالڪياڻي رهجي ويس، انڪري جڏهن هن ٻڌو تہ تون اها زمين وٺڻ آيو آهين تہ هن توکي بہ رستي تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي!“

”رگو مونکي نہ پر هن ريکا تي بہ گولي هلائي هئي، هن ان تي ڇو هلائي؟“

”هن ريکا تي گولي الائي ڇو هلائي؟“

”اوهان ڄاڻو ٿا تہ هن ريکا تي...!“

”نہ مون کي خبر ناهي!“

”ٻڌو!“ مون هن کي چيو ”هي قصو اڄ کان ئي شروع نہ ٿيو آهي، پر اڄ کان گهڻو اڳ ۾ شروع ٿي چڪو آهي، بهرحال مان صرف ايترو ٿو پڇڻ چاهيان تہ هن

وڏي ٺاڪر جو خون ڇو ڪيو؟ ڪٿي ائين تہ نہ آهي تہ هن انهن پنهي پاڻرن کي قتل ڪرڻ جو منصوبو اڳواٽ ئي ٺاهي ڇڏيو هجي تہ جيئن زمينن تي هن جو ئي اختيار هجي!"

"پر اهي زمينون هن جون ڪيئن ٿيون ٿي سگهن؟ جڏهن تہ وڏي ٺاڪر ڪانپوءِ ننڍو ٺاڪر يا مان ئي تہ ان جا وارث آهيون. يا جيئن مون ڪان پوءِ منهنجي ڌيءَ وارث ٿيندي. منهنجي ڌيءَ ڪان پوءِ منهنجي ڌيءَ جو مڙس ان جو وارث هجي ها. يا ان ڪانپوءِ ان جو ٻار... ڇا هن اهو سڀ ڪجهہ ڪونہ ٿي ڄاتو؟" هن ڪجهہ وڏي آواز سان ۽ رعبدار انداز ۾ چيو.

"معاملو اڃا ان ڪان بہ مختلف آهي!" مون چيو. هن اهو سڀ ڪجهہ سمجهيو پئي تہ پوءِ هن اهو سڀ ڪجهہ آخر ڇو ڪيو؟...ڇا ان ڪري نہ تہ هن انهن زمينن جو واحد مالڪ ٿيڻ ٿي چاهيو؟ مالڪ ڪٿي ڪير بہ هجي، پر اها ڳالهہ جا وڏي ٺاڪر جي موجودگيءَ ۾ پوري ڪانہ پئي ٿي سگهي، پر اوهان جڏهن ننڍي ٺاڪر کي مارڻ جو منصوبو هن جي اڳيان رکيو تہ جيئن تہ ننڍي ٺاڪر کي ماري ڇڏڻ سان هن جو رستو صاف پئي ٿيو تہ هن خوشيءَ سان ان جو قتل ڪري ڇڏيو. ڇوڪريءَ جي شادي ٿي وئي، هاڻي اوهان بيواهہ بنا ڪنهن آسري جي اڪيلا رهجي ويا..... هن جيڪو چاهيو ٿي اهو پورو ٿي ويو يعني جيڪڏهن مان نہ اچان ها تہ.....اوهان جو ڪهڙو خيال آهي ان باري ۾؟

ڇوڻ لڳي:"هاڻي تہ جيئن تون ٿو ٻڌائين، مونکي تہ تنهنجي ئي ڳالهہ درست ٿي لڳي."

"نہ منهنجي ڳالهہ بہ درست ناهي!" مون سروجا ديويءَ کي ذري گهٽ دڙڪو ڏيندي چيو."منهنجو اندازو اڃان ئي ڪو ٻيو آهي!"

"تنهنجو اندازو ڪهڙو آهي؟" هن مونکان ڊڄندي ۽ ڌيمي آواز ۾ پڇيو.

"منهنجو خيال آهي تہ هو توهان سان محبت ٿو ڪري."

هن ڪجهہ بہ نہ ڪڇيو بس ساڙهيءَ جي پلوَ کي ويڙهيندي رهي، پوءِ آهستي آهستي سڏڪڻ لڳي، پوءِ هوءَ جنهن تخت تي ويٺي هئي ان تي ڪري پئي، هن ٻنهي هٿن سان پنهنجو منهن لڪائي ڇڏيو ۽ هن جو سڄو بدن سڏڪن سبب ڏڪي رهيو هو.

مون هن کي وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ چيو مان اٿي ان بيٺڪ ۾ ٽهلڻ لڳس. ٿوري دير ڪانپوءِ مان بيٺڪ مان ٻاهر اڱڻ ۾ نڪري آيس. منهنجو اندازو غلط نہ هو سروجا ديويءَ زبان سان ڪجهہ بہ نہ چيو پر هن جا سڏڪا هن جي دل جي سموري

وارتا بيان ڪري رهيا هئا.

اٽڪل اڌ ڪلاڪ کانپوءِ جڏهن مون پانيو تہ هن جا ڳوڙها سڪي ويا هوندا تہ مان وري اندر بينڪ ۾ گهڙي آيس. هوءَ تخت تي خاموش ويٺي هئي، هن پنهنجا ڳوڙها اگهي ڇڏيا هئا ۽ پنهنجي اندر جي ڪيفيت کي وس ۾ ڪري ورتو هو.

مان جڏهن اندر آيس تہ هن مون ڏانهن شرمسار نگاهن سان نهاريندي چيو:

"تنهنجو اندازو بلڪل صحيح آهي پر مان توکي ٻڌائڻ چاهيان ٿي تہ اڄ تائين مان هن کي پنهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏنو آهي. هو وڏو هوشيار ۽ چالاڪ هو جيستائين ريکا جي شادي ڪانہ ٿي هئي تہ هن مون کي ڪجهہ بہ نہ چيو پر جيئن ئي ڇوڪريءَ جي شادي ٿي وئي ،هن آهستي آهستي مون تي پنهنجي دلي مراد ظاهر ڪرڻ شروع ڪري ڏني. مون چاهيو تہ هن کي ڪڏي ڇڏيان پر هن کي ڪيڏي ڇڏيان ها تہ زمين جي سنڀال ڪير ڪري ها. سيني ڪڙمين تي تہ هن جو ئي رعب هلندو هو ۽ اهي بہ هن جو ئي حڪم مڃيندا هئا. مان هن کي ڪيڏي بہ ڇڏيان ها تہ بہ تہ مان هن جهنگ ۾ اڪيلي رهجي وڃان ها! انڪري مان هن کي ٽاريندي رهيس ۽ هو بہ آسري ۾ ويٺو رهيو. پوءِ جيڪو زمين وٺڻ ايندو هو تہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني ان جي دل ڪٽائي ڇڏيندو هو. اڄ مان اهو ڄاڻي ورتو آهي. پر سچ پڇين تہ ان کان اڳ نہ! هاڻي مان اندازو ڪري سگهان ٿي تہ هو مون کي ڪيترو ٿو چاهي، هن منهنجي ڪري وڏي ٺاڪر جو قتل ڪيو پوءِ ننڍي ٺاڪر جو جنهن جي لاءِ ڪيس مان نہ بہ چوان ها تہ بہ هو ان کي قتل ڪري ڇڏي ها! شايد هو اهو ئي چاهي پيو تہ هو هجي ۽ مان، بس. مٿان مٿان مان مالڪ هجان، پر اندوني طور تي هو ئي مالڪ بڻجي ويهي ها! منهنجو بہ تہ زمين جو بہ."

"تہ ڇا اهو اوهان کي قبول نہ هجي ها؟"

"شروع ۾ تہ مان هن سان سخت نفرت ڪندي هئس، مان تہ هن تي لعنت ملامت بہ ڪندي هئس، گاريون بہ ڏيندي هئس. شرم ڏياريندي هئس پر هن تي ڪنهن بہ ڳالهہ جو ٿورو بہ اثر ڪونہ ٿيندو هو. هو ڏاڍو سخت دل جو مالڪ آهي، هن مون کي اڄ تائين ڪڏهن هٿ نہ لڳايو آهي، حالانڪ هو لڳائي پئي سگهيو پر شايد هو ان گهڙيءَ جو انتظار ڪري رهيو هو جا گهڙي پاڻ ئي ڪنهن پڪي ڦل جيان سندس جهوليءَ ۾ ڪري پوي ها! هن انتظار ڪيو هو انتظار ڪندو رهيو ۽ واقعي مان هن جي برداشت ۽ همت جي قائل ٿي وئي هئس. هاڻي

جيڪڏهن تون نہ اچين ها ۽ مون کي پنهنجي ٺاڪر جي قاتل جي خبر نہ پوي ها تہ اهو ٿي پئي سگهيو...مان هن جي جهوليءَ ۾ واقعي ڪري پوان ها! مان توسان کوڙ نہ ٿي ڳالهائڻ چاهيان! دل جي ڪابہ ڳالهہ هاڻي توکان نہ لڪائيندس. اهو سچ آهي تہ گذريل ڪجهہ مهينن کان مون کي هن تي ترس اچڻ لڳو هو.“

”۽ هاڻي؟ هاڻي ڇا ڪرڻو پوندو؟ سروجا ديوي...؟ پوليس ۾ تہ وڃي ڪونہ ٿا سگهون!“

هوءَ آهستي چوڻ لڳي:”هاڻي هي معاملو پوليس وٽ نہ ويندو! هاڻي اهو هن جو ۽ منهنجو معاملو آهي.“

”تہ اوهان ڇا ڪندؤ؟“

اوچتو هن پنهنجي پاسي مان خنجر ڪڍيو. چوڻ لڳي:

”هاڻي هن خنجر سان مان هن کي پورو ڪري ڇڏينديس. هن مون کان منهنجو سهاڳ کسيو مان هن جو خون ڪري ڇڏينديس. بس ان کان پهرين توکي، منهنجي ڌيءَ کي هتان وٺي وڃڻو پوندو. هونئن ٿي ڀي ڏينهن کانپوءِ هن کي ساهري گهر وڃڻو هو. پر هاڻي هن کي ڪنهن نوڪر جي حوالي ڪري ڪانہ ٿي سگهان. تون هن کي شهپارا تائين حفاظت سان وٺي وڃ. اڳيان هوءَ پاڻ ئي هلي ويندي. سڀاڻي صبح جو ئي تون هن کي هتان وٺي وڃ....مان نہ ٿي چاهيان تہ منهنجي ڌيءَ يا توکي ڪا ذڪيائي ڏسڻي پوي. ڪا پڇاڳاڇا ٿئي. منهنجي ڌيءَ پنهنجي ساهري گهر پهچي ويندي تہ مان هن موذيءَ کي ماري ڇڪي هونديس.

”پوليس جي متعلق ڇا خيال آهي اوهان جو؟“

”پوليس وٽ هن کي پيش ڪرڻ کان اڳ ۾ پاڻ وڃي پوليس جي اڳيان پيش پونديس. مان ائين ڪري سگهان ٿي. مون کي پنهنجي جان جي ڪابہ پرواهہ نہ آهي. پر معاملي جي پوليس ۾ وڃڻ سان ٺاڪر خاندان جي جيڪا بيعزتي ٿيندي يا منهنجي ڌيءَ سان جيڪا حالت ٿيندي، ان کانپوءِ تہ هن جو مڙس بہ هن کي پنهنجي گهر ۾ رهڻ نہ ڏيندو نہ هي معاملو پوليس جو نہ آهي. هي صرف ۽ صرف منهنجي ۽ هن جي وچ جو معاملو آهي. پر تون منهنجي ڌيءَ کي هڪدم هتان وٺي وڃ. بس سڀاڻي ئي. مان توکي قسم ٿي وجهان نہ تہ مان الائي ڇا ڪري ويهنديس!“

”قسم ڏيڻ جي ضرورت نہ آهي.“ مون کيس نرميءَ سان پر وڏي ڏک واري انداز ۾ چيو. ڇاڪاڻ تہ مون کي هن جو جواز مناسب پئي لڳو.

”مان اوهان جي ڌيءَ کي سڀاڻي ئي هتان وٺي ويندس ۽ جيڪڏهن هوءَ

چاهيندي تہ ڪيس ساهري گهر تائين بہ رسائي ايندس، پر پوءِ هنن زمينن جو ڇا ٿيندو؟ مان تہ اها خريد ڪرڻ آيو هوس؟“

”نہ هاڻي هي زمين توکي نہ ڏينديس، هاڻي هن زمين تي منهنجو ڪو بہ حق نہ آهي، هاڻي شايد ڪنهن جو بہ حق هن زمين تي نہ آهي. پر تون هاڻي هن خون ۽ نحوست ۾ ٻڏل زمين کي خريد ڪري ڇا ڪندين؟ هتي ڪو بہ رهي، خوش رهي ڪونہ سگهندو! جنهن سڪون تلاش ۾ تون هتي آيو آهين، اهو سڪون توکي هتي ڪڏهن بہ نہ ملي سگهندو. هاڻي هي زمين سدائين لاءِ سنڌ هجي، ويران سنسان هجي، بي واهي هجي تہ وڌيڪ بهتر آهي.

هن جي دليلن ۾ ڪافي وزن هو مان ڪنڌ جهڪائي هن جي ان وسيع بينڪ مان ٻاهر نڪري آيس.

❊

ٻئي ڏينهن پرهہ ڦٽيءَ کان اڳ ۾ منهن اونداري ۾ اسان ٻئي ان گهر مان موڪلائي هلياسين. سروجا ديويءَ نہ پئي چاهيو تہ ڪنهن کي بہ اسان جي وڃڻ جي خبر پوي، هن تہ اسان کي گهوڙن تي چڙهي وڃڻ کان بہ منع ڪري ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ تہ اسان سان گهوڙا هلن ها تہ انهن سان ٻن ڪم وارن کي بہ گڏ هلڻو پوي ها! ۽ جيڪڏهن انهن کي اسان جي وڃڻ جي ڪڙڪ پئجي وڃي ها تہ اسان لاءِ خطرو بہ وڌي وڃي ها! حالانڪ راوت جي باري ۾ رات کان ئي سسپس شروع ٿي وئي هئي، پر مالڪياڻيءَ اهو مشهور ڪري ڇڏيو هو تہ ڪنهن پهاڙ تان ڪري پوڻ سبب هو ڏاڍو زخمي ٿي پيو آهي ۽ مالڪياڻي پاڻ سندس تيمارداري ڪري رهي آهي. انڪري ڪنهن بہ ڪمي ڪڙميءَ کي ڏسڻ جي اجازت ڪانہ هئي. ان ڳالهہ مان ڪمي ڪڙمي مطمئن تہ ڪونہ ٿيا هئا پر چپ ضرور ٿي ويا هئا.

وڃڻ وقت داهلي بوئا، مانيءَ جو سامان ڏئي ڇڏيو. ٻاهرين دروازي جي چائنٺ تي بيهي ريڪا چيو:

”امان اوهان کي هاڻي هتي وڌيڪ رهڻ نہ گهرجي، جلدي زمين وڪڻي مون وٽ هلي اچي رهو.“

”ائين ئي ڪنديس.“ ماڻس جواب ڏنو.

”امان تون اهي زمينون هن کي ڇو نہ ٿي ڏئي ڇڏين؟“ ريڪا منهنجي طرف اشارو ڪندي ماءُ کي چيو.

”مون هن کي چئي ڇڏيو آهي، توکي ڇڏي ستن اٺن ڏينهن کانپوءِ اچي،

جيستائين مان پڪ چڱي ريت سوچي وٺان."

"هاڻي سوچڻ جو وقت گذري ويو آهي امان!" ريڪا ماءُ جو هٿ جهلي چيو.

ريڪا جي ماءُ جي پلڪن مان ڳوڙها ڳڙي پيا. هئي ماءُ ڌيءَ هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي مليون ۽ سڏڪندي هڪ ٻئي کان جدا ٿيون. جڻ سندن اها آخري ملاقات هجي.

❊

**اهو** صبح ڪڪرن سان پريل هو. واديءَ مان وچڻ وارو رستو به رات جي چادر ويڙهي ستل هو. اسان جي ٻي آواز قدمن جي هيٺاهن ڪڏهن ڪڏهن ڪا سڪل ٽاري يا ڪي سڪل پن اچي پئي ويا ته انهن جي چٽچڻ سبب انهن مان چرچر جو آواز پئي آيو. ڪڏهن پپر جي وڻن مان ڪا جهرڪي پرن کي ڦڙڪائي وري پنهنجي چنهب پرن ۾ وجهي سمهي ٿي پئي. اسان جا قدم واديءَ جي بلنديءَ کان هيٺانهينءَ طرف وڌي رهيا هئا. جاءِ جاءِ تي ماڪ ۾ پنل وڻ ۽ ٻوٽا، رات جي خمارن ۾ خاموش بيٺل نظر پئي آهي.

اڳيان اڳيان ريڪا هلي رهي هئي، مان هن جي پويان پويان. رستي ۾ اينٽريون پهاڙي لاهيون هيون، جن تان لهڻ نه رڳو مشڪل هو پر خطرناڪ به هو پر ريڪا کنهن ٻڪريءَ وانگر ٽپ ڏيندي پئي هلي.

مون چيو: "مونکي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته تو جهڙي نازڪ بدن اهڙي مشڪل رستن تي پيدل ڪيئن ٿي هلي سگهي."

"واه واه چو؟؟" ريڪا ٻهڪندي چيو. "هي سارا چارا منهنجا پيتيل آهن، شاديءَ کان اڳ ۾ مان کنهن رولو ٻڪريءَ وانگر هنن رستن تي اڪيلي سر گهمندي وتندي هئس."

مون پڇيو: "هي ته سچو رستو ڏکيو آهي، اسان ڪواڙي قلعي کان چونه هلياسين، اهو آسان به هو؟"

"اهو رستو آسان ضرور آهي پر الاهي ڊگهو آهي، جنهن رستي تي مان تي وٺي هلان، ان رستي سان اسان ٻن پهرن تائين شهپارا ڳوٺ تائين جي ويجهو پڄي ويندا سين." ريڪا چيو.

❊

**رات** هڪڙو آخري ساهه کڻي واديءَ مان ڪر موڙي اٿي ۽ ڪارن ڪڪرن سان پريل آسمان جي اڳيان پويان سوجهري جي شفاف لهر نمودار ٿيڻ لڳي ۽

پکين جو ولر هيٽ ميدان جي پاسي اڏامندي نظر اچڻ لڳو. صبح جي ڏنڏلڪن ۾ مون ڏٺو تہ واديءَ ۾ هيٽ ميلن تائين پکڙيل ميدان ۾ جاءِ جاءِ تي وڻن جي جهڳٽن ۾ ٺهيل ننهن ۽ ڇپرن ۽ دڙن تي اڏيل ڪکاون جهوپڙن مان هلڪو هلڪو دونهون نڪري رهيو هو. صبح جو بدن ڪجل پرين اکڙين ڪي ملينديءَ، آرس ڀڃي اٿي رهيو هو ۽ رات جي مدماتين کي جاڳائڻ جي دعوت ڏئي رهيو هو. رات مان بدلجي صبح ٿيڻ تائين ۽ شفق کان شام ٿيڻ تائين جي عمل ۾ ايتري جنسي ڪشش ڇو هوندي آهي؟ شايد ان ڪري جو هي وقت پاڻ ۾ ملندا آهن ۽ ڳري لڳي هڪ ٻئي سان پيار ڪندا آهن. مگر ريڪا تہ منهنجي اکيان اڳيان هلندي پئي وئي. شايد ريڪا کي وقت جي وصال جو اندازو نہ آهي، يا سندس ذهن ۾ هن سمي پنهنجي مڙس جو چهرو ابري رهيو آهي.

تي سگهي ٿو تہ منهنجي ذهن ۾ هن جا ڊوڙندڙ پير نظر اچي رهيا هجن، جن کي مان پنهنجي دل ۾ سانڍڻ جي ڪوشش بہ ڪندو هجان. تہ ٿي سگهي ٿو هن جي دل ۾ ڪنهن ٻئي جي تصوير ابرندي هجي! ۽ هن کي محسوس بہ نہ ٿيندو هجي تہ مون پنهنجي دل ۾ ڇا سانديو آهي! جيستائين تصويرون نہ ٿيون ملن تيستائين احساس بہ ڪونہ ٿا ملن. امنگون ۽ ارمان نہ ٿا ملن تہ محبت بہ نہ ٿي ملي، صرف ٻن جسمن جي ملڻ سان هٿ حاصل ڪجهہ بہ نہ آهي!

هلندي هلندي ريڪا بيهي، مڙي پورب پاسي نهاريو جتان سريني پهاڙن جو سلسلو گهاٽن ڪڪرن سان ڍڪجي ويو هو جتي ڪڏهن ڪڏهن ڪنوڻ بہ ڪجڪا ڪري رهي هئي. جيئن تہ صبح ٿي ويو هو پر سج اجان ڪونہ ابريو هو يا شايد پهاڙن جي پويان ابريو هجي ۽ ڪڪرن جي گهونگهٽ ۾ هجي.

ريڪا هوا جي خوشبوءِ کي سڄاهي چوڻ لڳي: ”سرينيءَ جي پهاڙن ۾ بارش پئي ٿئي.“

مون چيو: ”مون کي هيءَ صبح جي خنڪي سٺي ٿي لڳي، سفر سهاڻو ڪٽجي ويندو.“

اوچتو ريڪا ڇرڪ پريو ۽ ڏڪڻ لڳي.

مون پڇيو: ”ڇا ٿيو؟“

هوءَ ڏڪاري لهجي ۾ چوڻ لڳي: ”الائي ڪهڙي ڳالهہ آهي، الائي ڇو امان جي جدائيءَ جو ڏک ڏنگي رهيو آهي.“

مون چيو: ”گهبراءِ نہ، هوءَ پنهنجي حفاظت پاڻ ڪرڻ ڄاڻيندي آهي.“

”اهو تہ مان بہ ڄاڻان ٿي!“

ريڪا ڪي قدر مطمئن ٿي اڳتي قدم وڌايو.

هاڻي تہ رستو صفا مشڪل ٿي ويو هو. مٿانهين پهاڙين تان هلڻو ٿي پيو جن ۾ ڪٿي ڪٿي جهنگلي ٻوٽا بيٺل هئا، ڪٿي ڪٿي ننڍيون ننڍيون ڇُرون هيون.

ريڪا مون کي چيو:"بس هي رستو گذري ويندو پوءِ اڌ ميل جي آخري لاهي آهي، جنهن کانپوءِ ڏوليا ندي، جنهن جي ٻئي پاسي ڏوليا بستي ۽ پوءِ ميداني علائقو آهي. ندي پار ڪرڻ کانپوءِ شهپارا ڳوٺ تائين پهچڻ ۾ صرف ٽي ڪلاڪ لڳندا."

مون چيو:"شڪر آهي اڄ سج ڪڪرن جي اوٽ ۾ آهي، نہ تہ گرميءَ سبب هن سفر ۾ منهنجو حال ڏاڍو خراب هجي ها!"

ريڪا هڪدم بيهي، مڙي منهنجي چپن تي آڱر رکي، ۽ آهستي سسپس واري انداز ۾ چوڻ لڳي:

"چپ ڪر!"

مان حيرت وچان بيهي رهيس. هوءَ جڻ هوا ۾ گهلندڙ آوازن کي ڪنائڻ لڳي.

گهوڙن جي ڏُڙڪڻ جو آواز پويان اچي رهيو هو.

ريڪا ڪجهہ چوندي مون کي ٻانهن ڏانهن ڇڪي ورتو:"هيڏانهن اچ!"

هوءَ تيزيءَ وچان هڪڙي موڙ وٽان مڙي، مون کي هڪ ڇُر ۾ گهلي وئي. اسان ٻئي دم ٻوساٽيو هڪ ٻئي جي ويجهو ٻيٺي ٻيٺي انتظار ڪري رهيا هئاسين. ان وقت تائين مون کي ڪنهن بہ خطري جو احساس ڪونہ هو بس رڳو هن جي بدن جي قريب هجڻ جو احساس هوءِ تڪڙن تڪڙن ساهن سبب هن جي ڇاتين جو هيٺ مٿي ٿيڻ.

اچانڪ اسان جي پر مان، اصل بلڪل پرمان، ٻن اپين پهاڙين جي وچ مان گهوڙي سوار گذريا. اهي عقاب وارين نگاهن سان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندا ٿي ويا. ٻنهي جي ڪلهن تي بندوقون هيون ۽ گهوڙن جي پٺي پگهر ۾ ٻڏل هئي، لڳو ٿي تہ هو واديءَ کان هيستائين جو مفاصلو ڏاڍي جلدي طئي ڪري آيا آهن.

مون انهن کي ڪونہ سڃاتو پر ريڪا ڪين سڃاتو.

"هي تہ اسان جا راهڪ هئا!"

جڏهن اهي گهڻو اڳتي نڪري ويا تہ ريڪا مونکي چيو.."ٻگهپلوءَ پرسو پر هي هتي ڇا ڪري رهيا آهن؟"

هن جي جملي پوري ٿيڻ سان ئي مون کي خطري جو احساس ٿيو تہ منهنجي

لونءَ ڪاندارجي وئي.

”تي سگهي ٿو هي اسان جي ڳولها ۾ نڪتا هجن!“ مون ريڪا کي چيو.

”پر ڇو؟“

”تي سگهي ٿو انهن کي راوت جي معاملي جي سُڌ پئجي وئي هجي!“

”نا ممڪن! اِهو ممڪن نه آهي! منهنجي ماءُ ڪجهه ٻڌائي نه ٿي سگهي!“

”پر اهو به ته ممڪن آهي ته هنن کي شڪ پئجي ويو هجي، ڇاڪاڻ ته راوت ته اسان جي پٺيان شڪار گهر آيو هو!“

ريڪا چپ ٿي وئي.

مون چيو: ”ائين به ٿي سگهي ٿو انهن راوت کي آزاد ڪرائي ورتو هجي ۽ هن ئي انهن کي اسان جي ڪِيڏ موڪليو هجي!“

ريڪا سوچي چوڻ لڳي: ”ڪجهه به هجي، مون کي انهن ٻنهي ماڻهن جي نيت نيڪ ڪانه پئي لڳي!“

”هاڻي ڇا ڪريون؟“ مون ريڪا کان پڇيو.

ريڪا ڪجهه سوچي چوڻ لڳي:

”هاڻي ته گهٽو اڳتي نڪري ويا هوندا. اچ ته پهرين انهن کي ڏسون ته هو ڇا پيا ڪن!“

ڇُر مان نڪري، ٿورو اڳتي هلڻ ڪانپوءِ جڏهن پهاڙ واري لاهي ختم ٿي ته اسان هڪڙي اوچي دڙي جي اوٽ ۾ اچي ويٺاسين.

هتان اسان دور دور تائين ڏسي پئي سگهياسين. لاهيءَ ڪانپوءِ ڏوليا نديءَ جو تيزيءَ سان وهندڙ پاڻي نظر اچي رهيو هو ۽ ٻئي ڪناري تي ڏوليا بستي هئي، ان جي اڳيان ڪجين جا جهڳٽا هئا. پوءِ پري پري تائين واريا سو ميدان. نگاهن جي آخري حد تي شهپارا ڳوٺ!

اسان انهن ٻنهي راهڪن کي ان تيز پاڻيءَ ۾ پنهنجا گهوڙا وجهندي ڏٺو. هو ٻئي ڪناري ڏانهن پئي ويا. اهي ڏوليا ڳوٺ جي دنگ کي پار ڪري ريگستاني دڙن تان تيزيءَ سان گهوڙا ڊوڙائيندا ٿي ويا. رستي ۾ ٿورو ترسي هيڏانهن هو ڏانهن واجهائي به رهيا هئا. ڄڻ ڪنهن جي ڳولها ڪري رهيا هجن.

ريڪا چيو: ”اهي پڪ سان اسان کي پيا ڳولهين! پر ڇو......؟“

اصل ۾ مان ته ساري معاملي کان واقف هوس، ۽ سروجا ديويءَ ريڪا کي ڪجهه به ٻڌائڻ کان مون کي منع ڪئي هئي. صحيح به هو ڇاڪاڻ ته ريڪا کي ڪجهه به ٻڌائڻ سان خود ريڪا جي زندگي زهر ٿي وڃي ها.

”پر ڇو؟“

ريڪا مون کان ٻيهر پڇيو هن کي ڇڻ ڪا ڳڻتي ويڙهڻ لڳي هئي.

مون چيو:”مان ڇا ٿو چئي سگهان! راهڪ تنهنجا آهن!“

چوڻ لڳي:”مون کي ٻاهر موڪلڻ کانپوءِ امان سان تنهنجون ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون هيون؟“

مون ڳالهه کي ٽاهيندي چيو:

”مون هن کي چيو راوت کي پوليس ۾ ڏيڻ گهرجي. هوءَ چوڻ لڳي، جيستائين تون منهنجي ڏيءَ کي ساهري گهر تائين ڇڏي، موٽ تي شهپارا جي پوليس کي نه آڻيندين تيستائين مان ڪجهه به نه ڪنديس.“

ريڪا چيو:”صحيح ٿي ته چيو پئي امان.“

پوءِ هو ٿورو منهنجي ويجهو اچي چوڻ لڳي.

”ٻيو ڇا چيو هن؟“

”ٻ زمين جي باري ۾ ڳالهيون ٿيون. ٻنيءَ جي اڳهه پار متعلق.“ وري مون ڪوڙ ڳالهائيندي چيو.

لڳو ته ريڪا کي منهنجي ان ڳالهه ۾ ڪا دلچسپي ڪانه هئي. هوءَ ريگستاني ميدان مان گذرندڙ انهن ٻنهي گهوڙي سوارن ڏانهن ڏسي رهي هئي.

چوڻ لڳي: ”اهي سڏو شهپارا ٿي پيا وڃن. ڏاڍي تيزيءَ سان گهوڙا ڊوڙائيندا پيا وڃن! انهن جو ارادو ڪجهه ائين ٿو لڳي ته هو اسان کي شهپارا پهچڻ کان اڳ ٿي پڪڙي وٺندا.“

وري پڇڻ لڳي:”تنهنجو ڇا خيال آهي؟ منهنجي جواب جو انتظار ڪرڻ کانسواءِ ئي چوڻ لڳي:

”منهنجو خيال آهي ته سڀ کان اڳ ۾ نيرن ڪرڻ گهرجي. پوءِ ندي پار ڪري آهستي آهستي پنهنجي سفر تي هلجي ۽ منهنجو خيال آهي ته ٿورا چڪر ڪاٽيندا، ڪنهن ٻئي رستي سان هلون. پلي ته ٻن پهرن بجاءِ رات جو شهپارا پهچون. تنهنجي ڇا صلاح آهي؟“

”نيڪ صلاح آهي. خاص ڪري نيرن جي باري ۾ ته تنهنجي صلاح ته ڏاڍي نيڪ آهي. هن وقت مون کي ايتري بک لڳي آهي جو مان نيرن سان گڏ توکي به کائي سگهان ٿو.“

”ته سارو رستو ڇا ڪندو آيو آهين؟“ ريڪا ڪنهن گل جيان ٽڙندي چيو ”منهنجي پويان پويان هلندي تنهنجون نظرون پڪو ئي ته مون کي کائينديون

رهيون آهن."

"ڪيئن پلاءِ؟"

"منهنجي پٺيءَ ۾ مسلسل سيون پئي چڀيون." هن تنگ ڪرڻ وارين نگاهن سان مون ڏانهن نهاريو.

مون چيو:"مان چا ڪريان تنهنجو هلڻ ئي ڏاڍو پيارو آهي. هڪ خوبصورت عورت جي انتهائي وٽندڙ لوڏ. ايتري عمدي هلٽي مون گهٽ ڏٺي آهي. گهڻو ڪري تہ عورتون بدڪ وانگر هلنديون آهن."

چوڻ لڳي:" ۽ گهڻا مرد وري ڪتي وانگر سهڪندي هلندا آهن."

مون هٿ مٿي ڪري چيو"منهنجي توبهن."

اسان ٻئي کلڻ لڳاسين.

پوءِ نيرن جو سامان کولي نيرن ڪرڻ لڳاسين. هڪ ئي ٿانوَ مان گڏجي کائڻ سبب ڪڏهن اسان جون آڱريون ٿي هڪ ٻئي ۾ اٽڪي پيون تہ ڪڏهن مانيءَ جو اڌ گراهہ منهنجي هٿ ۾ پئي آيو تہ اڌ هن جي هٿ ۾. ٻوڙ ماني، احساس، جذبات، نگاهون، چهاءُ، ذائقو سڀ هڪ ٻئي سان رلمل ٿي رهيا هئا. وقت هڪ نيرن جي ڪٽوري وانگر اسان جي وچ ۾ هو ۽ ان جو ذائقو لذيذ هو. پوءِ جڏهن اسان پنهنجون آڱريون چٽيندا، مسرور نگاهن سان هڪٻئي ڏانهن ڏٺوسين تہ انهن نهارن ۾ چُمين جو مزو ۽ سواد محسوس ٿي رهيو هو ۽ منهنجي ذهن تي اها خوابناڪ رات تري آئي، جڏهن هن رسوئي گهر ۾ مون سان گڏ ماني پئي کاڌي. خبر نہ آهي تہ اهو لمحو حقيقت هو يا هي لمحو خواب هو؟

اوچتو ريڪا پنهنجي ننڍڙي زبان سان آڱريون چٽڻ لڳي، ۽ چوڻ لڳي:

"هاڻي تہ نديءَ تي هلي پاڻي پيئنداسين."

"۽ هي ڪٽورو؟"

ريڪا ڪٽورو کڻي، ان کي هوا ۾ گهمائي پري ڦٽو ڪيو. ڪٽورو پهاڙي لاهي تان رڙهندو ٽڙندو ٽاپڙجندو زخمي ٿيندو روئندو رڙندو ڪنهن کڏ ۾ وڃي ڪريو ۽ چپ ٿي ويو. ان ئي وقت منهنجي ۽ ريڪا جي وچ وارو پيارو لمحو بہ چڻ مري ئي ويو.

هاڻي هوءَ ريڪا، مون کان الڳ هڪ ريڪا هئي، مان هن کان الڳ .....نہ ٿي ڄاتم تہ اڳتي هلي، زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي اسان وري هڪ ٻئي سان ملي سگهنداسين!

ريڪا اٿي بيٺي، هن بيهي پنهنجي ڳاڙهي ۽ پوري پٽڙي تان مٽي ڇنڊي، اندلٺ

جي رنگن جيان هڪڙو آرس پڳوءِ پنهنجي چوٽي کي لوڏيندي چوڻ لڳي:

”هلو سائين! اسان جي خانداني زمينن جا ٽيڻ وارا مالڪ، هاٿي اڳتي هلو.“

مون چيو: ”زمينن جي مالڪ ٿي وڃڻ سان ڇا ٿو ٿئي! پر جيڪڏهن مان توهان جي خاندان ۾ شامل نہ ٿيس تہ؟“

ريڪا پنهنجي سنهڙي زبان ڪڍي، مون کي چڀرا ڏيندي اڳتي وڌي وئي. لڏندي جهومندي ۽ ڪجهہ وڏيڪ ٿي جهومندي لڳو پئي تہ منهنجي تعريف جي ڪري هاٿي هن جي ٽور ڪجهہ وڏيڪ ٿي وئي هئي. ائين ٿي تہ مور نچندو آهي. ڪبوتر گٽڪڻ لڳندو آهي ۽ عورت پنهنجي بدن کي بچائيندي هلندي آهي. حسن ڪنهن پئي جي نگاهہ کانسواءِ نا مڪمل آهي. رُڪو آهي، اٽيو آهي، عورت جي بدن جا سارا ور وڪڙ مرد جي نظرن ۾ جاڳيل هوندا آهن.

اوچتو آخري موڙ مڙياسين تہ ندي اسان جي سامهون اچي وئي، پر هن جي تارون تار پاڻيءَ کي ڏسي، ريڪا هڪدم مٿي کي هٿ ڏئي ڪناري تي ئي ويهي رهي.

❋

**اوپر** پاسي جيڪو مينهن وسيو هو ۽ اجان بہ وسي رهيو هو ان جي ڪري ڏوليا ندي ڏاڍي گوڙ شور سان ۽ وڏي چوهہ ۾ پئي وُڙهي. پهاڙن تان مينهن جي پاڻيءَ سان گڏ مٽيءَ جي رڙهي اچڻ سان نديءَ جو پاڻي ڏاڍو گدلو گدلو ٿي ويو هو. اهڙي گدلي پاڻيءَ سان اڄ اجهائڻ جو تہ سوال ئي پيدا ڪونہ پئي ٿيو پر جنهن تک تار وچان وُڙهي پئي، ان مان تري پار وڃڻ جو بہ سوال ئي پيدا ڪونہ پئي ٿيو!

ريڪا مايوس ٿيندي چوڻ لڳي:

”هاڻي ڇا ڪريون؟“

مان خاموش رهيس.

ريڪا ٿوري دير سوچڻ کانپوءِ وري پڇيو: ”ٻڌاءِ نہ!.... هاڻي ڇا ڪريون؟“

مون چيو: ”هاڻي تہ ڪواڙيءَ جي قلعي واري رستي سان بہ نہ تو هلي سگهجي! اول تہ ميلن جا ميل پنڌ ڪري واپس هلڻو پوندو پوءِ بہ ممڪن آهي تہ ڪواڙيءَ جي قلعي واري ندي بہ هن وانگر تارون تار هجي، ۽ اهو رستو بہ ڏاڍو ڏکو آهي، اڄ تہ ڪنهن بہ حالت ۾ شهپارا پهچي نہ سگهنداسين.“

ريڪا چيو: ”هڪڙي صورت آهي.... هتي نديءَ جي ڪناري ويهي ٿا آرام ڪريون، جڏهن پاڻي لهي ويندو تہ هلنداسين.“

پر ۾ ڪجھين جي وڻن جا جھڳٽا بيٺل هئا. اسان اوڏانھن هليا ويا سين. اتي هڪڙي جھنگلي ول تي گل ٽڙيا هئا. ريڪا ان مان گل ڇني ننڍڙو گلدستو ٺاهي پنهنجي وارن ۾ اٽڪايو ۽ مون ڏانھن عجيب نگاهن سان ڏسڻ لڳي.

مان سندس ويجھو وڃي چيو:"جڏهن جذبن جي ندي چڙهيل هجي ته ماڻهو ڪي ڇا ڪرڻ گهرجي؟"

"هوءَ کلڻ لڳي:

"ان وقت جو انتظار ڪرڻ گهرجي، جيستائين ندي لهي نه وڃي." ائين چئي هوءَ منهنجي پر مان پاڻ بچائي پري وڃي هڪ ننڍڙي دڙي تي ويهي رهي، ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ جھونگارڻ لڳي. شايد ڪو لوڪ گيت هو جنهن جا ٻول مان سمجھي نه سگهيس، ها البت ان جو سوز منهنجي دل کي ڏاڍو پئي وڻيو. جڏهن هڪڙو گيت ختم ٿيو ته هن ٻيو ڳائڻ شروع ڪيو پئي ڪانپوءِ ٿيون، اهڙيءَ ريت هن پنهنجي سريلي آواز ۾ چار پنج گيت ڳائي ورتا. بهرحال مون اهو ته ڪونه پئي ڄاتو ته هوءَ اهي گيت مون کي ٻڌائي رهي هئي يا پنهنجو پاڻ کي. شايد ڪا به عورت ڪنهن ٻئي کي گيت نه ٻڌائيندي آهي. پنهنجي اندر جي احساس کي زبان ڏيڻ لاءِ ڳائيندي آهي.

ڳائيندي ڳائيندي هن جڏهن به نظرون کڻي مون ڏانھن ٿي نهاريو ته سندس اکيون ٻرڇين وانگر چنهبياريون پئي ٿي ويون. ڇڻ سپنن جا ٽٽل ڪنارا هجن. ۽ سندس نيڻن ۾ ڪا ڇڻ پڻ ڏسي مون کي لڳو ته شايد مان سندس سپنن جي انهن ڪنارن کي ڇهندي ئي، پنهنجون آڱريون زخمي ڪري وجهندس جن مان خوف نڪري ڳڙڻ لڳندو. ڪيتريون شڪايتون هيون هن جي نيڻن ۾....منهنجي سمجھ ۾ ڪجھ به ڪونه ٿي آيو ته ريڪا ڪنهن سان ڪنهن جي شڪايت ڪري رهي هئي؟ ان وقت ريڪا هڪڙي گهايل پکيءَ جيان لڳي رهي هئي.

اٽڪل ڏيڍ ڪلاڪ ڪانپوءِ وري نديءَ جو حال معلوم ڪيوسين. نديءَ جي تار پاڻي گهٽو لهي ويو هو پر منهنجي خيال ۾ سندس تڪ جھڪي ڪانه ٿي هئي، جنهن مان تري پار وڃڻ ڏکيو ٿي لڳو. ريڪا ندي پار ڪري هلڻ لاءِ ڏاڍي اتاولي هئي.

چوڻ لڳي:"پاڻي گهٽو لهي ويو آهي، تري پار اڪري ويندا سين."

مون ٿورو گهبرائيندي چيو:

"منهنجي خيال ۾ ته اڃان به تري پار اڪري وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ خطري کان خالي نه آهي، ٿورو انتظار وڌيڪ ڪري ٿا وٺون."

ريڪا منهنجي ڪانئرتا ڏسي ڪاوڙ وچان چيو: "توکي ترڻ نہ ٿو اچي ڇا؟"
مون چيو: "سچ تہ اهو آهي تہ مون اڄ تائين ڪنهن درياهہ يا نديءَ کي تري پار نہ ڪيو آهي. البت تلاءَ جي بيٺل پاڻيءَ ۾ وهنتو ضرور آهيان. ٿوري ٿوري مشق بہ ڪئي هئم پر اها بہ ڳالهہ هئي."
ريڪا چوڻ لڳي: "ڪا ڳالهہ ناهي، مان سهارو ڏئي توکي پار پهچائي ڇڏينديس."
مون پڇيو: "تون ترڻ ڄاڻين ٿي؟"
چوڻ لڳي: "بدڪ وانگر.....۽ هيءَ ندي تہ مان ننڍي لاڪر سوين ڀيرا پار ڪري چڪي آهيان. هتان پاڻي گهڻو اونهو نہ آهي، تيز ضرور آهي، زياده دير ڪنداسين تہ ممڪن آهي تہ رات هتي ئي پئجي وڃي يا وري پهاڙن تي ايتري برسات پئجي وڃي جو ندي ٻيڻي ٿي وڃي."
ريڪا جي ڳالهہ ۾ وزن هو. مون ڪپڙا لاهي مٿي تي ٻڌي ورتا. رڳو هڪڙو ڪڇو ڇڏي ڏنو. ريڪا پنهنجي ڪپڙا تہ ڪونہ لاٿا پر پنهنجي پڙي کي لنگوٽ وانگر مٿي ڪري ٻڌو ۽ ساڻ آنڊل ڪپڙن جي هڙ مٿي سان ٻڌي ورتي. مان هن جي اڇين، گول ۽ ڀريل ٽنگن جي تعريف ڪرڻ لڳس پر ريڪا پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏئي ڇڏيو. ان ڪانپوءِ مان بہ ٽپي پيس، حالانڪ دل ۾ ڏاڍو ڀئي ڊنس.
پاڻيءَ جو وهڪرو ڏاڍو تيز هو ۽ اسان جي ڪوشش جي باوجود اسان کي پنهنجي تڪ سان ڇڪيندو پئي ويو.
ريڪا ٻئي ڪناري تائين رسڻ جي وڏي ڪوشش ڪري رهي هئي، پر شايد اسان پاڻيءَ جي تيزيءَ جو اندازو ڪرڻ ۾ غلطي ڪئي هئي. پاڻيءَ جي گوڙ ڪندڙ تڪ ريڪا کي ٻہ چار اهڙيون ٿڦڙون وهائي ڪيڍيون جو هن لاءِ ترڻ اوکو ٿي پيو ۽ ندي ڪيس پاڻ سان گڏ اڳتي گهلي وئي. پاڻيءَ جي رحم ڪرم تي ترندي هن ٻہ چار گوتا بہ کاڌا.
مون ڪناري تي وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏيو ۽ تيزيءَ سان هٿ پير هڻندي ريڪا جي ويجهو وڃڻ لڳس. هاڻي اسان وچ سير ۾ هئاسين. اوچتو پاڻيءَ جي هڪ ريلي مون کي ڌڪي ريڪا جي ويجهو ڪري ڇڏيو. مون هن کي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان ڪوشش ۾ هن جي چوليءَ جي ڪنڌ منهنجي هٿ ۾ اچي وئي ۽ ٻئي لمحي سندس چولي چرچر ڪري ڦاٽي پئي.
مان وڏي ڪوشش ڪندي، ترندي هن جي پويان ويس. وڏي مشڪل سان مون وٽ ۽ ... کي جهليو. ان وچ ۾ هوءَ ٻہ چار گوتا ٻيا بہ کائي چڪي هئي ۽ مون

ڪي ائين ٿي لڳو ڄڻ هن جو ساهه پوسائجڻ لڳو آهي.

جيڪڏهن ريڪا کي بچائڻ جي سموري شاباشي مان کڻان ته به غلط نه ٿيندو ڇاڪاڻ ته ممڪن آهي ته هن کي بچائڻ ۾ ٿورو منهنجو دخل به هجي، پر حقيقت اها آهي ته اسان ٻنهي کي بهرحال قدرت ئي بچائي ورتو ڇاڪاڻ ته پاڻيءَ جو هڪڙو وڏو ريلو سِير کي چيريندو آيو ۽ ٻئي ڪناري ڏانهن وهي ويو ۽ اسان ان جي سهاري ٻئي ڪناري تائين لڙهندا وياسين. وري ڪنارن تي بيٺل ڊپن ۽ ٻوٽن کي جهلي اسان ٻئي ڪناري تي نڪري آياسين.

پهريائين مان نڪتس، پوءِ مان ٻنهي هٿن سان ريڪا کي جهلي ٻاهر ڪڍيو.

ان وٽ پڪڙ ۾ هن جي چولي جاءِ جاءِ تان ڦاٽي وئي هئي، خاص طور سندس پُٺيءَ واري پاسي کان. مٿي ڪناري تي ڪڍي مون هن کي ڇڏي ڏنو. هوءَ نستي ۽ نِبل حالت ۾ اونڌي ليٽي پئي ۽ چهري ۾ منهن وجهيو اوڪارا ڏئي رهي هئي ۽ هن جي چولي پويان ليڙون ليڙون ٿي وئي هئي.

اوچتو مون ڏٺو ته ريڪا جي پُٺيءَ تي نيل پيل هئا، ڄڻ ڪنهن چهبڪ سان کيس ماريو هجي، يا نهن سان رانيوٽا ڏنا هجن، پر شايد ڪٿان گذرندي کيس ڪي رهڙون آيون هجن. زخم پريل هئس پر ڪٿي ڪٿي ڊبڙ ٿيل هئس، جن ۾ رت جي ڳاڙهاڻ به نظر پئي آئي.

سندس نيل ڏسي مان ته صفا ڏڪي ويس، پر مون ان وقت کائنس ڪجهه به نه پڇيو. هوءَ پاڻ ئي نڙيءَ ۾ آڱر وجهي پيٽ ۾ پرجي ويل پاڻي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. پوءِ جڏهن سندس ساهه منجهڻ لڳو ته بي سُڌ ٿي سمهي پئي.

ايتري ۾ سج وري نڪري آيو. بادل به ٽڙي پکڙي ويا.

اسان ڪيتري دير تائين سج جي تڙڪي ۾ هيٺا ٿيو ڪريا پياهئاسين ۽ سج ۽ هوا اسان جي بدن تي پيل آلن ڪپڙن کي سڪائيندا رهيا. پوءِ جڏهن سج جا ساڙيندڙ ڪرڻا اسان جي جسمن ۾ چڀڻ لڳا ته اسان نديءَ جي ڪناري تان اٿي، ٿورا قدم اڳتي وڻن جي جهڳٽي ۾ اچي وينا سين. ريڪا پنهنجو رئو سڪائڻ لاءِ ڦهلائي رکيو ۽ پنهنجو پَٽرو به. هن جي جسم تي صرف پنهنجي ڦاٽل چولي ۽ پيٽي ڪوٽ بچيو ۽ اجان تائين ڏڪي رهي هئي. نهايت معصوم ۽ بيوس لڳي رهي هئي. هن کي ائين ڏڪندي ڏسي مون کي ڏاڍو ڏک پئي ٿيو.

اسان ٻئي هڪڙي وڻ جي هيٺان ٽيڪ ڏيو وينا هئاسين. هن پنهنجون نظرون منهنجي پاسي کان ڦيرائي ڇڏيون هيون، ڄڻ انهن ڦيريل نظرن کي هن

پنهنجي اوگهڙ لاءِ اوٽ بڻائي ڇڏيو هو.

مون هن کان پڇيو: "تنهنجي پُٺيءَ تي اهي نيل ڇا جا آهن؟ ڄڻ ڪنهن ڇهبڪن سان توکي ڪُٽيو هجي."

هڪدم سندس هٿ پويان هليو ويو جتان چولي پويان جاءِ جاءِ تان ڦاٽل محسوس ڪري هن اکيون جهڪائي ڇڏيون. ۽ ٻئي هٿ منهن تي رکي روئڻ لڳي.

مون کي مٿس ترس اچي ويو مون اڳتي وڌي ڪيس پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري ورتو ۽ سيني سان لڳائي ڇڏيو. منهنجي سيني سان لڳندي ئي هوءَ سڏڪڻ لڳي.

"ٻڌاءِ نه ريکا، ڇا ڳالهه آهي، هي زخمن جا نشان ڇا جا آهن؟"

هن پنهنجا سڏڪا روڪي، اکيون اگهيون ۽ ڀريل ڳلي سان چوڻ لڳو:

"هو مونکي ماريندا آهن؟"

"اهي ڪير؟ ڇا تنهنجو مڙس؟" مون پڇيو.

هن هاڪار ۾ مٿو لوڏيو.

"تنهنجو مڙس توکي ماريندو آهي؟ هن گل جهڙي بدن تي ڇهبڪ وهائيندو آهي؟" مان حيرت ۾ پئجي ويس.

"ها!" هن جون اکيون وري ڳوڙهن سان ڀرجي ويون.

"ڇو ڀلا؟"

هن ڪجهه به نه چيو ويتر ڀاڻ کي ويڙهوٽو ڪري پنهنجو منهن منهنجي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو ۽ سڏڪڻ لڳي.

"ڇو ريکا؟ هو ائين ڇو ڪندو آهي؟"

روئندي چوڻ لڳي: "جيڪڏهن هو ائين نه ڪري ته مون سان سمهي ئي نه سگهي."

مان سڪتي ۾ اچي ويس، پهرين سٽ ۾ ته مون کي يقين ئي نه آيو ته هوءَ ڇا چئي رهي آهي.

"يعني، يعني، ته......" مان پنهنجو شڪ دور ڪرڻ لاءِ هن کان ٻيهر پڇيو "هو توکي ڇهبڪ سان ماريندو آهي؟"

"ها!" هوءَ چوڻ لڳي، "ڪڏهن ڪڏهن ته ماري ماري منهنجي پٺي چلي ڇڏيندو آهي ۽ جيترو ماريندو آهي اوترو ئي هن ۾ جوش پيدا ٿيندو آهي."

هوءَ زور زور سان روئڻ لڳي.

"وڏو ڪو بي رحم انسان آهي." مون چيو.

هاڻي تون ڪيڏو بہ ڏور هلي وڃين ريڪا! هي لمحو تنهنجو بہ پيڇو ڪندو. منهنجو بہ پيڇو ڪندو رهندو ريڪا! ۽ دل ۾ ڪنهن گهنڊ جيان پيو وڄندو رهندو.

ايندڙ ادائي ڪلاڪن تائين اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪا بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪانہ ٿي. مان پنهنجا ڪپڙا اس ۾ سڪائيندو رهيس. هوءَ بہ پنهنجي ڪپڙن جي هڙَ کولي، ان مان بہ جوڙا جيڪي ان ۾ ٻڌل هئا، انهن جو اڳ پوءِ ورائي ورائي، سڪائي رهي هئي.

پوءِ هڪ ٿاريءَ جي پويان وڃي مون کي چوڻ لڳي:

”هيڏانهن نہ ڏسجانءِ مان ڪپڙا ٿي مٽايان.“

ٿوري دير ۾ هن پنهنجا ڪپڙا بدلائي ورتا. ڦاٽل چوليءَ جي جاءِ تي هن نئين قميص ۽ پَڙي جي جاءِ تي چوڙيدار پاجامو ۽ ان رئي جي جاءِ تي نئين چادر. پوءِ مون سان اکيون ملائي چوڻ لڳي:

”هل تہ هاڻي هلون، نہ تہ رستي ۾ ئي رات پئجي ويندي“

اسان ٻنهي پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو. اڳيان هلي اسان ڏوليا ڳوٺ ۾ اندر وڃڻ بجاءِ پاسو ڪري ۽ ٻئي پاسي کان گهمي اڳتي وڏي وياسين، چاڪاڻ تہ ريڪا چيو هو تہ رستي ۾ جيترا گهٽ ماڻهو ٽڪرائجن اوترو چڱو آهي، ۽ اسان جي توهہ اڳيان ويندڙ گهوڙي سوارن جي ڪري مون بہ ائين ئي مناسب سمجهيو.

اتان هڪڙو وارياسو علائقو پئي شروع ٿيو... ريتيلو ۽ غير آباد. هلندي هلندي ڏينهن جو ٽيون پهر بہ ختم ٿي ويو. سج اولهہ جي ڪک ۾ لهڻ لڳو.

هن وقت تائين رستي ۾ ڪٿي بہ پيئڻ جو پاڻي نہ مليو هو. سو جڏهن هڪڙو کوهہ نظر آيو تہ اسان ٻنهي جهٽ سک جو ساهہ کنيو. اڄ کان ٽڙيءَ ۾ ڪنڊا ٿي چڀيا. خوش قسمتيءَ سان کوهہ جي ڪنجڙاٽ ۾ ٻڌل ڏاند وهي رهيو هو. کوهہ جي پر ۾ ويهي اسان ساهہ پٽيوسين ۽ دل پري پاڻي پيتوسين.

ريڪا کوهہ هلائڻ واري ڇوڪري کان پڇيو:

”تو ڪي گهوڙي سوار هتان لنگهندي ڏٺا؟“

”ها ڪجهہ ڪلاڪ ٿيا، هتان لَنگهيا هئا.“

”ڇا پيا پڇن؟“

ڇوڪرو پهرين تہ، خاموش رهيو. غور سان اسان ٻنهي کي ڏسڻ لڳو پوءِ چوڻ لڳو:

”شايد توهان ٻنهي جي لاءِ پئي پڇيائون، چون پيا تہ ڪو نوجوان مرد ۽

ڇوڪري تہ هتان نہ لنگهيا؟ مون تہ نهڪر ڪئي ڇو جو توهان تہ هاڻي آيا آهيو.“

ريکا مون ڏانهن، مون ريکا ڏانهن غور سان نهاريو ڄڻ ٻنهي جي دل ۾ هڪڙو ئي خيال آيو هجي. پوءِ ريکا چوڻ لڳي:

”ڏس جيڪڏهن اهي ٻيهر تو وٽ مونٽي اچن تہ انهن کي اسان جي باري ۾ ڪجهہ بہ نہ ٻڌائجانءِ.“

مون چوڪري کي هڪ رپيو ڏنو چوڻ لڳو:

”ٺيڪ آهي نہ ٻڌائيندس.“

هلندي هلندي اسان ڏاڍو ٿڪجي پيا هئاسين. انڪري کوهہ جي پاسي ۾ وڻن جي ڇانءِ ۾ ڪي گهڙيون آرام ڪرڻ ضروري ڄاتوسين. مان تہ ڇيلهہ سڌي ڪري زمين تي ئي سمهي پيس. هوءَ بہ منهنجي پر ۾ ٻئي پاسي منهن ڪري سمهي پئي.

مان هن جي مڙس جي باري ۾ سوچڻ لڳس. انهيءَ نفسياتي حالت جي باري ۾ تہ اڪثر مون ڪتابن ۾ پڙهيو هو جنهن کي انگريزيءَ ۾ Masochism چوندا آهن. هن نفسياتي بيماريءَ سبب ماڻهو جسماني غلط ڪاريءَ مان لطف اندوز ٿيندو آهي، ۽ جسماني يا جذباتي اذيت مان مزو وٺي جنسي بيداري پيدا ڪندو آهي ۽ هن حالت جي باري ۾ اهو بہ ٻڌو هو تہ ڪنهن ٻئي کي تڪليف ۽ اذيت ڏئي بہ ماڻهو پنهنجا جذبا اپاريندا آهن. هي بہ Sadism يعني ٻين کي جسماني يا ذهني اذيت ڏئي جنسي تسڪين ماڻڻ جو قسم آهي ۽ جنسي بچڙائيءَ جو انتهائي مثال آهي، پر پڙهڻ، لکڻ يا ڏسڻ ۾ وڏو فرق آهي. ريکا جي پُٺي تي نيرا نيرا نشان الائي ڪيتري دير تائين منهنجي پُٺيءَ تي ڇهبڪن جيان وسي رهيا هيا. گهبرائجي مون اکيون ٻوٽي ڇڏيون.

”ڇا ٿيو؟“

ريکا منهنجي شڪل ۾ غور سان ڏسندي چيو.

”ڪيئن تون هن وقت تائين برداشت ڪندي رهي آهين؟“

”تہ ٻيو ڇا ڪريان ها؟“ هوءَ ڪاوڙجي چوڻ لڳي.

”هن کي گولي هڻي ماري ڇڏين ها!“

”اهو ڇو ٿو وسارين تہ مون کي هن مان هڪ ٻار بہ آهي. مان پنهنجي ٻار جي پيءُ جي قاتل ڪيئن ٿي ٿي سگهان!“

”اها هڪ غير انساني حرڪت آهي، توکي هڪدم هن کان جدا ٿي وڃڻ

ڪپي.“
”الڳ ٿي ڪٿي وڃان؟“
”ڇا تنهنجي ماءُ کي معلوم آهي؟“
”نہ، مون ان کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو آهي، توکي بہ نہ ٻڌايان ها! جيڪڏهن... جيڪڏهن...“ هوءَ چپ ٿي وئي.
”ڇا پهرين ڏينهن کان ئي ائين ٿيو هو؟“
”ها! پهرين ڏينهن کان ئي.“ چوڻ لڳي، ”مان سمجهندي هئس تہ شايد سيئي مرد ائين ڪندا هوندا! آهستي آهستي جڏهن جيرآباد جي ٻين ساهيڙين سان ڳالهيون ٻولهيون ٿيون تڏهن مون کي معلوم ٿيو تہ مان ئي ان معاملي ۾ بدقسمت آهيان، ورنہ ٻين ڇوڪرين جا مڙس تہ انهن کي پيار ڪندا هئا.“
ڏک کان هن جو آواز ڀرجي ويو ۽ هوءَ چپ ٿي وئي.
وري چوڻ لڳي:
”پهرين تہ مون کي سڄي دنيا جي مردن سان نفرت ٿي وئي هئي، پوءِ جڏهن مون پنهنجي ٻين ساهيڙين کي پنهنجي بدقسمتيءَ جي باري ۾ ٻڌائڻ ڪانسواءِ ئي احتياط سان پڇا ڳاڇا ڪئي تہ معلوم ٿيو تہ سيئي مرد اهڙا نہ ٿيندا آهن، بس ڪو ڪو اهڙو ٿيندو آهي.“
مون چيو: ”اهڙي ماڻهوءَ کي ڇڏي ڏجانءِ. اهڙي مرد کي ڇڏي ڏيڻ دنيا ڌرم توڙي قانون جي نظرن ۾ بہ گناهہ نہ آهي. توکي اهڙي انسان سان هڪڙو پل بہ گڏ رهڻ نہ گهرجي. هي گل جهڙو بدن، گل جيان ٽڙڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي، ڇهبڪ کائڻ لاءِ نہ!“
هوءَ آهستگيءَ سان چوڻ لڳي:
”ڪهڙي خبر تون بہ اهڙو ئي نڪرين!“
مان ڇرڪي ويس. هن جو جملو انتهائي گهَرو هو عورت جي دل جيان اٿاهہ گهَرو ۽ هزارين تهن ۾ لڪل. ’نہ ڄاڻ تون ڇا ڇئي وئينءَ ريڪا ان جملي جون تہ الائي ڪيترين ئي معنائون آهن، الائي ڪيترا ئي رنگ آهن. منهنجي اڳيان اندلٺ جي رنگن جيان ڪلندا ٿا وڃن.‘ مون شرير نگاهن سان هن ڏانهن تڪڻ شروع ڪيو:
”ڇا سچ پچ مون کي بہ تون ائين ٿي سمجهين؟“
هن جو هٿ آهستي آهستي منهنجي هٿ ڏانهن سرڪي آيو منهنجي هٿن جون آڱريون هن جي هٿن جي آڱرين سان کيڏڻ لڳيون. ڏاڍو منڙو ۽ من موهڻو

لمحو هو اهو. مان هن جي هٿ جي ريکائن کي ڳولهڻ لڳس ته شايد انهن ۾ ڪٿي منهنجي جيون ريکا هجي.

مان آهستي آهستي هن جي ويجهو وڃڻ لڳس.

هن هڪدم پنهنجو هٿ منهنجي هٿ مان ڇڏائي ورتو. ڏکويل لهجي ۾ چوڻ لڳي:

”مون کي ٽِڪو نه لائجانءِ! بابو.“

مان پنهنجي جاءِ تي ڄمي ويس.

اهو لمحو هڪ سڏڪو بڻجي فضا ۾ ڦهلجي ويو.

❋

**پوپاڙيءَ** جا پاڇا ڊگها ٿيندا پئي ويا ۽ اسان تڪڙا تڪڙا قدم کڻي شهپارا طرف وڃي رهيا هئاسين.

اوچتو اسان سامهون دز اڏامندي ڏٺي، گمان ائين ٿيو ڄڻ ڪو ريڊار پنهنجو ڌڻ ڪاهيندو پئي آيو يا ڪي ماڻهو گهوڙن تي سوار هيڏانهن اچي رهيا هئا. اسان هڪدم وڻن جي آڙ ۾ لڪي پياسين. ٿوري دير ۾ ٽي به گهوڙي سوار اسان جي پرسان گذريا.

مون ۽ ريکا انهن ٽنهي کي سڃاتو.اِها اهي ئي راهڪ هئا. راوت جا ماڻهو جيڪي شايد اسان جو ڏس پتو نه ملڻ سبب مايوس ٿي واپس وڃي رهيا هئا.

جڏهن هو گهڻو پري نڪري ويا ته اسان ٽنهي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو.

پوءِ ريکا اطمينان وارو ساهه کڻي چوڻ لڳي:

”چڱو ٿيو اهي واپس موٽي ويا. هاڻي شهپارا ۾ اسان جي لاءِ ڪو خطرو نه آهي.“

هاڻي ڪٿي ڪٿي روشنيون نظر اچڻ لڳيون. شهپارا جو ڳوٺ ويجهو اچي رهيو هو.

❋

**شهپارا** تائين پهچندي پهچندي ريکا ڏاڍو ٿڪجي پئي هئي. چوڻ لڳي:

”اڄ رات هتي، شهپارا ڳوٺ جي سراءِ ۾ آرام ڪنداسين. صبح جو پر اٿ ڪري جيرآباد هلنداسين.

جيرآباد تائين ڇا ائن جو رستو آهي؟“

”ها!“ ريکا چيو ”مان تہ سدائين ائن تي چڙهي ويندي آهيان. اهو رستو هتان کان ويجهو آهي.“

پر منهنجو خيال هو تہ ممڪن آهي شهپارا جنڪشن کان جيرآباد تائين گاڏي ويندي هجي. ريکا کي سراءِ ۾ ويهاري، مان اسٽيشن تي ويس. معلوم ٿيو تہ ڪلاڪ کن ۾ ڇوٽي لائين تي هڪڙي گاڏي ايندي، جيڪا سياٽي صبح جو جيرآباد جي اسٽيشن تائين پهچي ويندي.

رستو تہ ريل گاڏيءَ جي لحاظ کان ڏگهو ڪونہ هو پر ڇوٽي لائين واري گاڏي، ائن جي رفتار کان بہ آهستي هلندي آهي. پوءِ بہ مون شهپارا کان جيرآباد تائين واري بيابان کي ائن تي پار ڪرڻ کان ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪرڻ بهتر سمجهيو. ان ڪري جيرآباد جون بہ ٽڪيٽون وٺي واپس سراءِ هليو آيس.

ٿڪ سبب ريکا کي ننڊ اچي وئي هئي. مون هن کي آهستگيءَ سان جاڳايو سراءِ جي تنور تي مانيون پچائڻ واري نانوائيءَ کان ڪاڏو تيار ڪرائي ڪاڏوسين ۽ گاڏيءَ ۾ صرف ڏهہ منٽ بچيا هئا جو اسان اچي گاڏيءَ تي چڙهياسين.

ريکا تہ ننڊ جي خمارن ۾ هئي، سراءِ کان اسٽيشن تائين جو سمورو رستو منهنجو هٿ پڪڙي هلي رهي هئي. هن کي تہ شايد اهو بہ پوريءَ ريت معلوم ڪونہ ٿيو تہ هوءَ ڪيڏيءَ مهل ريلوي اسٽيشن تي پهتي.

هوءَ ڇوٽي لائين جي ريل ۾ ويٺي. ڪڏهن گاڏي هلي! هوءَ تہ بس، فرسٽ ڪلاس جي ڏبي ۾ ايندي ئي برٿ تي پير پساري سمهي پئي!

هي ڇهن برٿن وارو ڏبو هو تي هيٺ تي مٿي. چار ماڻهو اسان کان اڳ ۾ ئي هن ڏبي ۾ موجود هئا. هڪ برٿ تي تہ بہ بيءَ برٿ تي.

هڪڙي برٿ تي بہ هيپي ويٺا هئا. هڪڙو انهن مان تڪڙو توانو هو پر بيو ڪمزور ۽ نازڪ بدن وارو. هن جا وار گهاٽا وڏيل هئا. جنهن مان هن عورتن وانگر چوٽو ڪري ڇڏيو هو. ممڪن هو تہ مان ڪيس عورت سمجهان هان، جيڪڏهن هن جي منهن تي سنهڙي ڏاڙهي نہ هجي ها. شڪل ٿوري ڏکي هئس، پلڪون گهاٽيون هئس، هٿن جون آڱريون بہ ڏگهيون هئس ۽ آواز بہ سنهڙو هئس. مون کي ڪجهہ ائين لڳو ڄڻ قدرت هن کي عورت بنائيندي اڌ ۾ ڇڏي ڏنو هجي.

ٻئي هيپيءَ جي ويڪري شڪل تي گول گهاٽي ۽ ڀوري رنگ جي ڏاڙهي هئي ۽ هو ٻين هپين جي مقابلي ۾ گهڻو هٽو ڪٽو هو. هن کي ڀوري سائي ۽ پيلي ڏارين واري لنگي پاتل هئي ۽ هڪ گيڙو رنگ جو ميرو ڪرتو جنهن جي سيني وارا ٽئي بٽڻ کليل هئا. جنهن مان سندس ويڪري سيني جا ڀورا وار نظر اچي

رهيا هئا. هو وڏي چوڄ وچان پنهنجي سنهڙي ساٿيءَ سان ڳالهائي رهيو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ٻانهن هن جي چيلهه ۾ ورائي ٿي ورتائين.

سنهڙي هپيءَ هڪڙو رومال کوليو جنهن مان ڊبل روٽي ڪڍي ان جا حصا ڪرڻ لڳو ۽ چاقوءَ سان ٽماٽن ۽ کيري جا ڳترا ڳترا ٿاهي، ڊبل روٽيءَ تي مکڻ لڳائي، انهن کي سينڊوچ ٺاهي، ان دنبي هپيءَ کي ڏيڻ لڳو. ٻئي هپي آهستي آهستي ڳالهيون به ڪري رهيا هئا ته سينڊوچ به کائي رهيا هئا.

ٻيءَ برٿ تي هڪ اڌڙوٽ عمر جو شخص ويٺو هو جيڪو ڳچيءَ ۾ پاندان لڙڪايو کاڌيءَ جو ڪرتو پاجامو پايو هندي زبان جي ڪا اخبار پڙهڻ ۾ مشغول هو. ڪڏهن ڪڏهن دري کولي وات ۾ گڏ ٿيل پان جي ٿڪ اڇلائي ٿي ڇڏيائين.

ان جي سامهون واري برٿ جي ٻئي ڇيڙي تي شيرواڻي ۽ علڳڙهه جو پاجامو پاتل، ڏاڙهي مڇ چٽ، ڏياوان اکين وارو شخص نيرن ڪري رهيو هو. ورق وارا اڦراٺا، شامي ڪباب، ٻگل قيمو مٽرن ۽ گوگڙن جو آچار کائڻ کانپوءِ هن چانديءَ جي هڪڙي دٻي ڪڍي، جنهن مان اعليٰ نسل جي مگهئي پان جي هڪ جوڙي ڪڍي وات ۾ وڌي. ٿوري دير کانپوءِ برٿ جي هيٺان رکيل نقش نگار وارو ٿوڪدان ڪنيو ۽ وڏي نفاست سان ان کي ٿڪ اڇلڻ لاءِ استعمال ڪيو. پوءِ اهو فرش تي رکي، شيرواڻيءَ جي کيسي مان هڪڙو رومال ڪڍيائين، جنهن سان واڇون اگهيائين، پوءِ برٿ تان هڪڙو رسالو کڻي پڙهڻ ۾ مصروف ٿي ويو.

ٻئي هپي ڪنهن غير ملڪي زبان ۾ ڳالهائي رهيا هئا. مون دنبي هپيءَ کان پڇيو:

”اوهان ڪهڙي ملڪ کان آيا آهيو؟“

هن نهايت شائستگيءَ سان چيو:

”آسٽريا کان.“

مون پڇيو: ”ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟“

چوڻ لڳو: ”ڪلو آپور جو پراڻو قلعو ڏسڻ.“

مون سنهڙي هپيءَ طرف اشارو ڪندي پڇيو: ”هي اوهان جو دوست آهي.“

اهو دنبو هپي کلي ويٺو چوڻ لڳو: ”هيءَ منهنجي زال آهي.“

”زال!“ مان حيرت وچان ڏانهنس ڏسڻ لڳس، ”هي ته مرد آهي!“

”ها مرد ئي ته آهي، پر اڄڪلهه جي ترقي يافته ملڪن ۾ ٻه مرد به شادي ڪري سگهن ٿا.“

مون کي ان وقت آمريڪي اخبارن ۾ شايع ٿيل اهڙا ڪجهه مثال ياد اچي

ويا. اخبارن ۾ اهڙن جوڙن جون تصويرون بہ ڇپيون هيون. مان خاموش ٿي ويس. اڄ ڪلهہ يورپ ۽ آمريڪا ۾ "لوطي ذوق" رڪندڙهم جنس پرستيءَ جو رجحان وڌندو ٿو وڃي، پر ڇا ڇئجي! مشرق ۾ تہ اها وبا ڏاڍي آڳاٽي آهي.

مون ٿوري دير کان پوءِ پڇيو:"ڇا اوهان شادي ڪان اڳ ۾ ئي طئي ڪري ڇڏيندا آهيو تہ ڪير مرد ٿيندو ڪير زال بڻبو ڇاڪاڻ تہ توهان تہ ٻئي مرد آهيو."

چوڻ لڳو:"عام طور تي مان ئي هن جو مڙس هوندو آهيان ۽ هي زال، پر ڪڏهن ڪڏهن هي مڙس هوندو آهي ۽ مان هن جي زال، ظاهر آهي اها تہ گڏيل رضامندي جي ڳالهہ آهي."

مون چيو:"پر اوهان ٻئي جوان آهيو ڏسڻ ۾ بہ نيڪ ناڪ آهيو گهر ڪان دنيا جو سئر ڪرڻ نڪتا آهيو ضرور چڱي مالدار خاندان جا فرد بہ هوندؤ مان سمجهان ٿو تہ توهان ٻئي ڏاڍي آسانيءَ سان ڪن بہ ٻن عورتن سان شادي ڪري ٿي سگهيا."

هن منهنجي ڳالهہ وچ ۾ ڪاٽيندي چيو:"عورت ۽ مرد جي شاديءَ جي رسم هاڻي پراڻي ٿي چڪي آهي، هاڻي ان ۾ ڪو بہ مزو نہ رهيو آهي، پر ٻن مردن جي شاديءَ جو خيال دل ۾ ڪتڪائي پيدا ڪندڙ آهي، ان جومزو ئي پنهنجو آهي، لڳي ٿو جڻ اسان زندگيءَ جي نت نون تجربن جي وادين ۾ داخل ٿي رهيا آهيون، اصل ۾ اسان جو نسل نت نوان تجربا ڪرڻ ٿو چاهي."

"پر اخلاق؟"

"اسان جي اخلاق جا ماٽا ۽ ماپا ٻيا آهن. اسان پراڻي يورپ جي سماج جا سمورا ٻنڌڻ ٽوڙي ڇڏيا آهن، نہ تہ اسان پنهنجي گهرن ڪان سوين ڪوهہ پري ههڙين ڪنارا گاڏين ۾ پلا ڇو وينا هجون ها!"

مون چيو: "اسان جي سماج جا ماٽا ۽ ماپا اوهان ٽوڙي سگهو ٿا، پر فطرت جي قانون کي ٽوڙڻ ناممڪن آهي. ان شاديءَ مان ٻار پيدا نہ ٿا ٿي سگهن، گهر نہ ٿو ٺهي سگهي، خاندان جو بنياد ن ٿو پئجي سگهي!"

"گهر ڪير ٿو ناهڻ چاهي!" اهو نازڪ بدن هيپي چوڻ لڳو"ٻار ڪنهن کي گهرجن؟ هن جهان ۾اڳ ئي انساني آبادي وڌي وئي آهي. دوزخ ۾ پوي خاندان، اسان کي اسان جي جنسي آزادي گهرجي."

دنبو هيپي چوڻ لڳو:"گهرجي چوديواري ماڻهوءَ کي معذور ڪري ڇڏيندي آهي، هو هڪ زنجير سان ٻڌجي ويندو آهي، هڪ اهڙي ڏوريءَ سان جيڪا نظر نہ

ايندي آهي، گهر جي چوديواريءَ ۾ رهڻ وارو شخص، جيل جي چئن ديوارن اندر رهڻ واري کان ڪنهن بہ حالت ۾ بهتر نہ هوندو آهي، اجا بہ خراب حالت ۾ هوندو آهي. فرق رڳو ايترو هوندو آهي تہ هو پنهنجي پيرن ۾ پيل پير ڪڙين کي ڏسي نہ سگهندو آهي، سوچيندو آهي تہ هو آزاد آهي، حالانڪ هن جي پيرن ۾ هڪ مضبوط رسي ٻڌل آهي، جيڪا ڪيس گهر کان بازار، دفتر، ڪارخاني يا ٻنيءَ ڏانهن گهلي ويندي آهي ۽ شام ٿيندي ئي گهر ڏانهن ڇڪي ايندي آهي. اهو ماڻهو ماڻهو ڪٿي رهيو! اهو تہ هڪ وهٽ ٿيو هڪ مزدوريءَ ۾ ڪم ايندڙ جانور. اسان وهٽ ٿيڻ نہ ٿا چاهيون، اسان گهر ٺاهڻ نہ ٿا چاهيون! اسان ان نظر نہ ايندڙ رسيءَ کي ڇني ڇڏيو آهي، اسان زال مڙس جي زنجيرن کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. اڄ مان هن جو مڙس آهيان ۽ هيءَ منهنجي زال آهي تہ سڀاڻي هي منهنجو مڙس هوندو ۽ مان هن جي زال هوندس. اڄ اسان هتي آهيون تہ سڀاڻي ڪٿي. ٻئي هنڌ. اسان ڪنهن گهر جي آڳر ۾، ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾، ڪنهن نديءَ جي ڪناري سمهي پوندا آهيون ۽ ٻئي ڏينهن وري اڳتي هلڻ لڳندا آهيون. اسان گهٽين، سڙڪن، عمارتن، لفٽن ۽ دروازن وارن گهرن جي گهٽيل ماحول کان مڪتي حاصل ڪئي آهي ۽ رڃ يا چيتي جهڙي آزادي حاصل ڪري ورتي آهي.“

مون چيو: ”رڃ جي بہ هڪ ڇُر هوندي آهي، اهو بہ سارو ڏينهن ڪم ڪندو آهي، سارو ڏينهن ڪاٺي جي ڳولها ڪندو آهي، ماڻهو بہ اهو ئي ڪم ڪندو آهي پر شايد ٿوري ڏکيائيءَ سان. شهر جي ٻوساٽيل زندگيءَ کان تہ مان بہ بيزار ٿي پيو آهيان، پر ڪم ڪرڻ کان ڪيٻائڻ نہ ٿو چاهيان. هر شخص کي صبح کان شام تائين ضرور ڪم ڪرڻ گهرجي.“

”ڇو؟“ ڪمزور هيپي ٿوري ڪاوڙ ڪندي چوڻ لڳو ”سيئي ڪم بيڪار ۽ فضول آهن، مون تہ ڏٺو آهي تہ هر ڪم ۾ ٻئي جو ئي فائدو ٿيندو آهي، ماڻهوءَ جو پنهنجو پلو تہ گهٽ ئي هوندو آهي. جيڪڏهن توهان ڏينهن ۾ ڏهہ ڪم ڪريو ٿا تہ توهان جي حصي ۾ هڪڙي ڪم جو فائدو ٿو اچي، اها نا انصافي آهي، ان بيهودي وياج خوريءَ مان اسان بيزار ٿي پيا آهيون، ان ڪري اسان ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي.“

”پوءِ روٽي پاڻي توهان کي ڪير ڏيندو آهي؟“

”اسان جا والدين اسان جي مدد ڪندا آهن، جيڪڏهن ڪنهن مهيني ماسي اسان کي اتان مدد نہ ملندي آهي تہ اسان پني پورٽ ڪري وٺندا آهيون، ڪڏهن ڪڏهن اسان ڪم بہ ڪري وٺندا آهيون پر انتهائي مجبوريءَ جي

حالت ۾."

"ٻين لفظن ۾ توهان ٻين جي محنت تي زنده رهڻ ٿا چاهيو!"

"اسان جي خواهشون تمام ٿوريون آهن. صرف هڪ يونٽ. باقي نَوَ يونٽ اوهان ڪٽي ونو پر اسان کي اڪيلو چڏي ڏيو ڇا اوهان اسان کي هڪ يونٽ به نه ڏئي سگهندا؟ اسان جون خواهشون تمام محدود آهن. اسان رڳو اهو ٿا چاهيون ته اسان کي اڪيلو ڇڏي ڏنو وڃي."

دنبي هپيءَ، ٻانهن وڌائي، ڪمزور هپيءَ جي چيلهه ۾ ڦيرائي ورتي. دنبي هپيءَ جي چولي جي هڪڙي ٻانهن ڦاٽل هئي، جنهن مان سندس پورن وارن واري مضبوط ٻانهن نظر اچي رهي هئي. ڪمزور هپي ان جي انهيءَ اگهاڙي جاءِ تي پنهنجي ڪاڏي رکي پنهنجي سنهڙي ڏاڙهي کنهڻ لڳو.

سامهون واري برٿ تي ليٽيل همراهه جيڪو هندي اخبار پڙهي رهيو هو اٿي ويٺو ۽ پير ۾ ويٺل شخص کان پڇڻ لڳو:

"جناب هيءَ غريبي آخر ڪڏهن ختم ٿيندي؟ هي غربت هٽايو نعرو ته بلڪل ئي فراڊ آهي."

شيرواڻي واري شخص چيو:"هڪ ٻن سالن ۾ ته هيءَ غربت ختم ڪانه ٿيندي جناب، آخر صدين کان هلندي پئي اچي، اها غربت به!"

هندي اخبار کي ويڙهي، پنهنجي آڱر ۾ پيل سوني منڊيءَ کي ڦيرائيندي هن جُلهه ڪندي چيو:"چو پلا! جيڪڏهن غربت هڪ ٻن سالن ۾ ختم ڪانه ٿي ٿي سگهي ته اندرا گانڌيءَ اهو نعرو ڇو هنيو هو؟"

شيرواڻيءَ واري چيو:"اهو نعرو نه آهي، هڪ نظريي جو اعلان آهي. مان اندرا گانڌيءَ جي هر ڳالهه سان سهمت نه آهيان، نه ئي انهن جي حمايت ٿو ڪريان پر ايترو ضرور ٿو سمجهان ته نعرو اندرا گانڌي نه هٽي ها ته ڪو ٻيو هٽي ها! پر جيڪڏهن سياڻي اندرا گانڌي حڪومتي گاديءَ تان لهي ٿي وڃي ته به اهو نعرو ڪنهن نه ڪنهن کي ته هٽڻو پوندو. ان ڪري ته اهو نعرو ان ڳالهه جي نشاندهي ٿو ڪري ته اسان جي ملڪ ۾ غربت ڪيتري قدر آهي، ان کي ختم ڪرڻ جي ضرورت آهي، غربت جي دائري کي سوڙهو ڪرڻو آهي ۽ اهو ڪم آهستي آهستي ئي ٿيڻو آهي. يورپ کي پنهنجي غربت جي خاتمي ۾ چار سو سال لڳا هئا. آمريڪا کي هڪ سو سال، سويت يونين پوران پنجاهه سال ورتا. جيئن ته هاڻي سائنس ترقي ڪري چڪي آهي، ان حوالي سان هندوستان جهڙي وڏي آباديءَ واري ملڪ کي گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه چاليهه سال ته لڳندا ئي، پوءِ به

جيڪڏهن سائنسي طريقن سان ڪم ڪيو وڃي، جيئن پنج سالہ منصوبابندي ڪبي آهي."

سوني منڊيءَ واري جُلهہَ ڪندي چيو:"ابا سمورا پنج سالہ منصوبا ناڪام ٿي چڪا آهن. پيداوار جي شرح ٽي فيصد يا چار فيصد ڪان بہ وڌي نہ سگهي آهي، ان شرح جي حوالي سان هر سال انساني آبادي وڌندي ٿي وڃي، نتيجو پُڙي.....ها جيڪڏهن شرح پيداوار ڇهن ڪان نوَ فيصد وڌي وڃي تہ....!"

مون چيو:"جپان ۾ شرح پيداوار ڏهہ فيصد آهي، ان ڪري وڌندڙ انساني آباديءَ جي باوجود اهو امير ملڪ بڻجي ويو آهي، اسان کي ان حساب سان ترقي ڪرڻي پوندي."

"اهي سڀئي، رڳو ڳالهيون آهن جناب. اسان ماٺو ڪم چور آهيون. ڪنهن کي بہ ديش جي ڳڻتي ڪانہ آهي، هر ڪنهن کي پنهنجي گهر ڀرڻ ڪان واندڪائي ملي تہ ڪوئي ديش جو ڀلو بہ سوچي نہ! بيڪاري، مهانگائي، اقرباپروري، رشوتخوري اسان جي سماج جي بنيادن کي ئي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي تہ هن ديش جو ڀڳوان ئي رکوالو آهي."

شيرواڻيءَ وارو شخص کلي چوڻ لڳو:"جناب! ائين سوچڻ سان تہ ڪجهہ بہ نہ ورندو! ايتري مايوسي بہ ٺيڪ نہ آهي، ها البت سندرو ٻڌي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. آخر پوين پنجويهن ورهين ۾ اسان ڪو هٿ تي هٿ رکي تہ نہ ويٺاهئاسين. اسان پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجو هڪ صنعتي بنياد وڌو آهي. فولاد، تيل، موٽر، پاڻ، ڪيميڪل، دوائون، بجلي، اليڪٽرانڪس ۽ مشينن ٺاهڻ جا ڪارخانا قائم ڪيا آهن. اهو تہ سوچيو تہ انگريز جي وقت ۾ هن ملڪ ۾ هڪڙي سئي بہ تيار ڪانہ ٿيندي هئي، هاڻي تہ هڪڙو تمام وڏو انڊسٽريل بيس تيار ٿي چڪو آهي، ان کي بہ ذهن ۾ رکو ۽ همٿ سان اڳتي وڌڻ جو سليقو پيدا ڪريو."

پر منڊيءَ واري شخص کي ڳالهہ ڪانہ وڻي، هو منهن ڇپو ڪندي منڊي گهمائيندو رهيو اوچتو چوڻ لڳو:"اوهان اهو ڪهڙو رسالو پيا پڙهو؟"

"هي اڙدو رسالو آهي."

"پر جناب اڙدو تہ پاڪستان جي زبان آهي، ان جو هن ديش سان ڪهڙو واسطو؟"

شيرواڻي واري جو چهرو ونَ ونَ ڪرڻ لڳو وات سان چاٻا ڏيندي هن چانديءَ جي دٻي کولي ان مان مگهئي پان ڪيدي وات ۾ وڌو ۽ وڏي وقار وچان چيو:"جناب

اعليٰ اڙدو تہ هن ديش ۾ پيدا ٿي، هتي وڏي ويجهي، هن جي تاريخ ٽي سو سال پراڻي آهي، جڏهن پاڪستان جو وجود ئي ڪونہ هو هن زبان وڏا وڏا شاعر ۽ نثرنگار پيدا ڪيا آهن. هيءَ زبان اسان جي سورنهن قومي زبانن مان هڪ ۽ انتهائي سٺي ۽ وڏي زبان آهي.“

”پر اوهان ڇا هن ڳالهہ کان انڪار ڪري سگهندؤ تہ پاڪستان ان کي قومي زبان جو درجو ڏئي ڇڏيو آهي ۽ پاڪستان ۾ تمام گهٽي حد تائين اها ٻولي ڳالهائي ٿي وڃي؟“

”پاڪستان ان کي قومي زبان قرار ڏنو آهي ان سان تہ اڙدوءَ جي طاقت ۽ خوبصورتيءَ جو ثبوت ملي ٿو. سري لنڪا جي هڪ حصي جي زبان تامل آهي تہ اها ڳالهہ تامل جي خلاف ڪٿين ٿي؟ هن دنيا ۾ ماڻهن، نسلن، قومن، قبيلن ۽ مذهبن جو اچڻ وڃڻ ٿيندو ٿو رهي، انهيءَ ڳالهہ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي! اسان کي تہ خوش ٿيڻ گهرجي تہ اسان جي ملڪ جي زبان پنهنجي ملڪ کان ٻاهر بہ ايتري قدر پسند ڪئي ٿي وڃي.“

”جناب اوهان بلڪل غلط ٿا چئو!“ سوني منديءَ وارو چوڻ لڳو”اها پاڪستان جي زبان آهي، مسلمانن جي زبان آهي، جڏهن پاڪستان وجود ۾ آيو تہ ان زبان کي بہ ديش مان هڪالي ڪيڻ گهرجي.“

شيرواڻيءَ واري ڪاوڙ مان پنهنجي شيرواڻيءَ جا ٽي بٽڻ کوليا. چانديءَ جي دٻيءَ کي بند ڪري کيسي ۾ رکيو ٿوڪدان کڻي ان ۾ ٿڪ اڇلائي. انهن سمورن ڪمن ۾ دير ٿي وڃڻ سبب هن جو غصو بہ ٿورو گهٽجي ويو. پر اهو تہ ظاهر هو تہ سامهون وارو شخص جهيڙي ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار هو. ساڳيءَ ريت شيرواڻيءَ واري بہ جواب ڏيڻ کان مڙڻ نہ ٿي چاهيو ۽ پنهنجي ڳالهہ تان ڦرڻ بہ ڪونہ ٿي چاهيو هن نهايت سنجيدگيءَ وچان کيس مخاطب ڪيو:

”جناب اعليٰ تازي مردم شماريءَ جي اعتبار سان هن ملڪ ۾ ڇهہ ڪروڙ مسلمان آهن، جن مان صرف اڍائي ڪروڙ ماڻهو اڙدو ڳالهائيندا آهن. ان ڪري اها سڀني مسلمانن جي زبان نہ آهي. تازي مردم شماري تحت اڙدو ڳالهائيندڙن جو تعداد ٽي ڪروڙ آهي، ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اڍائي ڪروڙ مسلمانن کان علاوه اڌ ڪروڙ جي ويجهو هندو سک ۽ عيسائي بہ اها زبان ڳالهائيندا آهن. ان لحاظ کان بہ هيءَ زبان صرف مسلمانن جي زبان قرار نہ ٿي ڏئي سگهجي، هن کي سڀني جي سفر جي ساٿي زبان سمجهڻ گهرجي. اصل حقيقت اها آهي تہ زبان جو ڪو بہ مذهب نہ ٿيندو آهي، هندي، گجراتي، تامل، اڙيا، آسامي، بنگالي انهن

سمورين زبانن جي ڳالهائڻ وارن ۾ هر فرقي ۽ هر مذهب وارا ماڻهو هوندا آهن. دنيا جي ڪنهن به زبان کي ڪنهن به هڪ مذهب سان وابستا نه ٿو ڪري سگهجي، ان ڪري هن زبان کي ديش نيڪالي نه ٿي ڏئي سگهجي. جيئن ته هيءَ زبان پاڪستان مان هتي نه آئي آهي پر پاڪستان وارن هن کي پاڻ هتان در آمد ڪيو آهي. هندوستان جا ٽي ڪروڙ ماڻهو هن کي پنهنجي مادر زبان سمجهندا آهن."

"انهن ٽن ڪروڙ ماڻهن ۾ جاهل ۽ اڻپڙهيل جو تعداد ڪيترو ٿيندو؟"

منڍيءَ واري ٽوڪ واري انداز ۾ مشڪندي چيو.

"جي! جي تمام گهٽي تعداد ۾ جاهل ۽ اڻپڙهيل هوندا پر انهن کي رڳو اڙدو تائين محدود ڇو سمجهون. هندوستان ۾ اڻپڙهيل ماڻهن يا گهٽ پڙهيل ماڻهن جو تعداد تمام گهڻو آهي، پر انهن کي صرف اڙدو واري حساب ۾ ئي ڇو ڳڻيون. ائين ته هر زبان ۾ اڻپڙهيل يا گهٽ پڙهيل لکيل ماڻهن جو تعداد به تمام گهڻو آهي ۽ جيڪڏهن ائين سوچجي ته پڙهيل لکيل ماڻهن جو عدد هر زبان ۾ هڪ جيترو ئي ملندو. يعني جيڪڏهن ٽي ڪروڙ اڙدو ڳالهائيندڙن ۾ رڳو ٽي لک پڙهيل لکيل هوندا ته ائين پندرهن ڪروڙ هندي ڳالهائيندڙن ۾ پندرهن يا ويهه لک اعليٰ تعليم يافته به هوندا. اهو ئي حال ٻين زبانن جو هوندو. ان لحاظ کان تعداد جي برابري ته اهائي نڪرندي ۽ اوهان جو دليل غلط ثابت ٿي ويندو."

"منهنجو دليل غلط نه آهي، ڇاڪاڻ ته هن زبان جو رسم الخط به امپورٽيڊ آهي، هن جو خط فارسي آهي، اوهان جيڪڏهن زبان بدلائي نه ٿا سگهو ته ان جو رسم الخط ته بدلائي ڇڏيو! هي ته غير هندوستاني رسم الخط آهي صاحب."

"بيشڪ اسان هن جو رسم الخط فارسيءَ جو ڪنيو آهي، پر اسان پنهنجي هندوستاني ضرورت آهر ان ۾ ڪيترين تبديلين به ڪيون آهن. ان ۾ ٻ، ڦ، ٿ، ٽ، جهه، ڊ، ڍ، ک، ۽ گهه جا مختلف آواز ۽ انهن سان مطابقت رکندڙ حرف ٺاهيا آهن، جيڪي فارسي زبان ۾ موجود نه آهن. ان ڪري هاڻي هن کي فارسي رسم الخط نه ٿو چئي سگهجي، هن کي اڙدوءَ جو رسم الخط سڏڻ گهرجي. هاڻي ڪشميري زبان جو رسم الخط به اهوئي آهي ۽ سنڌي زبان جو رسم الخط به ان جهڙو ئي آهي. ان کان علاوه اسان وٽ گرمکيءَ جو رسم الخط به آهي، جيڪو ديوناگريءَ کان گهڻو مختلف آهي، بنگاليءَ جو به ڪافي مختلف آهي، ڏکڻ هند جي زبانن جو رسم الخط آهي، يا تامل مليالمي، ڪنتري يا تيلگو زبان جو رسم الخط ديوناگريءَ کان مختلف آهي، ان ڪري مان رسم الخط جي تبديليءَ تي ضد

نہ ٿو ڪرڻ چاهيان، اهو تہ ملڪ جي ڪلچر ۽ مزاج جي رنگيني آهي، جتي گهڻيون قومون، گهڻا ئي نسل، ڪيتريون ئي زبانون، ڪيترائي مذهب ۽ تهذيبون آباد آهن اتي هڪ ڪان وڏيڪ رسم الخط بہ آهن ۽ مان تہ هاڻي انهن سيني کي هندوستاني رسم الخط چوندس.“

منڊيءَ وارو حضرت چوڻ لڳو: ”منهنجي خيال ۾ توهان مسلمان آهيو تڏهن تا اهڙيون ڳالهيون ڪريو.“

شيرواڻيءَ واري صاحب مرڪي منڊيءَ واري شخص ڏانهن نهاريو چوڻ لڳو: ”جناب منهنجو نالو شيام ڪشن نگم آهي ۽ خاڪسار دهليءَ جو رهواسي آهي.“ ٿوري وقفي کانپوءِ وري چوڻ لڳو ”اوهان جي تعريف؟“

منڊيءَ وارو صاحب ٿهڪ ڏئي کلي پيو ۽ دير تائين کلندو رهيو جنهن تي نگم صاحب ٿورو شڪجڻ لڳو:

”مون کوا اهڙو سوال تہ ڪونہ ڪيو جو اوهان کي ايتري قدر کل پئي اچي؟“

منڊيءَ واري صاحب وڏي مشڪل سان پنهنجي کل روڪي چيو: ”معاف ڪجو صاحب مون اوهان کي مسلمان سمجهيو هو ان ڪري اڙدوءَ جي مسئلي تي اوهان کي چيڙائڻ جي ڪوشش ڪري هن بي مزي سفر ۾ دلچسپي پيدا ڪرڻ پئي چاهي، پر اوهان جي سنجيدگيءَ ۽ بردباريءَ سان پيش ڪيل دليلن سبب منهنجي اسڪيم ناڪام ٿي وئي.“ ائين چئي هو وري کلڻ لڳو.

نگم صاحب چيو: ”پر اوهان تہ اجان تائين پنهنجو نالو ڪونہ ٻڌايو؟“

منڊيءَ وارو صاحب چوڻ لڳو: ”خاڪسار کي ضياءالدين برني چوندا آهن.“

هن جو نالو ٻڌي نگم صاحب برني صاحب گڏجي ٿهڪ ڏئي کلي ويٺا.

مان ويٺو تہ انهن کان پري هوس پر انهن جو بحث غور سان ٻڌي رهيو هوس، سو مان بہ کل روڪي نہ سگهيس.

نگم صاحب پنهنجي کيسي مان چانديءَ جي دٻي ڪڍي، کولي برني صاحب جي سامهون جهلي چيو:

”اچي پان وٺو.“

”شڪريہ“ چئي برني صاحب سموسي وانگر تہ ٿيل پان کڻي وات ۾ وڌو.

اوچتو گاڏي هڪڙي جهٽڪي سان بيهي رهي.

اسان سيئي ٻاهر ڏسڻ لڳاسين تہ ماجرا چاهي؟

پر ٻاهر ايتري تہ اونداهي ڇانئجي وئي هئي جو ڪجهہ بہ نظر ڪونہ ٿي آيو. چند منٽن کانپوءِ گولي ڇٽڻ جو آواز آيو پوءِ خاڪي لباس ۾ بہ ڏاڙيل رائيفلن

سميت اسان جي دٻي ۾ گهڙي آيا.

فائر جو آواز ٻڌي ريکا بہ ڇرڪ ڀري جاڳي پئي. ڏاڙيلن اندر اچي غور سان هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو.

هڪڙو ڏاڙيل پڇڻ لڳو: "ٺاڪر ڇرن سنگهہ جي زال ريکا ڪير آهي؟"

ريکا پنهنجو نالو ٻڌي هڪدم چيو: "مان آهيان."

"هيٺ لهي اچ!" ٻيو ڏاڙيل چوڻ لڳو.

ساري دٻي کي ماٺ ورڙهي وئي.

مون ڏاڙيلن کي چيو: "هوءَ جيرآباد پنهنجي ساهري گهر ڏانهن پئي وڃي هتي ڇو لهي؟"

"تون ڪير آهي؟"

مون چيو: "مان هن کي پهچائڻ لاءِ جيرا آباد پيو وڃان."

هڪڙي ڏاڙيل مون کي رائيفل جو ڌڪ هنيو.

سيني ساهہ سڪي ويو ڪنهن ڪونہ ٿي ڳالهايو.

سموري دٻي ۾ خاموش هئي

"لهي اچ هيٺ!" هڪڙي ڏاڙيل ريکا کي ٻانهن کان پڪڙي ٻرٽ تان لاهي ورتو.

ريکا جهٽڪو ڏئي کانئس ٻانهن ڇڏائيندي چيو: "ڇڏ مونکي، مان پاڻ ئي ٿي هلان."

اڳيان اڳيان ريکا هلڻ لڳي پويان پويان مان. اسان جي پويان اهي ٻئي ڏاڙيل بہ گاڏيءَ مان لهي آيا.

پوءِ اسان چارئي ريل جون پٽڙيون پار ڪري ٻنيءَ جي ويجهو گذرندڙ هڪ اونداهين پيچري تي پهتاسين ۽ ڏاڙيلن جي ٻڌايل رستي تي هلڻ لڳاسين. ٿوري دير ڪانپوءِ ريل جي هلڻ جو آواز بہ آيو هلندي هلندي هوءَ بہ اسان کان دور ٿي وئي. جنهن ڪانپوءِ چپ چاپ ٿي وئي.

*

**اونداهي** ايتري هئي جو هٿ نہ ڏسي هٿ کي. اسان بہ چپ چاپ هلندا پئي رهياسين. آهستي آهستي ميداني رستو ختم ٿيڻ لڳو ۽ ننڍيون ننڍيون ننڍيون ڏيون ۽ انهن جي پويان ننڍيون ننڍيون ٽڪريون نظر اچڻ لڳيون. جن جون چنهنبياريون چوٽيون، ڪنهن آريءَ جي ڏندن جيان افق جي سيني ۾ ڪپيل هيون ۽ ڪٿي

ڪٿي ڪنهن وڻ جو خاڪو ڪنهن خاموشي ۾ با ادب چوڪيدار جيان بيٺل نظر پئي آيو. رستو سوڙهن پيچرن جي شڪل ۾ هو ڪڏهن واديءَ جي دڙن، ڪڏهن پهاڙن، ڪڏهن ڪنڊن وارن ٻوٽن جي وچ مان نانگ جيان ور وڪڙ.

هلندي هلندي مون ريڪا جي هٿ کي جهليو هن جو بدن ڏڪي رهيو هو آهستي آهستي هن جي ڏڪڻي بند ٿي وئي ۽ منهنجي هٿ جي گرميءَ سبب هن جو هٿ به نرم ملائم ٿيندو ويو تان جو ڪنهن جذبي تحت بلڪل ميڻ جيان پگهرجي ويو. مون کي ائين لڳو چڻ هن جي ۽ منهنجي هٿ ۾ صديون پراڻي جذبي جو سنگم هجي، جيڪو هر دور ۾ نئون تازو ٿي ويندو آهي.

ٻه ڏاڙيل اٽڪل ويهن قدمن تي اسان جي اڳيان پئي هليا ۽ ٻه ڏاڙيل اسان جي پويان اٽڪل پنجاهه والن تي هئا. اڳيان ۽ پويان، اونداهيءَ سبب ٻنهي پاسن کان، اهي ٻئي ڪنهن ڊيڄاريندڙ پاڇولن جيان نظر اچي رهيا هئا.

هلندي هلندي مون ريڪا جي ڪن ۾ سسپس ڪندي چيو: "اڳيان هلي جتي مان مناسب سمجهندس، تنهنجي هٿ کي زور سان دٻائيندس، تون هڪدم مون سان هلي پئجانءِ."

ريڪا ٻه هلڪي آواز ۾ چيو: "هي اسان جي اڳيان پويان ٻنهي پاسن کان پيا اچن."

مون چيو: "هي ڏاڙيل اڳيان پويان ضرور آهن، ساڄي کاٻي نه آهن ۽ رستو ٻه جابلو ٿيندو پيو وڃي، ان ڪري ڪنهن موڙ وٽ اهي اسان کي ڏسي نه سگهندا، بس اهو ئي موقعو آهي."

ريڪا خاموش ٿي وئي. اسان ٻئي چپ چاپ هلندا رهياسين. اٽڪل اڌ ڪلاڪ کانپوءِ باقاعدي جابلو رستو شروع ٿي ويو ۽ جهنگل گهاٽو ٿيندو ويو. منهنجون اکيون آهستي آهستي اونداهيءَ جون عادي ٿي ويون هيون ۽ مان هر لمحي، موقعي جي تلاش ۾ هوس. پر پهاڙي رستو شروع ٿيندي ئي چئني ڏاڙيلن پنهنجو مفاصلو وڌائي ڇڏيو ۽ نظرون ٻه اسان ۾ ئي کپائي هلڻ لڳا، ڪجهه ته شايد اسان جي هن رستي کان اڻواقفيت جي ڪري اسان کان پري پري ٿي هليا يا شايد اهي پاڻ ان علائقي کي پنهنجو علائقو سمجهي وڏي اعتماد سان پئي هليا.

آخرڪار انهن جي اهائي ضرورت کان وڌيڪ خود اعتمادي اسان جي ڪم اچي وئي. اسان جي اڳيان هڪ اهڙو موڙ آيو جو اڳيان پويان وارا چارئي ڏاڙيل نظر ڪونه ٿي آيا، پر اهو صرف چند گهڙين لاءِ هو ۽ انهن چند گهڙين ۾ ئي مون کي فيصلو ڪرڻو هو. موڙ کانپوءِ مٿانهين هئي ۽ ان کي هڪدم طئي ڪري نه

پيو سگهجي، هيٺ وري بلڪل لاهي هئي، ممڪن آهي ڪا اونهي ڪڏ هجي! ڪيتري اونهي، ان جو اندازو رات جي ان اونداهيءَ ۾ ڪرڻ مشڪل هو. مون هڪدم ريڪا جو هٿ دٻايو. ريڪا هڪدم چوڪس ٿي وئي. اسان ٻئي ساڄي پاسي واري ڪنڌ کان هيٺ ڪڏ ۾ ٽپي پياسين.

پهرين چند لمحن ۾ ته اسان ائين سمجهيو ڄڻ اسان هوا ۾ لٽڪي پيا آهيون. پر پوءِ خوش قسمتيءَ سان ٻئي زمين تي وڇايل هڪ نرم ۽ گهاٽي ول تي وڃي ڪرياسين. هڪڙو سيهڙ جيڪو اتي لڪل هو سو گهٻرائجي جهنگل جي پاسي هليو ويو.

اسان جي پويان پويان آواز اچڻ لڳا. گوڙ وڌندو ويو. اسان ان گوڙ کان پري تيڻ ٿئي چاهيوسين، ان ڪري لڱيگ ڊوڙندا تي وياسين. پوءِ پويان روشني نظر اچڻ لڳي، جا وڻن ۽ انهن جي پنن تي پوڻ لڳي.

ايتري ۾ شايد ڌاڙيلن کي خبر پئجي وئي هئي ته اسان موڙجي متين حصي تان نه ڀڳا آهيون پر هيٺ لاهيءَ ۾ ٽپي ويا آهيون. هنن به اسان کي ڳولهڻ جو اهو ئي رستو اختيار ڪيو پر پوءِ به هنن ۽ اسان جي وچ ۾ هڪ ڏيڍ منٽ جيترو مفاصلو ته هيو ئي.

پوءِ به مون اندازو لڳايو ته اسان جي لاءِ هي جهنگ نئون آهي ۽ هنن لاءِ سالن کان ڏٺل. هو جلد ئي اسان کي جهلي وٺندا. ڇا ڪرڻ گهرجي؟ دماغ ڏاڍو تيزيءَ سان ڪم ڪرڻ لڳو. اڳيان پويان ڏسي آخرڪار مون وڻن جي جهڳٽي کي ڏسي ورتو ته مون ريڪا کي چيو:

"تون وڻ تي چڙهي سگهين ٿي؟"

ريڪا آهستگيءَ سان چيو:"ها!"

"ته هن وڻ تي چڙهي وڃ."

مون هڪ گهاٽي وڻ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

هوءَ ڪنهن ٻليءَ وانگر وڻ تي چڙهي وئي ۽ مٿي گهاٽين شاخن ۾ گم ٿي وئي.

مان به اُن وڻ تي چڙهڻ لڳس. ٻانهون به ڇلجي ويون ته ٽنگون به ڇاڪاڻ ته مان وڻن تي چڙهڻ جو عادي ڪونه هوس. پوءِ به ڪوشش ڪري وڻ تي چڙهي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس ۽ ريڪا جي ويجهو هڪ ٽاريءَ تي وڃي ويٺس. دل ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي ۽ ساهه به چڙهي ويو هو.

بس ائين سمجهو ته مشڪل سان اڌ ڪلاڪ مس گذريو هوندو جو ڌاڙيل

وٽن جي انهيءَ جهڳٽي جي آسپاس روشني ڪندي گذري ويا. پر وٽن جو اهو جهڳٽو ايترو تہ گهاٽو ۽ پنن سان جهنجهيل هو جو انهن جي روشني اسان تي پئجي نہ سگهي. ٿوري دير هو هيڏانهن هوڏانهن نهاريندا رهيا پوءِ اڳتي وڌي ويا. چند گهڙين ڪان پوءِ جهنگل ۾ سناٽو ڇانئجي ويو ۽ هنن جي روشنيءَ ڪانپوءِ تہ جڻ تاريڪي وڌيڪ گهري ٿي وئي.

"بچي وياسين." ريڪا اطمينان جو ساهہ کنيو.

"بچي تہ وياسين، پر هن انڌيري ۾ ويندا سين ڪيڏانهن؟ رستو تہ معلوم ئي نہ آهي!"

ريڪا چوڻ لڳي: "جنهن رستي سان آيا هئاسين، ان ئي رستي سان واپس هلنداسين."

مون چيو: "ڊاڙيل ايترا ڇريا نہ آهن! انهن هڪڙي ساٿيءَ کي ضرور پويان موڪليو هوندو."

ريڪا چيو: "تہ رات هن وڻ تي ئي ٿا گذاري وٺون، صبح ٿيندي ئي هيٺ رستو ڳولهي وٺنداسين."

مون چيو: "صبح جو اسان کي ڳولهڻ جي هنن کي بہ آساني ٿيندي."

ريڪا خاموش ٿي وئي، ٿوري وقفي ڪانپوءِ چوڻ لڳي: "تہ تون ڇا ٿو چاهين؟"

اسان ٻئي وڻ تي ويٺي آهستي آهستي گفتگو ڪري رهيا هئاسين. هن جو سوال ٻڌي مان سوچي چوڻ لڳس: "هاڻي تہ مان اهو سوچي رهيو آهيان تہ هنن ڊاڙيلن کي ڪيئن خبر پئي تہ اسان ٻئي هن گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيا آهيون؟ هنن کي ٻڌائڻ وارو ڪير ٿو ٿي سگهي؟"

ريڪا چيو: "هجي نہ هجي، اها سڄي ڪارستاني انهن ٻنهي راهڪن جي آهي. ممڪن آهي انهن جو ڪو جاسوس شهپارا واري سراءِ ۾ موجود هجي، جنهن اسان کي ڏسي ورتو هجي ۽ اسان جو پيڇو ڪيو هجي ۽ ممڪن آهي تہ ڊاڙيلن کي بہ ان ئي ٻڌايو هجي، نہ تہ ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو؟"

"پر هن ائين ڇو ڪيو؟"

"ٿي سگهي ٿو راوت آزاد ٿي ويو هجي، ٿي سگهي ٿو راوت جي چوڻ تي ائين ٿيو هجي! يا ٿي سگهي ٿو راوت اڃا قيد هجي پر هن جي نظربندي انهن کي بري لڳي هجي ۽ انهن انتقام وٺڻ لاءِ ائين ڪيو هجي!"

مان سوچيندو رهيس. ريڪا جي دليل ۾ وزن هو. ان ڪانسواءِ مونکي ٻيو ڪو معقول سبب نظر ڪونہ آيو پر جيئن بہ هجي معاملو انتهائي پيچيدو هو. پويان

سرپڻي جي واديءَ ۾ ڇا ٿي رهيو هو؟ منهنجي دل ۾ عجيب وسوسا پيدا ٿي رهيا هئا. اسان کي ايترو جلدي اتان نڪرڻ نه کپي ها! لڳو پئي ته سروجا ديوي خطري ۾ آهي؟

مون جڏهن پنهنجي وسوسن جو اظهار ريکا سان ڪيو ته هوءَ اداس ٿي وئي، چوڻ لڳي:"تون چاهين ها ته اتي ترسي پيو سگهين! پر منهنجي لاءِ وڌيڪ ترسڻ ممڪن نه هو تون منهنجي خاوند کي نه ٿو سڃاڻين ان مون کي موٽڻ جي جا تاريخ ڏني هئي، ان تي مون لاءِ پهچڻ ضروري هو ورنه هو منهنجي کل لاهي ڇڏي ها!"

"ته ڇا ٿيو تنهنجي کل ٿي ته لاهي ها نه! پيو ڇا ڪري ها؟"

هڪڙو ڪڙڪو ٿيو هيٺ هڪڙو جهنگلي جانور ڊوڙندي گذريو. پوءِ وري خاموشي ڇانئجي وئي. پر وري ان خاموشيءَ دوران ڪنهن آکيري مان ڪنهن پکيءَ جي پرن ڦڙڪائڻ جو آواز آيو ۽ ان ئي وقت ڪٿي ڪنهن گدڙ اوناڙ ڪئي، ساڻ ساڻ ڪنهن ٻئي هنڌان، ڪجهه ٻين گدڙن به اوناڙون ڪيون، پوءِ خاموشي ڇانئجي وئي. ان سناٽي ۾ ٻوٽن ۾ لڪل ڏيڏرن جو آواز تيز ٿي ويو پر انهن جي ٽرٽر خاموشيءَ جو هڪ حصو پئي لڳي، ڄڻ خاموشي انهن جي آواز تي آهستي آهستي ساهه کڻي رهي هئي.

سوچي مون ريکا کي چيو:"سچ ايرڻ کان اڳ ۾ ئي اسانکي موٽي شهپارا پهچي وڃڻ گهرجي، هي علائقو ڊاڙيلن جو آهي، ان ڪري مان سمجهان ٿو ته ڏينهن جي روشنيءَ ۾ نڪرڻ بدران رات جي اونداهي اسان جي لاءِ زياده محفوظ رهندي، ان ڪري اسان کي جيترو به سفر ڪرڻو آهي، اهو رات جي انڌيري ۾ ڪرڻو پوندو نه ته ڏينهن جي سوجهري ۾ اسان جهلجي پونداسين."

ريکا چوڻ لڳي:"جيڪر توکي جيرا آباد جي رستي جي سُڌ هجي ها! اٿن جو رستو ته مون کي به معلوم آهي، پر هن وقت اسان ڪٿي آهيون! ڪا به خبر ڪانه ٿي پوي."

"ته پوءِ ته اهو ئي بهتر آهي ته واپس شهپارا موٽي هلون. آهستي آهستي، سنڀالي سنڀالي، نڪري هلنداسين ريکا."

"جيئن تنهنجي مرضي!"

"ته پوءِ هيٺ لهه ته واپس هلڻ جو ڪو رستو ڳولهي ته وٺون."

ريکا احتياط سان وڻ تان هيٺ لٿي، هيٺ ڌم جو آواز ٿيو جنهن کان پوءِ مان به وڻ تان لهي آيس.

هيٺ لهندي ڇا ڏسان تہ هڪڙو ڊاڙيل ريڪا جي منهن تي هٿ رکيو سندس ٻنهي ٻانهن کي جهلي جڪڙيو بيٺو آهي ۽ ريڪا پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

مان لٽس تہ ٻئي ڊاڙيل منهنجي سيني تي پنهنجي رائيفل تاڻي ورتي.

❊

**هن** جي سخت ۽ نفرت ڏياريندڙ چهري تي گهاتيون ڀرون هيون. جن جي هيٺان ڳاڙهين ڏونرن واريون اکيون. سوڙهي پيشاني، ٿلها چپ ۽ مضبوط ۽ ويڪرو سينو. ڪنن جي هيٺان ڳلن تائين پکڙيل نوڙيءَ وانگر وٽيل گهاٽيون مڇون. هو پيرن کان نهن جي چوٽيءَ تائين پڪو پڪو ڊاڙيل نظر اچي رهيو هو. سندس جسم کي ڏسي لڳو پئي تہ ان اڪيلي شخص ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجن ماڻهن جي طاقت هوندي. هن جي ساڄي ۽ کابي پاسي ٻہ باڊي گارڊ بيٺا هئا، جيڪي هن کان وڌيڪ ظالم ۽ تيز مزاج پئي لڳا.

هن مون کي چيو:"مون کي توسان نہ دلچسپي آهي نہ ئي منهنجو توسان ڪو جهيڙو جهڳڙو. تون وڃي سگهين ٿو."

مون چيو:"مان هن ڇوڪريءَ کي اڪيلو ڇڏي نہ ويندس."

هو چوڻ لڳو:" هيءَ ڇوڪري پرٽيل آهي، جيرا آباد جي ٺاڪر شِوچرن سنگهہ سان پرٽيل آهي، ٺاڪر هن کي ڇڏائي سگهي ٿو تون هن وٽ منهنجو نياپو کڻي وڃي سگهين ٿو."

"ڪهڙو نياپو؟" مون پڇيو.

"مون کي پنجويهہ هزار رپيا گهرجن. انهن رپين جي عيوض مان هن کي آزاد ڪندس. تون منهنجو نياپو کڻي وڃي سگهين ٿو."

مون چيو:"مون کي جيرا آباد جي رستي جي خبر نہ آهي."

چوڻ لڳو:"منهنجو ماڻهو توسان گڏ هلندو."

مون چيو:"ٿي سگهي ٿو ٺاڪر منهنجي ڳالهہ تي يقين نہ ڪري."

چوڻ لڳو:"هن کي يقين ڪرڻو پوندو هو توسان بنا هٿيار جي هتي اچي سگهي ٿو ۽ پنجويهہ هزار ڏئي پنهنجي زال کي ڇڏائي وڃي سگهي ٿو انهن ٻنهي کي جيرا آباد تائين بنا ڪنهن تڪليف جي وڃڻ ڏنو ويندو پر جيڪڏهن تون چاهين تہ اڄ ئي واپس وڃي سگهين ٿو ٺاڪر کي مان پاڻ ٻہ اطلاع ڪري ڇڏيندس."

مون ريڪا ڏانهن نهاريو هن جي اکين ۾ هڪ پل لاءِ ڪنوڻ جو چمڪو ٿيو پوءِ هن اکيون جهڪائي ڇڏيون پر هن جو ساهه پرجي آيو هو هوءَ وڏا وڏا ساهه کڻي رهي هئي، لڳو ٿي ڄڻ ڪجهه چوڻ چاهيندي هجي.

مون هن کي چيو:"مان اڪيلائيءَ ۾ ريڪا سان ڳالهائڻ چاهيان ٿو."

"چڱو." هن نرميءَ سان چيو"مان اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ايندس."

ائين چئي هو ته غار مان ٻاهر نڪري ويو پر مون کي معلوم هو ته اتان اسان جي فرار ٿيڻ جي هر ڪوشش بيڪار هوندي. غار جي ٻاهران به پهرو هو ۽ اسان جي ڀڄي وڃڻ جي پهرين ڪوشش ڪانپوءِ انهن جو اسان تي ٿورو به ڀروسو نه رهيو هو.

جڏهن اهي ٽئي ڏاڙيل ٻاهر هليا ويا ته مون ريڪا کان پڇڻ چاهيو پر منهنجي پڇڻ کان اڳ ۾ ئي هوءَ مٿو لوڏي سختيءَ وچان چوڻ لڳي:

"تنهنجو وڃڻ بيڪار آهي، منهنجو مڙس منهنجي لاءِ هڪڙي پائي به خرچ ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيندو."

"ڇو نه ڪندو؟"

هوءَ دير تائين خاموش رهي، پوءِ هٻڪندي چوڻ لڳي:"هڪ ٻي عورت آهي."

"اها به ڇهبڪ کائيندي هوندي."

"الائي ڇهبڪ کائيندي هوندي يا هن کي هٽندي هوندي. پر آهي هڪ خونخوار نٽڻي ۽ منهنجو مڙس ان جي چنبي ۾ آهي، انا نٽڻي هن موقعي کي غنيمت ڄاڻي هن کي روڪي ڇڏيندي."

"ڪوشش ڪرڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي."

"ڪوشش بيڪار آهي." ريڪا افسوس وچان چوڻ لڳي،"هو مون تي هڪڙي پائي به خرچ نه ڪندو. اٽلو ٽوٽي شڪ ڪندو. مان هن کان واقف آهيان نه!"

"پوءِ به هن سان ٿي رهين؟"

"مجبوري آهي! پر هن وقت انهن جي ذڪر ڪرڻ مان ڪهڙو حاصل! هاڻي سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو." ائين چئي هوءَ روئڻ لڳي.

"ڪجهه به ختم نه ٿيو آهي ريڪا."

مون هن کي دلجاءِ ڏيندي چيو"مان تنهنجي ماءُ وٽ وڃي سگهان ٿو."

چوڻ لڳي:"منهنجي ماءُ وٽ هاڻي ڇا رکيو آهي! هڪڙي پراڻي حاويلي ۽ زمين، ٿورا زيور، گهر ۾ مشڪل سان به چار رپيا موجود هوندا هن وٽ.... پنجويهه هزار ڪٿان ايندا؟.... نه نه هاڻي ڪجهه به نه ٿو ٿي سگهي." هوءَ هٿ مليندي چوڻ لڳي.

مون چيو: حاويلي وڪڻي سگهجي ٿي، زيور وڪڻي سگهجن ٿا. زمينون وڪڻي سگهجن ٿيون. ڇا ماءُ پنهنجي ڌيءَ لاءِ ايترو به نه ڪندي؟“

چوڻ لڳي: ”زيور بيشڪ وڪڻي سگهجن ٿا. انهن ڪي شهپارا جو ڪو شاهوڪار به خريد ڪري وٺندو پر اهي به مشڪل سان ٽن چئن هزارن جا ٿيندا. باقي بچي حاويلي ته جهنگ ۾ ٺهيل حاويلي ڪير وٺندو. ظاهر آهي اهو خريد ڪندو جيڪو زمين وٺڻ چاهيندو. پر ان جو گراهڪ؟“ هوءَ هڪدم چپ ٿي وئي.

مون چيو: ”جيڪڏهن تنهنجو مڙس اها رقم نه ڀريندو ۽ تنهنجي ماءُ به نه ڏئي سگهندي ته اها رقم مان پاڻ ڀريندس.“

”تون ڪٿان ڀريندين؟“

”منهنجو سوٽ ڪيس شهپارا اسٽيشن تي پيل آهي، جنهن ۾ ٽيهه هزار رپيا موجود آهن. ان ئي رقم سان مان فارم خريد ڪرڻ لاءِ آيو هوس. اها رقم ڪٿي هتي ڀري ڇڏيندس.“

”تون ائين ڪري سگهندين؟“

ريڪا روئڻهارڪي لهجي ۾ چوڻ لڳي.

”ها ڇو نه!“

جهيڻي آواز ۾ چوڻ لڳي: ”تون واقعي ائين ڪري سگهندين؟“ چوندي هن جون اکيون ڀرجي آيون.

مون حسرت وارين نظرن سان هن ڏانهن نهاريو هن به مون ڪي انهن نماڻين اکين سان نهاريو ان ڪانپوءِ هن جا ڳوڙها پلڪن مان ڳڙي ڳلن تائين وهي آيا.

پوءِ گهڻي دير تائين اسان ٻنهي مان ڪنهن به نه ڳالهايو.

ريڪا مون ڏانهن ڏسڻ ڪانسواءِ ئي، زمين تي نظرون کپائيندي ۽ پنهنجي آڱوٺي سان زمين کي کيڙيندي چيو:

”پر مان تنهنجي لاءِ ڪجهه به ڪري نه ٿي سگهان!“

”مان ڄاڻان ٿو.“

مون اعتماد سان چيو.

”پوءِ به تون....؟ هن ڌيمل آواز ۾ ڪجهه چوڻ چاهيو پر سندس زبان رڪجي وئي.

”ها، پوءِ به مان اهوئي ڪندس جيڪو توکي چئي چڪو آهيان.“

هن هڪ لمحي لاءِ مون ڏانهن نهاريو پوءِ دير تائين پير جي آڱوٺي سان زمين جي مٽي کوٽيندي رهي، جڻ ڪنهن اڻڄاڻ جذبي جي ڏِگ مان ڪنهن سوجهرو ڪندڙ ڇڻنگ کي ڳوليندي هجي، پر وات سان ڪجهه به چئي نه سگهندي هجي.

ٿوري دير ڪانپوءِ اهي ٽئي ڄڻا اندر غار ۾ آيا.
وڏي ڏاڙيل سواليہ نظرن سان مون ڏانهن نهاريو.
مون چيو:"مون سان گڏ ڪنهن بہ شخص کي هلڻ جي ضرورت نہ آهي، مان اڪيلو ئي ڪافي آهيان. رستو مون هن ڇوڪريءَ کان پڇي ورتو آهي، مان هن جي مڙس کان پنجويهہ هزار وٺي ٿو اچان."
"ٺيڪ آهي." وڏي ڏاڙيل مٿو لوڏي چوڻ لڳو "تون چاهين تہ هاڻي ئي وڃي ٿو سگهين. مان سٺن ڏينهن تائين تنهنجو انتظار ڪندس. تيستائين هيءَ ڇوڪري اسان وٽ رهندي."
"پر ان ڳالهہ جو ڪهڙو ڀروسو تہ هن جي عزت محفوظ رهندي!" مون ٻي ڏڙڪ ڇٽي ڏنو.
"اها ڳالهہ ڏاڙيلن جي شان وٽان بلڪل بہ نہ آهي، اهو تو سان شان سنگهہ جو وچن آهي." وڏي ڏاڙيل سيني تي هٿ هڻندي چيو "هن جي جان ڀلي محفوظ نہ هجي، پر هن جي عزت هر صورت ۾ محفوظ آهي."
"ڇا مطلب؟" مان پريشان ٿي چوڻ لڳس."جان محفوظ نہ هجڻ جو ڇا مطلب؟"
"مطلب اهو تہ...." ڏاڙيل شان سنگهہ مون کي سمجهائيندي چيو "جيڪڏهن تون سٺن ڏينهن جي اندر اندر رقم کڻي نہ آئين تہ مان تہ سٺين ڏينهن تائين تنهنجو اوسيئڙو ڪري وٺندس. سٺن ڏينهن کانپوءِ تہ ظاهر آهي مان هن ڇوڪريءَ کي گولي هڻي ماري ڇڏيندس."
"نہ نہ تون ائين نہ ٿو ڪري سگهين!" مون گهٻرائجي چيو.
شان سنگهہ کلي چوڻ لڳو:"مان جيڪڏهن اسان ائين نہ ڪريون تہ اسان کي ڪو هڪڙو آڏيلو بہ نہ ڏئي، اسان کي پنهنجي ڌنڌي ۾ ڪن اصولن تي پابند رهڻو پوندو آهي."
مان ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو جو اوچتو هڪڙو شخص اندر گهڙي آيو جنهن کي ڏسي مان ڇرڪي ويس.
هي اهو فوجي رونق سنگهہ هو!
ڏاڙهي وڌيل، ڏاڙيلن وارو خاڪي ڪپڙا، ر ميرا ۽ گهنجيل، شڪل انتهائي پريشان ۽ چڻ تہ ڳڻتيءَ ۾ ڳريل. هن منهنجي طرف نہ ڏٺو. هو ايتري قدر تہ پاڻ ۾ منجهيل هو جو لڳو ٿي تہ هو هن دنيا ۾ ٿي موجود نہ آهي.
"ڪيئن؟" شان سنگهہ هن کان پڇيو "تنهنجي ڳالهہ ٻولهہ جو ڇا نتيجو

نڪتو؟“

”چوڪري تہ مڃي ورتو آهي پر ساوتري ڪانہ ٿي مڃي!“

”تہ پوءِ؟“

”تہ پوءِ جيئن تون چوين؟“ رونق سنگھہ چيو.

”مان ڇا چوان. “ شان سنگھہ چوڻ لڳو”تو مون کان مدد گهري، مون انهن کي ڳولهي تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيو هاڻي تنهنجي مرضي جيئن وڻئي تيئن ڪر. انهن جي زندگيءَ جو مالڪ تہ هاڻي تون آهين.“

”پٽي پنهنجي جان گنوائيندا.“ هڪدم ڪاوڙمان چيائين.

پوءِ هن جي نگاهہ مون تي پئي، پوءِ هن ريکا ڏانهن نهاريو ۽ هڪدم حيران ٿي ويو هن جي وات مان نڪتو:

”اڙي...!“

مون چيو ”دلجاءِ ڪر، هيءَ تنهنجي ساوتري نہ آهي، ريکا آهي.“

رونق سنگھہ چوڻ لڳو:”جيڪڏهن مان هن وقت ساوتريءَ سان ملي نہ اچان ها تہ مون کي پورو يقين اچي وڃي ها تہ هيءَ ڇوڪري ئي ساوتري آهي.“

”ها!“ مون چيو”پهرين لمحي ۾ تہ مان بہ شڪجي ويو هوس.“

”پر انهن ٻنهي جون شڪليون ڪيتريون نہ ملن ٿيون پاڻ ۾!“

”پر اها مشابهت سطحي آهي.“ مون چيو.

شان سنگھہ رونق سنگھہ کان پڇيو:”تو ڪهڙو فيصلو ڪيو؟“

رونق سنگھہ چوڻ لڳو:”ڇوڪر کي مون ٻاهر وڻ سان ٻڌي ڇڏيو آهي، هن کي ساوتريءَ جي سامهون گولي هڻي ماري ڇڏيندس.“

”هلو ڏسون ٿا.“ پوءِ شان سنگھہ مون کي مخاطب ٿيندي چيو”تون بہ هل تہ جيئن توکي بہ پڪ ٿي وڃي تہ جيڪو اسان چوندا آهيون اهو هر صورت ۾ ڪندا آهيون.“

غار جي ڏکڻ ۾ ٿورو هموار علائقو هو وڻ بہ ڪي خال خال هئا، جن مان هڪ وڻ سان هڪڙو نوجوان ٻڌل هو. ڊگهي اُڀي ڳچي، وڏي ويڪري پيشانيءَ وارو چهرو ڳاڙهسرو رنگ، وارن ۾ سونهري رنگ جي جهلڪ، هٽ پير صاف سٿرا. پر شهري ڪنهن بہ صورت ۾ ڪونہ ٿي لڳو شڪل تي اهائي ڳوناٽي معصوميت هئس ۽ اکين ۾ محبت واري وڏائي.

رونق سنگھہ چيو:”ساوتريءَ کي سڏيو.“

ڪنهن جي وڃڻ کان اڳ ۾ ئي بہ ڏاڙيل ساوتريءَ کي جهلي اچي رهيا هئا،

هن جو چهرو لٽل هو اکين اڳيان اونداهي ڇانئجي وئي هئس، نظرون ڪنهن هڪ جاءِ تي نـ پئي ٽڪيس.

وڻ سان ٻڌل نوجوان جي اکين تي پٽي ٻڌل هئي.

رونق سنگهه رائيفل سڌي ڪندي چيو:"درشن سنگهه پنهنجي ڀڳوان کي ياد ڪري وٺ."

درشن سنگهه چوڻ لڳو:"تون گولي هلاءِ. وڌيڪ نـ ڳالهاءِ."

رونق سنگهه چيو:"جيڪڏهن تون ساوتريءَ تان هٿ کڻي ٿو تـ مان تنهنجي جان بخشي ڇڏيندس."

درشن سنگهه چوڻ لڳو:"مان ساوتريءَ تان هٿ کڻي بـ ڇڏيان پر هن جي محبت تان نـ. هوءَ تـ آخري پساهن تائين منهنجي من ۾ رهندي."

رونق سنگهه ڏند ڪرٽيندي رائيفل سڌي ڪندي چيو:"تـ پوءِ پٽ! مرڻ لاءِ تيار ٿي وڃ."

اوچتو ساوتري هڪ ڏاڙيل کان پاڻ ڇڏائي ڀڄندي اچي ان نوجوان جي سيني سان چنبڙي پئي ۽ هيانءَ ڦاڙي روئڻ لڳي.

رونق سنگهه گاج وانگر گجندي چيو:"ساوتري سامهون کان هٽي وڃ."

رونق سنگهه جو دڙڪو ٻڌي هوءَ ويتر ان نوجوان کي چهٽي پئي، هن مڙي رونق سنگهه ڏانهن ڏٺو هن جي نگاهن مان چٽنگون پئي نڪتيون. چوڻ لڳي:

"مارڻو اٿئي تـ اسان ٻنهي کي گڏ ماري ڇڏ. هلاءِ گولي."

رونق سنگهه چست ٻڌي.

ڪيترائي لمحا گذري ويا.

"هلاءِ گولي ڏسين ڇا ٿو؟"

ساوتريءَ رڙ ڪندي چيو.

رونق سنگهه نهايت ٿڏائيءَ سان چيو:"جيڪڏهن توهان ٻئي هڪ ٻئي کي ڇڏي ڏيو تـ مان توهان ٻنهي جي جان بخشي ڇڏيندس."

"اهڙي جيئڻ کان موت ڀلو آهي، تون گولي هلاءِ." ساوتري جي لهجي ۾ نفرت ۽ حقارت هئي.

"آخري ڀيرو ٿو توهان کان پڇان تـ ڇا تون هن ڇوڪري کي ڇڏي مون سان شادي ڪندينءَ؟"

"ڪڏهن بـ نـ! ڪڏهن بـ نـ." ساوتري وڏي شدت وچان چيو.

اسان ٻئي ساهـ روڪي اهو تماشو ڏسي رهيا هئاسين. رونق سنگهه جي

ڇهري تي پڳهر اڇي ويا هئا. ائين تي لڳو ڄڻ هن جي اندر ۾ ڪا لڙائي ٿيندي هجي. پوءِ اوچتو هن جا چپ پيڪوڙجي ويا. ۽ ڏند پيڪوڙيندي ٿورو ڏکاري لهجي ۾ چوڻ لڳو:

”ته ٺيڪ آهي، هڻ تيار ٿي وڃو مرڻ لاءِ.“

”بس مرڻ کان اڳ ۾ مون تي هڪڙي پلائي ڪر.“ نوجوان چيو.

”ڇاهي؟“

”منهنجي اکين تان لٽو لاهي ڇڏ.“

”ڪپڙي هٽائڻ سان تنهنجو ڪهڙو پلو ٿيندو؟“ رونق سنگهه کانئس پڇيو.

”ساوتريءَ کي آخري دم تائين ڏسي سگهندس.“

”مان چوان ٿو چپ ٿي وڃ.“ رونق سنگهه رڙ ڪندي چيو.

آهستي آهستي هن رائيفل سڌي ڪئي، ساوتري درشن سنگهه جي سيني تي ٽيڪ ڏيو بيٺي هئي.

شان سنگهه چيو:”اڄ تنهنجو امتحان آهي رونق سنگهه. اهڙو نشانو هڻ جو گولي، ڇوڪريءَ کي توڙي ڇوڪري جي سيني مان ٻسٽ پار ٿي وڃي، ٻنهي جي جان لاءِ بس هڪ ئي گولي ڪافي آهي.“

رونق سنگهه رائيفل کي ڇوڪريءَ جي سيني تائين مٿي ڪيو. هن جو سڄو ڇهرو پگهر جي پاڻي تي ويو هو چپ به ڏڪڻ لڳا هئس.

شان سنگهه چوڻ لڳو:

”هڪ......

ٻه.......

ٽي.....

چار....

پر گولي وري به نه هلي. آهستي آهستي رائيفل هيٺ ٿيڻ لڳي، ايستائين جو سندس پيرن تي ڪري پئي، رونق سنگهه ڏک کان ٻيٺو ٿيندي چيو:

”شان سنگهه هنن ٻنهي کي ڇڏي ڏي.“

اوچتو رونق سنگهه رائيفل کڻي ۽ ان کي ڳلي سان لڳائيندي روئڻ لڳو اصل ڍنڍڪارون ڏئي روئڻ لڳو ڄڻ سموري دنيا ۾ ان رائيفل کانسواءِ هن جو ڪو بيو ڪو به مٽ مائٽ، ڪو به ساٿي، سنگتي نه هجي!

❋

”تو انهن کي ماريو ڇو نہ؟“

”رونق سنگهہ ۾ مان، ڏاڙيلن جي علائقي مان نڪري ريل جي بند جو پاسو وٺيو شهپارا جي پاسي وڃي رهيا هئاسين.

رونق سنگهہ دير دير تائين خاموش هو نيٺ ڳالهائيندي چوڻ لڳو:

”ڪنهن تصوير منجهان هٿ جهلي ورتا هئا!“

”ڪهڙي تصوير؟“

”وڏين وڏين اکين ۾ ڪجل لڳل هوس. ميلي جي هڪڙي اسٽال تي ڪنهن جا سهڻا هٿ، ڪنگٽيون پاتل، هوا ۾ اڏامندڙ اهو آئينن جي ٽڪن وارو ڳاڙهو لينگو پڙو ۾ ڪنهن بيباڪ پکيءَ جيان ڪلندي ٽهڪ ڏيندي، هوا سان ڳالهيون ڪندي پئي وئي، عجيب تصوير هئي. جڏهن بہ مون نشانو پئي ورتو اها تصوير منهنجي سامهون پئي اچي وئي، ان تصوير مون کي مات ڏئي ڇڏي.“

رونق سنگهہ رائيفل سان رستي جي هڪ پٿر کي ڌڪو ڏنو ۾ خاموش ٿي ويو.

”پر تون شان سنگهہ وٽ ڪيئن پهتين؟“

”شان سنگهہ منهنجو ننڍي، هوندي جو دوست آهي، اسان ٻنهي اٺ جماعتون گڏ پڙهيون آهن، پوءِ مان فوج ۾ هليو ويس، شان سنگهہ ڏاڙيل ٿي ويو. مان ڪاوڙ ۾ تہ اڳي ئي هوس، سو جڏهن ڳوٺ کان نڪتس تہ سڌو پنهنجي دوست شان سنگهہ وٽ هليو ويس ۾ کيس چيم:

”مان بہ ڌاڪو ٽيڻ ٿو چاهيان“ پڇڻ لڳو:”ڇو؟ مون کيس پوري ڳالهہ ٻڌائي.“ چوڻ لڳو:”اسان وٽ جيڪو بہ ڪو گينگ ۾ شامل ٿيندو آهي، ان کي هڪڙو خون هرحالت ۾ ڪرڻو پوندو آهي. مون چيو:”مان هڪ نہ پر بہ خون ڪرڻ لاءِ تيار آهيان!“

شان سنگهہ پڇيو:”بہ خون ڪيئن؟“

مون چيو:”ساوتري جنهن ڇوڪري درشن سنگهہ سان ڀڄي آهي، جيڪڏهن تون انهن ٻنهي کي ڳولهي ڏيندي تہ مان انهن ٻنهي کي قتل ڪري تنهنجي گينگ ۾ شامل ٿي ويندس.“

هن ويچاري ڏينهن رات ڪري درشن ۾ ساوتريءَ کي ڳولهي ورتو پر مون ساوتريءَ سان شادي ڪرڻ ٿي چاهي، هن جي انهيءَ بي وفائيءَ جي باوجود مان هن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار هوس، پر هو ٻئي ڪنهن بہ صورت ۾ هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. آخرڪار مون پنهنجي رائيفل کنئي، پر انهن

تصويرن کان هارجي ويس، ڪڏهن ماڻهو تمام ننڍين ننڍين شين کان شڪست کائي ويهندو آهي.“

”پر تون تہ سپاهي آهين ۽ سپاهيءَ لاءِ بندوق هلائڻ مشڪل تہ نہ آهي!“

”سپاهي صرف دشمن تي گولي هلائي ٿو سگهي ۽ اهي ٻئي منهنجا دشمن نہ هئا، اهي ٻئي هڪ ٻئي جي محبت ۾ ايترو تہ ٻڏل هئا جو انهن جي اڳيان ڪو بہ ٽيون ماڻهو ڪونہ هو نہ دوست نہ دشمن. مان پاڻ هن جي نظرن ۾ هڪ ڌاريو هوس، اجنبي هوس، ڪنهن ويران سنسان هنڌ تي قتل اڪيلوءَ اجنبي وڻ. خبر نہ آهي مان ڇا ڳالهائي رهيو آهيان.“

”تون جيڪو بہ ڪجهہ ڳالهائي رهيو آهين، اهو مان سمجهي رهيو آهيان.“

”پڌ؟“ هو هڪدم ڇڻي چپ ٿي ويو. ۽ منهنجي ٻانهن کي جهلي بيهاري ڇڏيائين:

”پڌ.“ هن رڙ ڪندي چيو ”هڪ سپاهي ڪنهن اجنبيءَ تي گولي ڪيئن ٿو هلائي سگهي؟ شان سنگهہ مون تي کلي رهيو هو مان هن کي گوليءَ سان اڏائي بہ سگهيس پئي، پر هو منهنجو ننڍي هوندي جو دوست آهي، پر تو ڏٺو هن ڪيڏي نہ حقارت واري انداز ۾ چيو تہ تون ڌاڙيل ٽيڻ جي قابل نہ آهين....پر مان ڄاڻان ٿو تہ مان بزدل نہ آهيان، ڪانئر نہ آهيان، پر ها بدقسمت ضرور آهيان.“

مون پڇيو:”هاڻي تون ڇا ڪندين؟“

چوڻ لڳو:”سپاهي آهيان واپس پنهنجي رجمينٽ ۾ هليو ويندس، اينڊڙ لڙائيءَ جي خبر ۾ تون بہ ڪڏهن پڙهي وٺندين تہ صوبيدار ميجر رونق سنگهہ فرنٽ تي وڏي بهادريءَ سان لڙندي مارجي ويو.“

هو نهايت ذڪاري انداز سان مرڪيو مرڪڻ دوران هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا، پر مون هن جي دل رکڻ لاءِ ڳالهہ جو رخ ڦيرائيندي چيو:

”تون زنده رهندين رونق سنگهہ ۽ وري محبت ڪندين.“

چوڻ لڳو:”محبت تہ بس هڪڙو ڀيرو ٿي ٿيندي آهي، باقي تہ سمجهوتا هوندا آهن!“

باقي رستو اسان خاموشيءَ سان طئي ڪيو. هوشايد منهنجي پرسان هلندي بہ پنهنجي خيالن ۾ ايترو پري هليو ويو هو جو لڳو پئي تہ هو مون سان گڏ ڪونہ پئي هليو هوا تي موجود ئي نہ هو. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو موجود هوندي بہ موجود نہ هوندو آهي ۽ هلندي بہ ڄڻ هڪ هنڌ بيٺل هوندو آهي. ساهہ جي کڄڻ جي باوجود زندگيءَ کان اڳتي نڪري ويندو آهي. مون هن سان وڌيڪ ڪجهہ بہ

ڳالهائڻ نہ چاهيو ڇاڪاڻ تہ هو اتي موجود ئي ڪونہ هو.

*

**شهپارا** اسٽيشن تي پهچي مون لگيج آفيس مان سوٽ ڪيس ڪيرائي، کوليو. ڪپڙن جي تهن ۾ دٻائي رکيل. هڪڙو پوري رنگ جو لفافو رکيو هو جنهن ۾ ٽيهہ هزار رپيا هئا. اهو لفافو ڪڍي موڙي مروڙي مون کيسي ۾ وڌو سوٽ ڪيس بند ڪيو لگيج آفيس جي ڪلارڪ کي پنج رپيا خرچي ڏني، هدايت ڪيم تہ ممڪن آهي مون کي اچڻ ۾ ڪجهہ ڏينهن لڳي وڃن، سو منهنجي سوٽ ڪيس کي سنڀالي رکجانءِ. هن احتياط سان رکڻ جو وعدو ڪيو مون ڏٺو تہ هن جي شڪل تي پنجن رپين واري مرڪ بہ هئي.

پوءِ مان پوئتي موٽيس. رونق سنگهہ جي مهربانيءَ سان واپسيءَ جو رستو تہ مونکي معلوم ٿي ئي چڪو هو. گذريل پيري وارو هڪڙو ڏينهن، شهپارا ۾ رهڻ سبب مون کي اهو تہ اندازو ٿي ويو هو تہ ڪو شخص منهنجو پيڇو ڪري رهيو آهي. مون ڪنهن کي ڏٺو تہ ڪونہ پر ڪنهن پاڇي وانگر، ڪنهن جن وانگر مون کي ان جو هر وقت احساس ٿي رهيو هو.

جهنگ ۾ پهچڻ کانپوءِ اٽڪل ڪري مان هڪڙي طرف هلڻ لڳس، مشڪل سان ڪو سَو وال بہ نہ هليو هوندس تہ ڪنهن جي پيرن جو ڪڙڪو محسوس ڪيم، مڙي جو ڏسان تہ هڪڙو ڊاڙيل، مشين گن هٿ ۾ ڪنيون مون سان گڏ گڏ هلي رهيو آهي. شڪ يقين ۾ بدلجي ويو تہ ضرور ڪنهن منهنجو پيڇو ڪيو آهي.

اهو ڊاڙيل مون سان گڏ گڏ هلڻ لڳو ڪٿي رستو ڀُلي ٿي ويس تہ اڳيان اچي منهنجي رهنمائي بہ ڪيائين پئي. ٿورو اڳيرو هلڻ کانپوءِ هن مونکي چيو:

"هاڻي هتان کانپوءِ تنهنجي اکين تي پٽي ٻڌبي."

مون اکين تي پٽي ٻڌرائڻ کان ڪيس منع ڪئي تہ هن منهنجا هٿ پڪڙي منهنجي اکين تي ڪپڙي واري مضبوط پٽي ٻڌي ڇڏي. باقي بچيل رستو اسان ائين ئي طئي ڪيو بس ايترو ياد آهي تہ جڏهن پٽي کلي تہ مان شان سنگهہ جي سامهون هوس.

"رقم آندءِ؟"

مون هن کي پنجويهہ هزارن جا نوٽ ڳڻي ڏنا، جڏهن هن کي اطمينان ٿي ويو تہ هن مون سان گڏ آيل ڊاڙيل کي چيو:

”ريڪا کي آزاد ڪري هن جي حوالي ڪريو ۽ ها هنن کي احتياط ۽ حفاظت سان جهنگل جي آخري حد تائين ڇڏي اچو.“

❋

ڏاڙيل موٽي ويا هئا ۽ هاڻي اسان ٻئي هڪڙي پيچري تي پنڌ ڪندي وڃي رهيا هئاسين. ان وچ ۾ سڄو رستو ريڪا مون سان ڪجهه ڪونه ڳالهايو. جڏهن ڳچ پنڌ ڪري اڳتي نڪري آياسين ته مون ريڪا جو هٿ جهليو. هن ڪجهه به نه ڳالهايو بس چپ چاپ مون سان گڏگڏ هلندي رهي. ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪنهن گهري سوچ ويچار ۾ محو هئي. هن جي هٿ جي ڇهاءَ مان به اهو محسوس پئي ٿيو ته هن کي ڪنهن به ڳالهه تي ڳالهائڻ جي ضرورت ڪانه هئي، ڄڻ هن جا سمورا جذبا پنڌ پورا ٿي ويا هئا، بس هڪڙو ئي جان هٿ هو جيڪو منهنجي هٿ ۾ هو.

هڪ سنهڙي ندي، ننڍين ننڍين پٿرن تي وهندڙ سست رفتار نديءَ مان پار اُڪري، اسان ويهي ماني کاڌي، پاڻي پيتو. هوءَ دير دير تائين نديءَ جي پاڻيءَ سان منهن ڌوئيندي رهي ۽ اکين تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻندي رهي، ڄڻ اکين جي آڏو ڪو ڏنڊ ڇانئجي ويو هجيس، ڄڻ اکين تي پاڻي هاري ان کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

مون به هن کي ڪجهه ڪونه چيو. نديءَ جي پير ۾ هڪڙو املتاس جو وڻ بيٺو هو سو مان وڃي ان جي هيٺان ليٽي پيس.

ٿوري دير ڪانپوءِ هوءَ به آئي ۽ منهنجي پير ۾ اچي ويهي رهي، پوءِ هن پنهنجو مٿو منهنجي سيني تي رکيو.

مان هن جي وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳس.

ٿوري دير ڪانپوءِ هن گهٽيل آواز ۾ چيو:”مون کي پنهنجي ٻانهن ۾ لڪائي وٺ.“

❋

**پهاڙي** سلسلو ختم ٿي ويو هو ۽ جهنگل به. هاڻي اسان وڏن وڏن ڏڙن واري واديءَ ۾ پهچي ويا هئاسين جا خشڪ ٻوٽن ۽ ڪانڊيرن سان ڀريل هئي. ڪٿي ڪٿي ننڍا ننڍا واريءَ جا ڍڙا به هئا جن تي اٺن جي پيرن جا نشان به پيل هئا.

ريڪا چوڻ لڳي:”اٺن جو رستو اچي ويو آهي، هاڻي جيڪڏهن ڪو اوٺي نظر آيو ته مان ان تي چڙهي گهر هلي وينديس.“

”ته ڇا هي رستو جيرا آباد ڏانهن ٿو وڃي؟“

هن آگر جو اشارو ڪندي چيو:

”جيرا آباد تہ اچا پري آهي، هن واريا سي علائقي کي پار ڪنداسين تہ اوهُو! ننڍين ننڍين پهاڙين وارو جهنگل ايندو ڏسين ٿو نہ؟“

”ها؟“

”ان کي پار ڪرڻ ڪانپوءِ پئي طرف جيرا آباد آهي، پر مان توکي اوستائين نہ وٺي هلنديس، ڪنهن اوٺيءَ سان هلي ويندي، ڪو اٺ وارو نہ مليو تہ مان اڪيلي هلي وينديس، پهاڙن جي هن پاسي واري وادي تہ منهنجي پنهنجي وادي آهي، اتي ڪو بہ خطرو نہ آهي، اتان تہ خير گهر بہ ويجهو آهي، خطري جي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي.“

”نہ! مان توکي ڳوٺ جي دنگ تائين ڇڏڻ هلندس.“

”نہ نہ.“ هوءَ گهبرائجي چوڻ لڳي، ”ممڪن آهي هوباهر ٻنين تائين آيو هجي، وڏو ظالم آهي، هن سڄي علائقي جا ماڻهو ڪائنس ڏڃندا آهن.“

”نہ مان توسان ساڻ هلندس.“ مون سختيءَ سان چيو.

هوءَ روئڻهارڪي ٿي چوڻ لڳي: ”ڏس هي منهنجي عزت جو سوال آهي.“

مونکي ياد آيو بہ ڪلاڪ اڳ هن پاڻ مون کي منهنجي ٻانهن ۾ لڪائڻ لاءِ چيو هو تہ مون هن کي پنهنجي ٻانهن ۾ جڪڙي، پنهنجا ڳل هن جي ڳلن تي رکي ڇڏيا هئا، پوءِ منهنجا چپ هن جي چپن سان ملي ويا هئا ۽ جڏهن بيقرار هٿ هن جي سيني کي ڇهڻ لڳا هئا ۽ هن جي چولي جا بٽڻ کولڻ لڳو هوس تہ هڪدم منهنجي هٿ کي پري ڪري، سڏڪندي چيو هو:

”بابو مون تي ٽِڪو نہ لائجانءِ.“

۽ مون هن کي ڇڏي ڏنو هو ڇاڪاڻ تہ مون هن جي اندر جي ڪشمڪش کي محسوس ڪري ورتو هو ۽ مون چاهيو پئي تہ هوءَ پاڻ ئي منهنجي ٻانهن جي گهيري مان پاڻ ڇڏائي ڪو فيصلو ڪري، پوءِ بہ مون هن کي چيو هو:

”ڇا تون محبت کي ڪو بدنما داغ ٿي سمجهين؟“

هن جي چولي جو هڪڙو بٽڻ کلي ويو هو ۽ هن جي سيني جا اپار ڪنهن ڦاٿل پکيءَ وانگر چولي ۾ ئي ڦٿڪي رهيا هئا. منهنجي نگاهن حورخ ڏسي هن هڪدم پنهنجي رئي کي سيني تي ورائي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳي:

”هلون دير پئي ٿئي.“

سڄو رستو بيچينيءَ سان گذريو اڌ ۾ ڇڏيل ڳالهيون، اڻ چيل ڳالهيون، اڌ ۾ رهجي ويل نغما، اڻپورو سنگم، ٽٽل تصويرون، پرزا پرزا جذبا، نہ ڄاڻ زندگي

الائي ڪهڙي خطرناڪ موڙ تي اچي رسي آهي، اڳواٽ ڪجهه به معلوم نه ٿو ٿي سگهي، هي سفر ڪيڏانهن وٺي ويندو؟ هيءَ ڇوڪري ڇا ٿي چاهي؟ هن جي زندگيءَ جو وهڪرو ڪهڙي پاسي وهڻ ٿو چاهي! ڇا مان ان وهڪري منجهان پار اڪري ويندس؟ يا وچ سير ۾ لڙهي ويندس! ريڪا هاڻي منهنجي زندگيءَ جي ريڪا بڻجي چڪي هئي.

وروڪڙ وارياسن پيچرن تان هلندي هلندي آخر تائين ڪواٽ وارو ڪونه مليو نوريٽڙا،نانگ،جهنگلي سيهڙ ۽ ڪوئا ته مليا پر ڪو اوٺي نه مليو ۽ اسان تپيل رستي تي سفر ڪندا رهياسين. وري پهاڙي سلسلو شروع ٿي ويو ۽ وڻن جي ڇانءِ ۾ گرميءَ کان ٿورو بچي به وياسين. اٽڪل هڪ ڪلاڪ سفر ڪرڻ کانپوءِ هڪڙو به واٽو آيو. هڪڙي واٽ ته اندرين علائقي طرف پئي وئي، جتي پري کان ٿي ڇوٽي لائين وارو بند نظر پئي آيو. پر ٻي واٽ هڪڙي اوچي پهاڙ تان مٿان ٿيندي پئي ويئي.

اتي پهچي ريڪا بيهي رهي، چوڻ لڳي:

"هاڻي هتان ٿي مان اڪيلي ويندس."

"ڇو؟"

"هتان گهر ويجهو آهي."

"اهو ڪيئن؟"

"او هُو موڙ مڙي مان پهاڙيءَ جي مٿان ويندس، ٻئي پاسي ڪليل وادي آهي ۽ جيرا آباد.....بس تون هيستائين ٿي اچي سگهين ٿو هن کان اڳتي نه. تنهنجو رستو هي ميداني علائقي وارو رستو آهي جيڪو سڌو شهپارا ٿو وڃي. مان پنهنجي رستي سان ويندس، تون پنهنجي رستي سان ويندين...وعدو ڪر."

هن مون سان ڀاڪر پائيندي چيو.

"وعدو ته ڪريان ٿو پر منهنجو ڇا ٿيندو؟"

چوڻ لڳي:"تون شهپارا کان سڌو منهنجي ماءُ جي گهر هليو وڃجانءِ. مان به ٽن ڏينهن کانپوءِ موٽي ايندس، پوءِ تون جتي چوندين مان توسان اوڏانهن هلي هلنديس."

منهنجي من ۾ خوشيءَ جي هڪ لهر ڊوڙي آئي جا منهنجي رڳ رڳ ۾ سمائجي وئي.

"سچ ٿي چوين؟"

"ها." هن سهڪندي چيو.

مون هن کي ڳلي لڳايو دير دير تائين اسان هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ ٿي رهياسين. هڪ ٻئي جي چپڙن تي ترسي پياسين. نيٺ ڪنهن مجبوريءَ تحت هوءَ مون کان جدا ٿي چوڻ لڳي:

”چڱو هاڻي تون وڃ.....بس وڃ هليو.“

”ڀهرين تون وڃ.“

هن پنهنجو محبت وارو هٿ وڏي مشڪل سان ڇڏايو ۽ پنهنجي رستي تي وڃڻ لڳي. بلڪل ائين لڏندي وڃڻ لڳي جيئن سرينيءَ جي پهاڙن ۾ ٿئي هلي، مان هن جي پويان ڊوڙيس ۽ وچي هن کي ٻانهن ۾ ڪٽي ورتو ۽....

هن گهٽيل آواز ۾ چيو: ”هاڻي تون مون کي ماري ڇڏيندين ڇا. ساهه ڪڍي ڇڏيندين ڇا؟“

مون ٻانهن کي ڍرو ڪري ڇڏيو هن کي ٻانهن کان جدا ڪندي من ۾ ڪو ڪنڊو چڀي رهيو هو مان هن کان جدا ٿي ويس ۽ منهن ڦيري ورتو:

”توکي ڏسندس ته وري توکي اچي ڪٽي وٺندس. ان ڪري منهن ڦيري ٿو بيهان. تون بس مهرباني ڪر جلدي جلدي هلي وڃ.“

”چڱو.“ هن ٿڌو ساهه کڻندي چيو.

هن جو اهو ٿڌو ساهه پهاڙن، جهنگلن، ريتيءَ جي دڙن، نديـن ۾، ساري ڪائنات ۾ ڦهلجي ويو. ٿورڙيءَ دير ۾ ٿي جڏهن مون منهن ڦيرائي پوئتي نهاريو ته ڏٺم ته ريکا وڃي چڪي هئي. رڳو هن جو ٿڌو ساهه منهنجي چئني طرفن کان ڦيريون پائي مونکي ڀاڪر ۾ ڀري رهيو هو ڄڻ هوءَ ڪائنات جي ذري ذري ۾ سمائجي ٿڌا ساهه ڀريندي هجي.

”ريکا....“ مون هڪ وڏي رڙ ڪئي. مايوسيءَ وچان مان هن جي پويان ڊوڙڻ لڳس. ڀري ڀري تائين ڊوڙندو ويس. پر هوءَ مون کي ڪٿي به نظر نه آئي. ڊوڙندي ڊوڙندي پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهي ويس. پوءِ به هوءَ مون کي ڪٿي نظر نه آئي. ٻئي طرف وادي گهاٽي جهنگ ۽ اوچن اوچن دڙن سان ڀريل هئي. پر مون کي نه ريکا نظر آئي، نه جيرا آباد جو ڳوٺ. شايد هوءَ ڪنهن سوڙهي پيچري تان گذري اڳتي نڪري وئي هجي. يا شايد جيرا آباد جو ڳوٺ هن جهنگل جي پويان هجي.

مان مايوس ٿي واپس موٽيس. واپس به واٽي تي اچي مون لاهيءَ وارو رستو اختيار ڪيو هلندي هلندي رستي ۾ مون کي هڪڙو اوٺي مليو ان سان شهپارا تائين هلڻ جو ڪرايو طئي ڪري اٺ تي چڙهي ويٺس. اٺ جي هلڻ ڪانپوءِ محسوس ڪيم ته جيڪر ڪو واريءَ جو دڙو هلڻ لڳي ته بلڪل اٺ وانگر ٿي

ٿلندو هوندو. منهنجي اڳيان اڻ جو ڪونڌ هو جنهن کي ڏسي ائين پئي لڳو ڄڻ انسان جي سموري حياتي هڪڙو ڪُونڌُ هجي، ايڪڙ ٻيڏو ڦڏو

محبت کان ڀڳو هوس، محبت ۾ گرفتار ٿي ويو هوس. زندگي .......او زندگي.....الائي تہ تنهنجي ڪهڙي ڪل سڌي آهي؟

❋

**شهپارا** پڇي پئي ڏينهن تہ مان سراءِ ۾ ٿي ٽڪيو پيو هوس. سوچيم ريڪا تہ ٿن ڏينهن ڪانپوءِ ايندي، مان بہ ڏينهن اڳ ۾ وڃي ڇا ڪندس؟ هن واديءَ ۾ وڃي هڪ عجب قسم جي گهبراهٽ، اداسي ۽ بيچينيءَ جو احساس ٿيندو هو. ٺيڪ آهي، جنهن ڏينهن ريڪا ايندي، ان ئي ڏينهن ويندس.

ٻن ڏينهن سراءِ ۾ ترسيو پيو هوس، صبح شام سئر ڪرڻ لاءِ پري پري تائين هليو ويندو هوس. شهپارا ۾ ٻي تہ ڪا جاءِ ڏسڻ وٽان ڪانہ هئي، گندگيءَ سان ڀريل پوئتي پيل ڳوٺ هو سوين سال پراڻين حالتن ۾ ڦاٿل، ڪچين پٿين تي چيٽو ٿقيل، اگهاڙا ٻار ۽ مٽيءَ ۾ ليٽ پيٽ ڪندڙ ڳڏھ.

ٽئين ڏينهن، اجان پرھ ڪانہ ڦٽي هئي، رات جو ٽيون پهر هوندو جو مان سرينيءَ جي طرف روانو ٿي ويس. رات جي ان ٿڌي پهر ۾ سفر ڪرڻ سنوءِ آسان هوندو آهي، خاص ڪري جڏهن پنڌ پنڌ سفر ڪرڻو هجي. رستو وڻ، ٽنهن ڇپر، لوڙها توڙي ڊڙا سيئي ماڪ ۾ ڀنل ۽ ڏنڊڪار ۾ پوتن جيان نظر ايندڙ ساهہ روڪي بيٺل وڻ.

هلندي هلندي مان رستو ڀُلي ويس. رات جي اونداهيءَ ۾ رستو صحيح طور تي ياد ئي نہ رهيو اها بہ خبر ڪانہ پئجي سگهي تہ ڏوليا بستي رستي ۾ ڪيڏي مهل پوندي آهي ۽ ڪهڙو پاسو آهي؟ ڏوليا بستي ڪنهن پاسي کان نظر بہ ڪونہ پئي آئي، نہ اها ندي جا ان ڏينهن ڪنهن مست جذبن جيان چڙهيل هئي.

پوءِ جڏهن پرھ ڦٽي ۽ سج اڀريو تہ مون ڏٺو تہ سريني جي حدن ۾ آهيان، چئني پاسي ٻوڙا ۽ ڪانڊيرا پکڙيل هئا، ڪٿي ڪٿي وڻن جا جهڳٽا ۽ دنگ جي پريان سريني جو ٻهاڙي سلسلو. آهستي آهستي سڀ ڪجهہ ياد اچڻ لڳو ۽ رستو ڄاتل سڃاتل لڳو. مان اندازي سان ان پاسي هلڻ لڳس، جنهن پاسي گهاٽن وڻن جي جهڳٽي ۾ سروجا ديويءَ جي حاويلي هئي.

ڪلاڪ ڪن جي سفر کان پوءِ مون وڻن جي ان گهاٽي جهڳٽي کي سڃاڻي ورتو جيڪو هاڻي منهنجي نگاهن ۾ افق جيان سامهون هو جنهن جي ٻئي طرف

حاويلي هئي. اتي سروجا ديوي هوندي، خبر نہ آهي هن راوت سان ڪهڙي حالت ڪئي هوندي، الائي تہ راوت ڪهڙي ڪيڏ ڪيڏي هوندي. مون کي سروجا ديويءَ جي سونهن ياد اچڻ لڳي.

ڪجهہ بہ هجي اج ريڪا هن واديءَ ۾ ضرور ايندي! هن واديءَ ۾ ايندي چڻ منهنجي دل ۾ ايندي، مان اج ئي هن کي ساڻ ڪري واديءَ مان نڪري ويندس.

ريڪا جو خيال ايندي ئي منهنجي من ۾ خوشيءَ کان هلچل محسوس ٿيڻ لڳي ۽ منهنجا قدم تيز کان تيز تر ٿيندا ويا.

ٿوريءَ دير ۾ ئي مان وڻن جي ان جهڳٽي وٽ پهچي ويس، وڻن جو اهو جهڳٽو پار ڪري جڏهن مان ٻئي پاسي آيس تہ مان چند ساعتن لاءِ سڪتي ۾ اچي ويس.

اتي ڪا بہ حاويلي ڪانہ هئي.

*

**اڪيون** مهتي مهتي ڏنم، جنهن جيئري جاڳندي ۽ ثابت قسم جي حاويليءَ کي ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ ڏسي ويو هوس اتي سواءِ کنڊر جي ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هو. ڪي ورهيہ پراڻو کنڊر جُهريل ڏريل پٽيون. ڪي سڙيل حصا تہ ڪي ڪريل حصا، جن ۾ ڪي جهنگلي ٻوٽا ڦٽي پيا هئا. هڪڙي ديوار جي وچ مان ڦاٽ ڪائي هڪڙو ڏگهو ۽ ويڪرو پپل جو وڻ بہ ڦٽل هو. ظاهر آهي انهن چئن پنجن ڏينهن دوران تہ اتي پپل جو ٿلهو ٿڙ پيدا ڪونہ ٿي پيو هوندو.

چا مان ڪنهن ٻئي هنڌ تہ نہ اچي ويو آهيان، نہ.... پر هي تہ انهن ئي وڻن جو جهڳٽو آهي! اهائي جاءِ آهي، آسپاس جا دڙا، لاهيون بہ اهي ئي آهن جيڪي چند ڏينهن پهرين، پنهنجي اکين سان ڏسي ويو هوس. وري بہ دلجاءِ ڪرڻ لاءِ مان هيڏانهن هوڏانهن ڦري ڏسڻ لڳس. ڪيتري دير تائين ان بہ ماڙ حاويليءَ کي ڳولهيندو رهيس، سرينيءَ جي حدن ۾ وهندڙندي تہ ملي وئي، پر اها حاويلي ڪيڏانهن هلي وئي، اها ٻني ڪيڏانهن هلي وئي. لڳو پئي تہ ورهين کان هن علائقي ۾ ڪو بہ ٻني ٻارو ڪونہ ٿيو آهي.

گهمي ڦري وري بہ مان ان سڙيل کنڊر طرف اچي ويس. دير دير تائين مان مٽي کي هٿ ڏيو ويٺو رهيس، پر منجهيل معاملي جو سرو ڳولهي نہ سگهيس. پوءِ مان اتان اٽي شڪار گهر ڏانهن هليو ويس، پر جتي شڪار گاهہ هجڻ گهرجي ها! اتي ڪو بہ شڪار گهر موجود ڪونہ هو! ڪو بہ باغ يا باغيچو ڪونہ هو آسمان تي

ڪو ڪڪر بہ ڪونہ هو! بس چئني پاسي ويرانو جهنگلي ٻوڙا. ولين ۾ جهنگل ئي جهنگل. منهنجي جسم جون رڳون تاڻجي ويون. هيءَ ڪهڙي ماجرا آهي؟ دل ۾ هڪ عجيب دهشت پيدا ٿيڻ لڳي.

مان واپس ڪنڊر ۾ گهڙي ويس ۽ اتان ڪان طرف جو اندازو ڪري ڪواڙيءَ جي قلعي جي طرف وڃڻ لڳس. هلندي هلندي نيٺ ڪواڙيءَ جي قلعي تائين رسي ويس. قلعي ڪي سڃاڻي ٿورو سڪون محسوس ڪيم. ها تہ مان هتي ئي تہ آيو هوس، اهو ئي تہ قلعو هو اهي ئي تہ ان جا ڪنڊر آهن. جهڙا مون پهرين پيري ڏٺا هئا. هيءَ اها ئي تہ جاءِ هئي جتي مون پهريون ڀيرو ريڪا کي ڏٺو هو.....پر اتي پير جو ڪو بہ وڻ ڪونہ هو نہ ئي ان جو ڪو ٿڙ ئي موجود هو. بس ڪي سڪل ٽاريون ۽ پن وکريل هئا.

بي اختيار مون هڪ رڙ ڪئي:

”ريڪا.....“

ريڪا.......

ريڪا.......

منهنجو آواز قلعي جي ٿتل ديوارن سان ٽڪرائجي پڙاڏو بڻجي موٽي آيو منهنجو من پرجي آيو پوءِ هڪ گهري سناٽي ۾ جڻ ڪوئي مون کي چئي رهيو هو:

”هتان هليو وڃ.....“

هليو وڃ.....

هتي ڪوئي بہ ڪونهي.....

ڪو بہ نہ آهي هتي.......

بدن مان سيسراٽ نڪري ويا ۽ مون ڪڙيءَ تي زور رکي ڀڄڻ شروع ڪيو. ڀڄندو ويس، دور دور تائين. خبر بہ ڪانہ ٿي پئي تہ ڪيڏانهن پئي ڀڄندو ويس! منهنجي منزل ڪهڙي آهي، ڪٿي ترسڻو آهي؟ ڪيترو ڀڄڻو آهي؟ ساهہ مٺ ۾ هو ۽ مان ٿڙندي ٿاٻڙندي بس ڊوڙندو ئي ويس. منهنجا گوڏا ڇلجي ويا. ڪنڊيرا منهنجي پيرن جي ترن ۾ چُڀندا ويا. سڄو بدن پگهر ۾ شامل ٿي ويو.....پر مان ڊوڙندو ئي ويس.

شام جو ٽيهريءَ مهل مان سرينيءَ پهاڙن جي سرحدن کي ڇڏي، دنگ جي لاهي لهي، ان نديءَ جي ڪناري اچي پهتس، جيڪا مون ۽ ريڪا هڪ خطرناڪ حالتن ۾ گڏجي پار ڪئي هئي، پر هيءَ ندي تہ لڳ ڀڳ سڪل هئي، ڪٿي

ڪٽي پٿرن جي وچ مان پاڻيءَ جي ڏار سنهڙي لڪير وانگر وهي رهي هئي.
ندي اڪري ڪجور جي ان جهڳٽي ڪان پوءِ پئي پاسي ڏوليا بستي هئي، پر ڪٽي هئي اها ڏوليا بستي!
هتي تہ ڪو بہ دنگ ڪونہ هو ڪوئي ڳوٺ ڪونہ هو ڪا بہ پني ڪانہ هئي. اتي تہ رڳو هڪڙو پوڙهو ڏنار رڍون ٻڪريون چاري رهيو هو. اڇي چٽي ڏاڙهي، گهريون اداس اکيون، جنهن زندگيءَ جون سيئي لاهيون چاڙهيون ڏٺيون هجن. مون پوڙهي ڏار کي پرڻام ڪيو:
”رام رام بابا.“
”رام رام.“ هن جڳن ڪان اوجاڳيل لهجي ۾ چيو سندس آواز ۾ وڏو سڪون هو ابدي توانائي. هو پنهنجي اڇي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ ۾ لٺ سان ڏنار گهٽ فرشتو وڏيڪ پئي لڳو.
”بابا.“ مون پڇيو ”هتي سرينيءَ ۾ هڪڙي بہ ماڙ حاويلي هئي، سروجا ديويءَ جي اها ڪاڏي وئي؟“
”ڪڏهن جي ڳالهہ ٿو ڪرين؟“ هن منهنجي منهن ۾ نهاريندي چيو.
”بس ڪي ٿورا ڏينهن ٿيندا. مان اتي ترسيو بہ هوس.
”چريو تہ نہ ٿيو آهين. اها حاويلي تہ.... ستر اسي سال ٿيا! هڪڙي رات جو ان کي باهہ لڳي هئي. ان ۾ رهڻ وارا سيئي پاتي سڙي خاڪ ٿي ويا هئا. هڪڙو بہ نہ بچيو هو اها اٽڪل ستر اسي سال اڳ جي ڳالهہ آهي. جڏهن مان بالڪ هوس.“
بيٺي بيٺي منهنجون ڄنگهون ڏڪڻ لڳيون. مان مٿو جهلي زمين تي ويهي رهيس. منهنجي اکين اڳيان زمين گهمڻ لڳي. پوءِ جڏهن ساهہ سامت ۾ آيو تہ سج اولهہ جي طرف الهي رهيو هو ۽ ڏنار پنهنجي ڌڻ کي هڪلي وڃي رهيو هو.
مون ڪيس منٿ ميڙ ڪندي چيو:
”بابا توکي ڪجهہ ياد آهي تہ ان سروجا ديويءَ کي هڪڙي ڌيءَ بہ هئي؟“
”ها...!“ هن چيو ”ان جو نالو ريکا هو او هتي، تنهنجي پويان، ان جي سماڌي آهي.“
”سماڌي؟“ مون هڪدم مڙي ڏٺو.
پوڙهو ڏنار مون سان گڏ ان سماڌيءَ تائين هليو. سماڌي ڏاڍي پراڻي هئي. ٽٽل ۽ سينواريل. ٿوري مفاصلي تي ٻڙ جو وڻ هو ان سماڌيءَ جي ويجهو ڪو بہ وڻ ڪونہ هو دور دور تائين رڳو واري پئي اڏامي.

"سماڌي...؟" لفظ ڄڻ منهنجي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيو.

"ها پٽ..." پوڙهو ڏک کان اکيون بند ڪري چوڻ لڳو:

"ڏاڍي خوبصورت هئي، پر جوانيءَ ۾ ئي سَتي ٿي وئي."

"سَتي...؟

"ها.....زبردستيءَ کيس سَتي ڪري ساڙيو ويو. اصل ۾ هن جي خاوند کي هن تي شڪ ٿي پيو هو تہ هوءَ پاڻ تي ڪارنهن جو داغ لڳرائي آئي آهي، پاپ ڪري آئي آهي. ڏاڙيلن جي چنبي مان آزاد ٿي آئي هئي، جنهن هن کي آزاد ڪرايو هو اهو ڪو اجنبي هو جنهن ڏاڙيلن کي پنجويهہ هزار رپيا ڏئي هن کي ڇڏايو هو ان ڪري هن تي ڪارنهن جو الزام لڳايو ويو هو.

پوڙهو چپ ٿي ويو.

"پوءِ ڇا ٿيو؟"

"هڪڙي رات هوءَ پنهنجي مڙس جي گهران يڄي نڪتي، پنهنجي پيڪين ڏانهن وڃي رهي هئي، هن جو مڙس سندس پيڇو ڪري رهيو هو ۽ هن کي ان جاءِ تي اچي جهليائين ۽ ان ئي جاءِ تي هن کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيائين!

"اهو ڪڏهن جو واقعو آهي؟،

"ٽيندا هوندا اٽڪل ستر اسي ورهيہ. تڏهن مان ڇوڪرو هوندو هوس."

"ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي! ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟" منهنجو مٿو ڦيراٽيون کائڻ لڳو.

ڇا اهو سڀ ڪجهہ منهنجي اڳيان نہ ٿيو هو؟

ڇا مون اهو تماشو غيبي نگاهن سان ڏٺو هو؟

ڇا وقت ابتو بہ هلي سگهي ٿو؟

علم نجوم ٻڌائي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو شخص راڪيٽ ۾ ويهي، روشنيءَ جي رفتار سان اڏامي ۽ زمين کان بہ هزار نوري سالن جي مفاصلي تي هليو وڃي تہ اڄ کان بہ هزار سال اڳ جا واقعا ڏسي سگهي ٿو. هو ڏسي سگهي ٿو مسيح کي صليب تي چڙهندي، وڪرماجيت کي پنهنجي نوَ رتنن سان دربار لڳائيندي، ڪاليداس کي شڪنتلا لکندي. ڇا اهو سڀ مون سان بہ تہ نہ ٿيو هوا! پر مان ڪهڙي راڪيٽ تي چڙهي! ڪيڏانهن ويو هوس؟ مان تہ هن ئي زمين تي موجود هوس!

تہ شايد هي سڀ ڪجهہ خواب جي حالت ۾ ٿيو آهي، شايد مان هلندي هلندي ٿڪجي ڪواڙي قلعي جي ديوار کي ٽيڪ ڏئي سمهي پيو هوس ۽ غيب

جي نگاهن مون کي اهي نظارا ڏيکاريا. شايد انساني دماغ ۾ ڪجهه اهڙا خليا موجود آهن، جيڪي نه صرف ايندڙ وقت جي واڳ جهلي سگهن ٿا، بلڪ گذريل وقت ۾ ٿيل واقعن جي به ذهني تصوير چِٽي سگهن ٿا. شايد جيڪي ڪجهه ٿي گذري ٿو اهو ختم نه ٿو ٿئي، ڏنڊلڪن ۾ نظر ايندڙ تصويرن جيان، خواب جهڙي وٽندڙ حالت جيان، اسان جي آسپاس موجود رهي ٿو. اهي واقعا هاڻي به خلا ۾ گهمي رهيا آهن، اهي تصويرون اڃان به ڪٿي هلي رهيون آهن. اهي آواز هاڻي به فضا ۾ وکريل آهن ۽ گهمي رهيا آهن، ڦري رهيا آهن. جيئن ٽي وي اينٽينا ٽي پوندڙ لهرين کي ٽي ويءَ جي اسڪرين تي ڏيکارجي ٿو تيئن ڪو ڇهين حس رکڻ وارو حساس دماغ انسان پنهنجي ذهن تي پوندڙ لهرن کي ڏسي سگهي ٿو.

هاءِ هاءِ....پر مان ڪيئن مڃان، ڪيئن اعتبار ڪريان، اڃان تائين ته منهنجي ٻانهن ۾ هن جي بيچين بدن جي بي قراري، لوچ، منهنجي ساهن ۾ هن جي ساهن جي گرمي ۽ منهنجي چپن تي هن جي مٺڙن چپن جي ماکي...اڃان به تازي آهي.

مان ڇرين وانگر هن جي سماڌيءَ وٽ ويهي رهيس ۽ زور زور سان رڙيون ڪري هن کي سڏڻ لڳس:

”ريڪا ......ريڪا.......ريڪا......!“

ڳوڙها منهنجي اکين مان مينهن جي جهڙيءَ جيان وهڻ لڳا ۽ مون پنهنجا ٻئي هٿ ڪٺي هن جي سماڌيءَ تي رکيا.

پوڙهي ڏنار شفقت وچان منهنجي مٿي تي هٿ ڦيرائيندي چيو:

”پٽ، هاڻي اٿ، رات جي وڳڙي ۾ هت ڪو به نه ٽڪندو آهي.“

مان ڳوڙها اگهي اٿيس، سج افق جي آخري حد تائين رسي ويو هو اوچتو شفق جي ڳاڙهن ڪرڻن سان سماڌي ڳاڙهي لال ٿي وئي ۽ مون کي ائين لڳو ڄڻ ريڪا جو جسم وري باهه ۾ سڙي رهيو آهي. پوءِ سج الهي ويو ۽ هوا جو هڪڙو جهوٽو آيو ۽ سماڌيءَ تي واري ئي واري وکري وئي.

”هلو هاڻي هتان هلو، رات ٿيڻ واري آهي، رات جو هتي ڪو به رهي نه سگهندو آهي.“

مون آخري ڀيرو حسرت وچان ريڪا جي سماڌيءَ ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ پوڙهي ڪرار سان هلڻ لڳس. ويندي ويندي به بار بار مڙي ٽي ڏٺم، ايستائين جو اڳيان هڪڙي موڙ ڪاٽيوءِ سماڌي به منهنجي نظرن کان گم ٿي وئي.

*

شايد غيب جي اکين مون کي اها ڏيکاري ڏئي سمجهايو هو تہ شهرن کان جهنگلن جي پاسي پڄي وڃڻ سان زندگيءَ جا مسئلا حل ڪونہ ٿيندا آهن. جهنگلن جي ننڍين ننڍين آبادين ۾ بہ زندگيءَ جا مسئلا ساڳيا آهن, اهي ئي سازشون, خون, قتل, ڌاڙا, چوريون, ڦرلٽ, دولت ۽ زمين جي لالچ, محبت ۽ نفرت.... زندگي تہ سمورين ڏسائن ۾ رهي ٿي ۽ ان کان فرار ممڪن آهي ئي نہ!

اهو ممڪن آهي تہ جهنگل ۾ ڪو بہ ماڻهو نہ ملي, پر هڪڙو رڇ تہ ملندو ئي... جنهن جي بہ هڪڙي زندگي هوندي آهي, اتي جي زندگيءَ کي سمجهڻ ڪانسواءِ بہ تہ ان جو جهنگل ۾ رهڻ مشڪل آهي.... زندگي تہ هر ايندڙ پل ۾ تنهنجو پيڇو ڪندي..... زندگيءَ کان پڄي ڪٿي بہ وڃي نہ ٿو سگهين!

❊

**ان** ڪري مون شهپارا جنڪشن پهچي ڪلڪتي جي ٽڪيٽ ورتي ۽ آيا سان ملڻ لاءِ روانو ٿي ويس.

❊❊❊

